# ڏاھو ڏات ڏٺي



Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

Marfat.com

# ڏاهو ذات ڏٺي

تدوين ۽ ترتيب

محمد يوسف شيخ

ذخیرہ محمد اقبال مجددی

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Marfat.com

137011

كتاب ــــــــــــــــ ڏاهو ڏات ڏٺي

مدون/مرتب ــــــــــــــــ محمد يوسف شيخ

طابع ــــــــــــــــ علي رضا آفست پريس لاڙڪاڻو

ڪمپوزر ــــــــــــــــ نجم الدين بلوچ

ناشر ــــــــــــــــ پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

سال ــــــــــــــــ ١٩٩٨ (نومبر)

تعداد ــــــــــــــــ هڪ هزار

سرورق ــــــــــــــــ خدا بخش ابڙو
(بشڪريه روزنامه ڊان ڪراچي)

قيمت ــــــــــــــــ

Marfat.com

# سنڌ

| مضمون | ليکڪ/مترجم |
|---|---|
| * اقبال جو تصور ملت | محمد يوسف شيخ |
| * اقبال جو مرد مومن | محمد يوسف شيخ |
| * اقبال جو پيغام | نعيم صديقي/محمد يوسف شيخ |
| * اقبال جي غزل تي هڪ نظر | انيس گل عباسي |
| * اقبال جي شخصيت جا تخليقي عنصر | مولانا ابوالحسن علي ندوي/انيس گل عباسي |
| * اقبال قرآن جو پارکو | حافظ عبدالوهاب مگريو |
| * بيا بہ مجلس اقبال رحہ | سڪندر علي چنہ |
| * اقبال جو جمهوريت جو نظريو | پروفيسر محمد خان/ارباب علي پگهيو |
| * خدا جو تصور ۽ دعا جو مفهوم | ڊاڪٽر وحيدالدين/بشير احمد مهر |
| * اقبال ۽ سنڌي نوجوان | محمد عارف پناڻ |
| * اقبال جي شاعريءَ جو لب و لهجو | آغا در محمد |
| * اقبال جي شاعري ۽ جمهوريت | شميم احمد/آغا در محمد |
| * اقبال جي شاعري ۾ فطرت جو مطالعو | ڊاڪٽر سيد عبدالله/غلام مرتضيٰ شيخ |
| * اقبال جا پڙڏيهي مداح | ڊاڪٽر سيد عبدالله/فرخ ملڪ |
| * اقبال جي شاعريءَ جو بنيادي محرڪ | شميم احمد/عبدالخالق |
| * اقبال سان هڪ مڪالمو | محمد سعيد راشد/امتياز احمد شيخ |
| * اقبال ۽ عشقِ رسول صلي الله عليه وسلم | راحيل احمد شيخ |
| * علامہ اقبال ۽ مسجد قرطبہ | بخت علي سانگي |
| * ڪلام اقبال جون ادبي خوبيون | محمد ياسين شيخ |
| * فڪر اقبال | زاهد گل تنيو |
| * تصوف: رومي، لطيف ۽ اقبال جي نظر ۾ | فدا جتوئي |

Marfat.com

سرودِ رفتہ باز آید کہ ناید
نسیم از حجاز آید کہ ناید
سر آمد روزگار اینٔ فقیرے
دگر دانائے راز آید کہ ناید

Marfat.com

# من اندر جي اور

سنڌي ٻوليءَ ۾ علامہ اقبال جي فڪر ۽ فن تي لکيل ڪتابن جي جيڪڏهن ڳولا ڪبي تہ حيرت ٿيندي تہ هڪ زندہ جاويد شاعر، اسلامي دنيا جي هڪ عظيم مفڪر ۽ ڏاهي ۽ برصغير هند و پاڪ جي هڪ دوراندیش ۽ پيش بين سياستدان ۽ مدبر تي، اسانجي مٺڙي ٻوليءَ ۾ سواءِ هڪ ٻن ڪتابن جي ڪا طبع آزمائي ڪانہ ڪئي وئي آهي.

حقيقت ۾ ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي بمبئي کان آزادي، قائد اعظم جي چوڏنهن نقطن ۽ اقبال جي خطبہ الہ آباد جي مرهون منت آهي. ان لحاظ کان اهل سنڌ تي اقبال جو وڌيڪ حق آهي تہ اقبال جي فڪر ۽ فن کي عام ڪن. ان مقصد کي مدنظر رکندي، ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي، پنهنجي گوناگون نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي باوجود، اقبال جي ان احسان کي ڳائڻ جو اولين اعزاز حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ نومبر 1995ع ۾ يوم اقبال جي موقعي تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ اساتذہ ۽ ڪيڊٽس کان علامہ اقبال جي فڪر ۽ فن تي مضمون لکرايا ۽ مطبوعات اقبال جي سلسلي جو پهريون ڪتاب " اقبال - صاحبِ تخيل " ( Iqbal - The visionary ) شايع ڪيو. جنهن کي قارئين قبوليت جو شرف بخشيو.

توهان جي هٿن ۾ موجود هي ڪتاب " ڏاهو ذات ڏٺي" ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي پاران اقبال تي ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو پهرين ڪتاب کان مواد ۽ معيار ۾، خوب کان خوبتر جو زندہ مثال آهي. هن ڪتاب ۾ ڪاليج جي اساتذہ ۽ ڪيڊٽس جا طبعزاد ۽ ترجما ڪيل

Marfat.com

مضامين پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي هر لحاظ کان شاندار ۽ اقبال جي همہ جهتي فڪر ۽ فن تي اضافي جو باعث ٿيندا.

ملڪ جي استحڪام ۽ ملت جي اتحاد ۽ ترقي لاءِ ضروري. آهي تہ اسانجو نئون نسل پنهنجي آزاديءَ جي امامن ۽ قومي رهنمائن جي زندگين ۽ انهن جي فڪر کان واقف ٿئي تہ جيئن ڪين پنهنجي قومي ۽ ملي تحريڪ ۽ ان جي نتيجي ۾ ملندڙ آزادي ۽ پنهنجي آزاد ملڪ ۽ وطن جي اهميت مٿن واضح ٿئي. پنهنجي ماضيءَ کان واقفيت ۽ پنهنجن رهنمائن جي فڪر کان آگاهي موجوده ۽ آئينده نسلن لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيندي. لطيف بہ اسانجو آ تہ اقبال بہ اسانجو آ ڇو جو ٻنهي جي فڪر جا بنيادي سر چشما ساڳيا آهن يعني قرآن ڪريم ۽ مثنوي مولانا رومي.

علامہ اقبال جي پوري زندگي جو احاطو ڪرڻ ۽ سندس سموري فڪري ورثي جي اپياس ڪرڻ لاءِ ڪئي ڪتاب درڪار آهن. تڏهن بہ پوري ڪوشش ڪندي، فڪر اقبال جي هر پهلو تي هن ڪتاب ۾ مواد سهيڙيو ويو آهي، جيڪو اميد تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اقبال شناسي لاءِ هڪ بنياد ثابت ٿيندو.

گر قبول افتد زهے عزّ و شرف

محمد يوسف شيخ

۲۱ نومبر ۱۹۹۸ع

۱- شعبان ۱۴۱۹هہ

Marfat.com

محمد يوسف شيخ

# اقبال جو تصور ملت

ڪنهن بہ تصور، خيال، فڪر ۽ نظريہ يا ڪنهن پيغام کي تحريڪ سڏڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ ٽي ڳالهيون هئڻ گهرجن:

(1) مقصديت (2) همہ گيريت ۽ (3) آفاقيت.

ايئن ضروري نہ آهي تہ تحريڪ جا مقصد في الفور حاصل ٿي وڃن، مگر اهي مقصد اصولي حد تائين مستقل سچائي جا حامل هئڻ گهرجن.

همہ گيريت مان تحريڪ جي وسعت، گهرائي ۽ گيرائي جو ڏس ملندو آهي، ان مان اهو پڻ پتو پوندو آهي تہ تحريڪ فرد يا معاشري جي زندگيءَ جي ڪهڙن ڪهڙن پهلوئن تي اثرانداز ٿيندي يا انهن ۾ تبديلي آڻڻ جو عزم رکي ٿي.

تحريڪ جي آفاقيت مان مراد انجي زمان و مڪان کان بي نيازي آهي-اهائي تحريڪ آفاقي سڏبي جنهنجا مقاصد ۽ قول ڪنهن بہ وقت، ڪٿي بہ ۽ ڪنهن بہ معاشري ۾ نشانِ منزل طور اختيار ڪري سگهجن.

انهن گذارشات جي روشنيءَ ۾ جڏهن اسين شاعرِ مشرق، حڪيم الامت، مصورِ پاڪستان علامہ اقبال جي فڪر ۽ پيغام تي غور



Marfat.com

۽ ويچار ڪنداسون تہ اسانکي يقيني طور معلوم ٿيندو تہ انهن ۾ ڀرپور مقصديت، همہ گيريت ۽ آفاقيت موجود آهي-لهذا، علامہ اقبال پنهنجي افڪار، تصورات ۽ خيالات بدولت "انجمن في الذات ۽ "هڪ فرد ۾ تحريڪ" جي حيثيت سان اسانجي آڏو اچي ٿو.

اٺويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ جي منڍ ۾ جنم وٺندڙ اقبال جڏهن عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو، تہ هو غلام قوم جي فرد جي حيثيت سان پاڻکي سامراجي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسي ٿو، لهذا هن کي فطري طور پنهنجي وطن، ان وقت جي گڏيل هندوستان سان والهانہ پيار آهي-هن جو اهو پيار اڏما ڪائي اعلان ٿو ڪري،

سارے جهان سے اچها، هندوستان همارا
هم بلبلين هين اس کي، يہ گلستان همارا

وطن جي حب ۽ ان سان وابستگي ۽ وطن سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ جو جذبو هن جي رڳ رڳ ۾ رچيل آهي. ان جي اظهار ۾ افتخار محسوس ڪندي چوي ٿو،

چشتي نے جس زمين مين پيغامِ حق سنايا
نانک نے جس چمن مين وحدت کا گيت گايا
تاتاريون نے جس کو اپنا وطن بنايا
جس نے حجازيون سے دشتِ عرب چهڑايا
ميرا وطن وهي هے، ميرا وطن وهي هے

۽ اهلِ هندوستان کي نياڳي ننڊ مان جاڳائڻ، کين پنهنجي تشخص جو احساس ڏيارڻ ۽ منجهن آزاديءَ جي لوچ کي بيدار ڪرڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو.



Marfat.com

يہ خاموشي كهان تک؟ لـــذتِ فرياد پيـدا كـر
زمين پر تُو هو، اور تيري صدا هو آسمـانون مين
نہ سمجهوگے تو مٹ جائوگے اے هندوستان والـو
تمهـاري داستان تک بهي نہ هوگي داستانون مين

قومي انحطاط ۽ پسماندگي، بيوسي ۽ ويچارگيءَ جي سڃاڻ ۽ احساس سان علامہ اقبال جي شاعري ۽ فڪري سفر جي ابتدا ٿئي ٿي- فلسفو سندس دلپسند مضمون آهي ۽ ويچار ۽ غور و فڪر سندس محبوب مشغلو-انهيءَ مشغلي ۾ مصروفيت مٿس ڪئين رازن جو انڪشاف ڪري ٿي-مسلسل ۽ وسيع مطالعي سان سندس سوچ ۽ ان مان اخذ ٿيندڙ نتيجن کي مهميز ملي ٿي-ساڳي وقت هندوستان ۾ معاشي، معاشرتي ۽ سياسي تضادات ۽ ويڇا ڪيس پريشان ڪندا رهن ٿا-انهيءَ پريشانيءَ جو مکيہ ڪارڻ، ملتِ اسلاميہ جي شاندار ۽ تابناڪ ماضيءَ متعلق سندس ڄاڻ آهي، ساڳي وقت هو پنهنجي دور ۾ هندوستان کان علاوه دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مسلمانن جي ذهنن ذهنن وڌندڙ ابتريءَ جو بذاتِ خود مشاهدو ڪري ٿو-لهـذا، پنهنجي محض شاعرانہ حيثيت ۾ پڻ هو قوم ۽ ملت ڏانهن پاڻ کي جوابده سمجهي ٿو ۽ سندس خيال موجب ڪنهن بہ قوم ۾ شاعر جي حيثيت ساڳي آهي جيڪا سڄي انساني جسم ۾ اک کي حاصل آهي-اقبال چوي ٿو،

مبتلائے درد كـــوني عضو هو روتي هے آنكھ
كسقدر همدرد سارے جسم كي هوتي هے آنكھ

انهيءَ ٿي شعوري، فڪري ۽ احساساتي اوسر دوران اقبال



Marfat.com

1905ع ۾ يورپ ڏانهن اُسهي ٿو-يورپ ۾ اقبال ڀرپور ٽي سال رهيو- ان دوران ميونخ يونيورسٽيءَ جرمنيءَ مان ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين ۽ گڏوگڏ قانون جو اعليٰ ڪورس پڻ مڪمل ڪري ورتائين، جنهن سان ڪيس بيرسٽر سڏجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو.

يورپ ۾ قيام دوران اقبال اهلِ يورپ جي علوم و فنون ۾ واڌاري، معاشي ترقي، سياسي لاهن چاڙهن ۽ معاشرتي جوڙجڪ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو-هن ڏٺو ته باقي دنيا جي مٿان، ارڙهين اٺويهين صديءَ دوران يورپ پنهنجي جنهن غلبي جي ابتدا ڪئي هئي ۽ جنهن کي ڏينهون ڏينهن فروغ ۽ استحڪام حاصل ٿيندو پئي ويو، ان جو اهم سبب سندن سائنسي برتري ۽ ايجادات جي ڀرمار هئي-انهن ايجادات کي اهلِ يورپ، وقت جو ڀرپور ۽ بامقصد استعمال ڪرڻ سان ئي ممڪن بنايو هو-هن ڏٺو ته يورپ ۾ هر فرد پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن پيداواري ڪم ۾ مصروف رکي ٿو ۽ پنهنجي پيداواري صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ نيون نيون اختراعون ڪري ٿو، جن جي ڪامياب آزمائش سان هِمه نوع ايجادن لاءِ راه کلندي پئي وڃي-وڌي ڳالهه ته مصروفيت، وقت جي ڀرپور استعمال ۽ اختراعيت ۾ اهلِ يورپ چٽا ڀيٽيءَ جي اصول تي عمل ڪري رهيا هئا، جنهن سببان قومي خوشحاليءَ ۽ ترقي جا مواقع پيدا ٿي رهيا هئا-جيتوڻيڪ ڪيس اهڙي بي لغام چٽاڀيٽي جي دور رس اگرن نتيجن جو به احساس هو، مگر ڪيس اهلِ يورپ جي هِمه وقت جهد و عمل بيحد متاثر ڪيو.

انهن ئي اثرات جي نتيجي ۾ هو ان راءِ تي پهتو، ته مسلمانن جي ترقي لاءِ جديد علوم جي چاڻ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي استعمال ۽



Marfat.com

اٽڪ جدوجهد جي اصولن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

اقبال جي فڪر ۽ پيغام کي تحريڪي رنگ ڏيڻ ۽ يورپ ۾ قيام دوران سندس مطالعي، مشاهدي ۽ غور و فڪر کان علاوه يورپ جي نسل پرستيءَ خلاف سندس نفرت ۽ پهرين جنگِ عظيم دوران ۽ انجي نتيجي ۾ مسلمانن جي وطني ۽ نسلي گروهن ۾ تقسيم جو وڏو دخل آهي-مطالعي جي وسعت سان اقبال جي تاريخي شعور کي پڻ ڪشادگي ۽ گهرائي ملي. جنهن سان اسلام جي آفاقيت تي سندس ويساه پڪو پختو ٿي ويو ۽ کيس يقين ٿي ويو تہ انسانيت جي مسائل جو حل اسلام جي ابدي اصولن ۾ پنهان آهي.

مغربي معاشري ۾ روز بروز وڌندڙ بي راهروي، بد ڪرداري ۽ معاشي عدم مساوات کي ننديندي ۽ طنز ڪندي چوي ٿي.

بيـڪاري و عرياني و ميخواري و افلاس
کيا کم هين فرنگي مدنيت کي فتوحات!

ساڳي وقت مسلمانن ۾ مغرب کان مرعوبيت پڻ کيس وياڪل بنائڻ لاءِ ڪافي هئي، مسلمانن جي پنهنجي شاندار ماضيءَ کان بيخبري ۽ مغرب جي اندا ڌند پوئواري تي افسوس جو اظهار ڪندي چوي ٿو.

کرسکتے تهے جو اپنے زمانے کي امامت
وه کهنہ دماغ اپنے زمانے کے هين پيرو

1908ع ۾ علامہ اقبال جڏهن يورپ کان واپس وطن موٽي رهيو هو تہ واٽ تي سسليءَ جي ويراني ڏسي سندس دل ڀرجي آئي. ۽ کيس مخاطب ٿي چوڻ لڳو.



Marfat.com

رولے اب دل کھول کر اے دیدہء خونا بہ بار
وہ نظر آتا ھے تھذیبِ حجازي کـا مـــزار

المختصر، سندس فڪر ۽ پيغام ۾ ويهين صديءَ جي ماديت ۽ روحـانيت جي ڪشـمـڪش، انفرادي ۽ اجتمـاعي طور ماديت کـان مرعوبيت، انهيءَ مرعوبيت سببان معاشري جي جملي پهلوئن ۾ زوال جو احـسـاس ڪارفرمـا آهي-ان احـسـاس جو اظهـار ڪندي، علامـہ پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ فرمائي ٿو:

"موجوده دور جي ذهني سرگرمين مان جيڪي نتيجا مرتب ٿيا آهن، انهن جي اثر هيٺ انسان جو روح مرٽينگ تي چڪو آهي، يعني هو پنهنجي ضمير ۽ باطن کان وانجهو ٿي چڪو آهي"

پنهنجي هڪ ٻئي خطبي، بعنوانڻ "ڇا مذهب جو امڪان آهي" ۾ فرمائي ٿو:

"اڄ جي دنيا جنهن مايوسيءَ ۽ وياڪلپٽي ۾ گرفتار آهي ۽ جنهن جي زيرِ اثر انساني تهذيب کي هڪ زبردست خطرو لاحق آهي، ان جو علاج نہ عهدِ وسطيٰ جي صوفيانہ تحريڪ سان ٿي سگهي ٿو ۽ نہ جديد زماني جي وطني قوميت يا لادين اشتراڪيت جي تحريڪن سان، هن وقت دنيا کي نئين حياتيءَ جي ضرورت آهي-موجوده دور جو انسان، جيڪذهن اها اخلاقي ذميواري جيڪا مٿس سائنس وڌي آهي، کڻي سگهي ٿو تہ صرف مذهب جي ذريعي".

اها مذهبي قوت ڪيس اسلام جي ابدي ۽ آفاقي اصولن ۾ ئي نظر اچي ٿي.

نوع انسان جي تاريخ کي اقبال حق و باطل جي ڇڪتاڻ ۽



Marfat.com

مسلسل محاذ آرائيءَ جي حيثيت سان ڏسي ٿو-هن جي آڏو تاريخ انساني اصل ۾ خير ۽ شر جي وچ ۾ ڪشمڪش جو پيو نالو آهي- چوي ٿو،

ستيزه ڪار رها هے ازل سے تا امروز
چراغِ مصطفوي سے شرارِ بولهبي

اقبال کي اهو ويساه آهي تہ ان ڪشمڪش ۾ بالآخر فتح حق جي ٿيندي. ڪيس يقين آهي، تہ غفلت جي ننڊ ۾ ستل ملت ضرور سجاڳ ٿيندي، باط اونداهي ختم ٿيندي، ظلم ۽ استبداد جي پڄاڻي ٿيندي ۽ الحاد ۽ لادينيت جي يلغار سببان بدحواس انسانيت کي توحيد جي مرڪزيت تي جمع ٿيڻ سان وڃايل وٿ ملي ويندي،

شب گريزان هوگي آخر جلوهء خورشيد سے
يہ چمن معمور هوگا نغمۂ تـــوحيد سے

اهو توحيد جوئي پيغام آهي. جيڪو دراصل اقبال جي پيغام جو روح آهي ۽ جنهن سان اقبال اسانجي آڏو تحريڪ جي حيثيت سان ابري اچي ٿو. چو تہ توحيد جي تصور ۾ اهي سمورا عناصر شامل آهن جيڪي ڪنهن بہ تحريڪ جا ترڪيبي اجزا بنجي سگهن ٿا-يعني مقصديت. همہ گيريت ۽ آفاقيت.

توحيد جو مقصد آهي بني نوع انسان کي هڪ ئي لڙيءَ ۾ پروئڻ ۽ انجي همہ گيريت انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪارفرما آهي-مساوات. انصاف. احسان ۽ پائيچارو وغيره تڏهن ئي برپا ٿي سگهن ٿا. جڏهن انسانيت پنهنجي انفرادي توڙي اجتماعي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ توحيد کي بنياد بڻائي.



Marfat.com

توحيد جا اهي اصول ۽ مضمرات آفاقي آهن، جو تہ پنهنجي نتائج ۽ اثرات جي لحاظ کان اهي هر دور ۽ هر معاشري ۾ يکسان لاڳو آهن.

اقبال جي افڪار ۽ تعليمات جي عظمت جو اندازو، قائد اعظم جي انهن تاثرات مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جيڪي هن، 25 مارچ 1940ع تي پنجاب يونيورسٽي هال (لاهور) ۾ يومِ اقبال جي صدارت ڪندي بيان ڪيا. قائد اعظم فرمايو:

"جيڪڏهن آءٌ هندوستان ۾ اسلامي حڪومت ڪي قائم ٿيندو ڏسڻ لاءِ جيئرو رهان ۽ ان وقت مونکي چيو وڃي تہ هڪ پاسي ان اسلامي حڪومت ۾ رئيسِ اعليٰ جو عهدو آهي ۽ ٻئي پاسي اقبال جون لکتيون آهن، توکي ٻنهي مان جيڪا هڪڙي شيءِ وٺي ڪڻ، تہ آءٌ اقبال جي لکتين کي ترجيح ڏيندس"

(داستانِ اقبال ص 94)



Marfat.com

محمد يوسف شيخ

# اقبال جو مردِ مومن

مشهور فيلسوف، قديم يونان جو عظيم ترين ڏاهو ۽ دانا ء انسان جنهن کي پنهنجي سچائي، علم و حڪمت سان محبت ۽ اصول پسنديءَ جي ڏوهه ۾ زهر جو پيالو پيئڻو پيو سو يونان جي ايٿنس شهر ۾ معاشري جي مختلف طبقن سان ملاقاتيون ڪندو رهندو هو- انهن طبقن مان شعراء جي طبقي سان پڻ سندس اڪثر و بيشتر رهاڻيون رهنديون هيون. علم و حڪمت جو ڪوڏيو ۽ ڏاهپ جو بحرِ عظيم سقراط محفلن ۾ جن شعرن جون مختلف تاويلون ۽ تشريحون ٻڌندو هو، اهي شعر انهن شاعرن وٽ ڪٽي ويندو هو، جن جو اهو ڪلام هوندو هو. انهن شاعرن وٽ وڃي هو ڪائنس انهن شعرن جي اصل ۽ حقيقي معنيٰ ۽ انهن جي پس منظر متعلق پڇندو هو، جيڪو شعر چوڻ وقت انهن شاعرن جي ذهن ۾ تي پئي سگهيو-سقراط کي بيحد حيرت ٿيندي هئي جڏهن کيس معلوم ٿيندو هو، ته شعر چوڻ وقت شاعر جي ذهن ۾ هڪ محدود ۽ سطحي تصور هو جنهنجو انهيءَ وسيع علم و فڪر سان ڀرپور تشريح سان ڪو بہ تعلق ڪو نہ هو جيڪا علمي محفلن ۾ ڪئي پئي وئي، پوءِ هو پنهنجي حق پسندي هٿان مجبور ٿي انهيءَ حقيقت جو اظهار انهن شاعرن جي آڏو ڪري ڇڏيندو هو-آخر ۾ روانو ٿيڻ کان اڳ سقراط کين چٽي ڏيندو هو، ته



Marfat.com

اوهان ۾ منهنجي وچ ۾ فرق صرف اهو آهي تہ "مان بي علم آهيان پر مونکي خبر آهي تہ مان بي علم آهيان-اوهين بہ مون وانگر بي علم آهيو پر اوهان کي اها ڄاڻ ڪانہ آهي، تہ اوهين بي علم آهيو". اهوئي سبب آهي جو اهڙي عظيم دانا ء انسان جي مخالفت ۾ يونان جا شاعر پڻ سندرو ٻڌي بيٺا.

ان حڪايت جي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ اڪثر شاعر حضرات معنيٰ ۾ مطالب جي ان بحرِ بيڪران ڪان شعوري طور بيخبر هوندا آهن، جيڪو سندن شاعريءَ سان منسوب ڪيو ويندو آهي.

انجي برعڪس، اقبال جي ذهن و قلب ۾ سندس هڪ هڪ شعر، هڪ هڪ بند توڙي مصرع حتاڪہ هڪ هڪ لفظ ۾ اصطلاح جي نهايت وسيع معنيٰ شعوري طرح پيشِ نظر هئي، جڏهن تہ انهن جي توضيح ۾ تشريح وقت اسانجي نگاه محّدود هوندي آهي-اسانجي نگاه جي انهيءَ محدوديت جو سبب قرآن وسنت ڪان ناواقفيت. ملت جي عروج و عظمت ۾ انحطاط و زوال جي اسباب ڪان لاعلمي ۾ دنيا جي قومن، تهذيب و تمدن جي ارتقا ۾ علم و فنون جي اوسر ۾ خصوصاً ملت اسلاميہ جي تابناڪ تاريخ ڪان اڻڄاڻائي آهي-جڏهن تہ اقبال جي آڏو اهي سڀ شيون هر وقت سندس ذهن جي پردي تي هڪ فلم وانگر نمايان هونديون هيون-

ڪائنات جي تخليق، تخليق جي مقاصد ۾ انهن ۾ بہ وري خاص ڪري اشرف المخلوقات انسان جي تخليق ۾ سندس تخليق جي مقاصد تي اقبال جي اها آفاقي نگاه هئي جنهن ڪانئس اهو چورايو:



Marfat.com

کـــافر کي يہ پھـــچان کہ آفاق مين گم ھے
مومن کي يہ پھچان کہ گم اس مين ھے آفاق

اقبال جي آڏو مـومن جي سڃاڻ ۾ سندس ايمان جي پرک اها آهي، جو هو ڪائنات جي وسعتن ۾ گـهـراين جي پروڙ ضـرور رکندو آهي، مـگـر ان ۾ گـم نـہ ٿي ويـنـدو آهي-قـرآن ڪريم جي روشـنـيءَ ۾ اقبال کي خبر آهي، تہ خدا جو مسـڪـن مومن جي دل آهي-لهذا مومن جي دل جي ڪائنات لامحدود آهي، ڇو تـہ ڪائنات جو خالق اتي وسي بسـي پيـو. جڏهن تـہ ظاهري ڪـائـنـات جي آخر ڪا تـہ حـد هـونـدي- ڪـافـر جـو آفـاق ۾ گـم ٿـيڻ انـڪـري بـہ لازمي آهي جو هن جي سـوچ، کوجنا ۽ علمي جستجو جو بنياد محض سندس عقل آهي، جنهن جي هن ڪـائـنـات ۾ تمام ننڍڙي حيثيت آهي-محض پنهنجي عقل کي ڪافي سمجهڻ جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو تہ انسان ڪائنات جي نيرنگين ۾ ڀلجي پوندو. ۽ اقبال جو مومن پنهنجو فڪري سفر "يومنون بالغيب" سـان شـروع ڪري ٿـو-هو سڀ کـان اڳ پنهنجي خالق و مالڪ ۽ ربِ ڪائنات کي پنهنجي قلب ۾ وسائي ٿـو-مومـن جو فڪري سفر ۽ مومن جي علمي جسـتجو اٿندي ئي ان نـقطي کان شروع ٿي ٿئي جتي پهچي عقل بيوس ۽ لاچار ٿي پوندو آهي. يا ٻين لفظن ۾، ڏٺي وٺي بيهندو آهي-مومن مجسمہ ، عشق هوندو آهي، ڪافر محض عقل جو غلام- جنهنجو لازمي نتيجو اهو نڪرندو جو.

کـــود پڑا آتـــش نمرود مين عشق
عقل ھے محوِ تماشائي لبِ بام ابھي.



Marfat.com

ايمان ۽ عشق، پنهنجي خالق سان نينهن ۾ پانهپ واري ناتي سان پابند مومن، جڏهن پنهنجي عقل کي ڪائنات ۾ ڊوڙائي ٿو، ته هن تي هر لمحي ڪائنات جا اهڙا عميق ۽ پوشيده راز عيان ٿين ٿا، جن تائين ايمان کان عاري انسان جي سڄي ڄمار جي ڪاوش بعد به رسائي ناممڪن آهي-مومن جي انهيءَ نرالي انداز جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو،

هر لحظه هے مومن کي نئي آن نئي شان
گفتار مين کردار ميـں الله کي برهـــان

اهڙي مردِ خدا، خودشناس ۽ خدا شناس انسان سان ظاهر آهي ته ڪنهنجي ڪهڙي نسبت ۽ ڀيٽ ٿي سگهي ٿي؟ اقبال ان حقيقت کي هن ريت بيان ڪري ٿو،

اس مردِ خودآگاه سے کوئيؑ نسبت نهين تجھ کو
تو بندهء آفــاق هے ، وه صـــاحبِ آفـاق

جيئن مون منڍ ۾ عرض ڪيو، اقبال رحہ قرآن جو وڏو پارکو ۽ سنت جو سڃاڻ هو-هن جي نزديڪ قرآن وسنت علم و حڪمت جا سرچشما ۽ انوارِ هدايت جا مرڪز هئا-قرآن جي آيت آهي-

مُحَمد رَسُولُ اللهِ والذينَ مَعه
اَشِدّآءُ عَلَي الکُفّارِ رحمَآءُ بَينهُم (الفتح)

(محمد صہ الله جو رسول آهي ۽ اهي جيڪي ساڻن گڏ آهن سي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ ٻاجهارا آهن)



Marfat.com

قرآن ڪريم جي انهن آيات جي روشنيءَ ۾ علامہ اقبال رحہ مومن جون صفات هن ريت بيان ڪري ٿو،

هو حلقہء ياران تو بريشم کي طرح نرم
رزمِ حق و باطل هو تو فولاد هے مومن

هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو،

حديث بندہء مومن دل آويز
جگر پر خَون، نفس روشن، نگہ تيز
ميسر هو کسے ديدار اس کا
کہ هے وہ رونقِ محفل کم آميز

قهاري و غفاري و قدوسي و جبروت
يہ چار عناصر هون تو بنتا هے مسلمان

يہ راز کسي کو نهين معلوم کہ مومن
قاري نظر آتا هے حقيقت مين هے قرآن

اقبال جو مردِ مومن اول توڙي آخر مسلمان آهي-اهڙو مسلمان جنهن جو مرڻ ۽ جيئڻ، دوستي ۽ دشمني ۽ محبت توڙي نفرت محض خدا ڪارڻ هوندي آهي-اقبال جو مردِ مومن زبان، لباس، رنگ و نسل جي امتيازات کي خدا جون نشانيون ضرور تسليم ڪري ٿو مگر انهن کي فضيلت ۽ اڪرام جو بنياد هر گز نہ ٿو چاهي-اقبال جي مردِ مومن جو وطن ضرور آهي مگر هو وطنيت جو قائل هرگز ناهي-ان مردِ خدا



Marfat.com

جو خاڪي هجڻ هڪ ازلي حقيقت مگر خاڪ سان محبت هن جي فطرت جي خلاف آهي-اقبال جي مردِ مومن جو مطمع نظر ۽ نقطہ نگاه آفاقي ۽ ڪائناتي هجڻ ڪان اڳيرو آهي-لهذا، اهي سمورا ظاهري فرق ۽ ويڇا هن جي آڏو هيچ آهن،

افلاک سے هے اس کي حريفانہ کشاکش
خاکي هے مگر خاک سے آزاد هے مومن

دارا و سکندر سے وه مـــــردِ فقير اولا
هو جس کي فقيري مين بوئے اسد اللهي

اس دور مين بهي مردِ خدا کو هے ميسر
جو معجزه پربت کو بنا سکتا هے رائي



Marfat.com

نعيم صديقي
مترجم: محمد يوسف شيخ

# اقبال جو پيغام

انسان جي پنهنجي هستي ٿي هن لاءِ سڀ کان وڏيڪ ڪشش رکندڙ دلبر آهي- فرد توڙي معاشرو، جنهن محبوب سان وڏ ۾ وڏ پيار ڪندو آهي اهو سندس پنهنجو ئي امتيازي وجود آهي.

ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ پڻ ضروري آهي ته سڀ کان پهريائين پنهنجي وجود کي سمجهيو وڃي، مادي تي دسترس حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ اهو لازم آهي ته پهريائين پنهنجو پاڻ کي قابو ڪيو وڃي، ۽ خدا تائين پهچڻ لاءِ به اهو ضروري آهي ته پنهنجي مقام ۽ حيثيت جي معرفت حاصل ڪئي وڃي.

انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي، لاڳيتي ۽ اڻکٽ مهم اهائي آهي ته انسان پنهنجي ڳولها ۾ سرگردان آهي. اڪثر ايئن ٿيندو آهي ته هو مادي ڪائنات جي ڪاڪ ۾ پلجي ويندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کان به وڇڙي ويندو آهي، ستارن جا گس ۽ پنڌ ڳولهڻ واري کي پنهنجي فڪر جي دنيا ۾ پير پائڻ لاءِ به وات نه لبندي آهي. ايئن به ٿيندو آهي ته هو خدا جي ڳولها ۾ نڪرندو آهي ۽ رهبانيت جي واديءَ ۾ وڃي "رب ارني" پڪاريندو آهي، مگر اتان ڪيس جواب ملندو آهي "لن تراني".

باآدمے نرسيدي خدا چه مي جوني
زخـود گريخته آشنا چه مي جوني



Marfat.com

جڏهن پنهنجي ذات جي پروڙ حاصل ٿيندي آهي تہ خدا بہ ملي ويندو آهي ۽ ڪائنات پڻ مسخر ٿي ويندي آهي، انهيءَ مقام جو نالو خودي آهي، جيڪا اقبال جي فڪر جو مرڪزي اصطلاح آهي.

اسين هڪ اهڙي بدنصيب ملت آهيون جيڪا تاريخ جي ڏکي سفر ۾ پنهنجي امتيازي هستيءَ جي شعور کي وڃائي ويٺي آهي. اسان جي سڀ کان قيمتي موڙي ڦرجي وئي آهي، بلڪہ شايد اسان پاڻ ان کي پنهنجي سخاوت جي جنوني شان خاطر لٽايو آهي.

تخت ۽ تاج ڪسجي وري واپس ملي سگهن ٿا، دولت ۽ شان برباد ٿيڻ بعد وري بہ هٿ اچي سگهن ٿا، علم ۽ فن کي وري نئين سر نروار ڪري سگهجي ٿو، حتاڪہ آزادي پڻ وڃي ۽ مري ماري بحال ڪري سگهجي ٿي، مگر جڏهن خودي ڦرجي وڃي ۽ دل مرده ٿي وڃي تہ پوءِ پاڻ پنهجن پيرن تي بيهڻ سولو ڪونهي، بدقسمتيءَ سان اسان کي سڀ کان وڏي بربادي اهائي پيش آئي آهي.

متاعِ ديـــن و دانش لٹ گئي الله والوں کي
يہ کس کافر ادا کا غمزہء خون ريز هے ساقي

پنهنجي انهيءَ ڦرجڻ جو شايد احساس نہ ٿئي ها ۽ ان ۾ شدت بہ پيدا نہ ٿئي ها جيڪڏهن زماني اسان کي تخت ۽ تاج کان محروم ڪري وري وري چيپاٽيو ۽ لتاڙيو نہ هجي ها.

سزائے سنگين سہ رهے هين، شعور اب تک نهين خطا کا
همين گــراتا رهـــا هے گردون هميشہ اونچا اٹها اٹها کے



Marfat.com

زماني جي حادثن اسانکي لاڳيتو جنهجهوڙينديءَ اسانجي اندر جي آهن کي اهڙو تہ رت سان رنگيو جو هر نئين پيدا ٿيندڙ پيڙا اسان ۾ پيهر ڳولها جي لڳن پيدا ڪئي. حضرت شاه ولي الله جون لکڻيون هجن يا سرحد جي مجاهدن جي تلوار جي جهنڪار، شبليءَ جو مرثيو هجي يا حاليءَ جي دانهن، سرسيد جي زماني سان ناهي هلڻ واري ذاهپ هجي يا مولانا محمود الحسن ۽ مولانا محمد قاسم نانوتويءَ جي زماني کي للڪارڻ جي دعوت، اڪبر جي طنزيات هجي، مسدس حالي يا اقبال جو ترانہ ، حرڪت آموز هجي، محمد علي جوهر جو جنونِ خلافت هجي يا سيد مودوديءَ جي اقامتِ دين واري تحريڪ- هر هنڌ پنهنجي ذات جي سڃاڻ واري تڙپ نظر اچي ٿي، هر طرف پنهنجو پاڻ کي گم ڪري ويهڻ تي اندر جي پيڙا جو احساس نمايان آهي ۽ دين و دانش ۽ ادب ۽ فن جي مختلف واٽن کان مختلف عناصر ملتِ اسلاميہ جي خودي جي ڳولها ۾ مصروف نظر اچن ٿا. اها جستجو اڃا جاري آهي ۽ شايد اڳي کان وڌيڪ ڏکين مرحلن ۾ آهي.

اقبال عام ۽ خاص جي نگاهن جو مرڪز ڇو بڻيو؟ اقبال سان سندس قوم جون اصل دلچسپيون، رڳو سندس شاعر يا فلسفي هجڻ ڪري ناهن، هو ابن ڏاڏن جي زور تي آڪڙ واري انهي جذبي هيٺ ڪوريل ڪو بت ناهي جنهن کي تصورات جي مندر ۾ ڪوڙي، قوم مٿس عقيدت جا گل نڇاور ڪندي هجي.

اقبال دلين ۽ دماغن تي گهرو اثر انڪري وڌو آهي جو هن جي صدا جي لاٽ ملت لاءِ ڳولها جي راهہ ۾ هڪ جرڪندڙ فانوس ثابت



Marfat.com

سوريندي، شعر جي جام ۾ ذات جي شعور جي منڊ اوتي تہ هڪ هڪ نوجوان تي انجو نهايت گهرو اثر پيو.

وهي نامحڪمي دل ڪي، وهي ديرينہ بيماري

علاج اس ڪا وهي آبِ نشاط انگيز هے ساقي

اقبال جي سخن جو جادو خاص ڪري ان لاءِ بہ گهڻو ڪارگر ثابت ٿيو جو هو پاڻ، مغرب جي ميخانہ ۽ علم و ثقافت جو پياڪ رهڻ بعد بنا ڪنهن مرعوبيت ۽ احساسِ ڪمتريءَ جي ان جي خلاف تنقيد، احتجاج ۽ برات و بيزاريءَ جي صدا بڻجي اٿيو. ان دور ۾ مغرب جي خلاف مغرب جي سڪهہ توڙي هيٺائي ڪان اڃاڻ مولوين جا واعظ بي اثر پئي ٿيا. مگر مغرب ڪي چاهيندڙ اقبال جڏهن پاڻ ئي ڪليمانہ انداز ۾ دليل جي عصا کڻي مغرب جي ئي خلاف اٿي ڪڙو ٿيو تہ هن ملت کي ماده پرستانہ فڪر ۽ تهذيب جي وهڪري مان اڪاريو جنهن ۾ ڦاسي پوڻ سان ملت وري پنهنجن پيرن تي بيهي نہ سگهي ها.

اقبال جي نغمي نوجوانن کي نئون ولولو ڏنو. جنهن جي اثر هيٺ، انگريزن سان آزاديءَ جي جنگ وڙهڻ سان گڏوگڏ اسلام جي ڪٽر دشمن، متعصب هندو فسطائيت جي خطري سان مهاڏو اٽڪائيندي هو تحريڪِ پاڪستان جو علمبردار بڻجي سگهيو.

اقبال جي شعري ڪارنامي جو هڪڙو امتيازي پهلو هي آهي تہ هن شاعريءَ کي ان تصوراتي پيچري مان ٻاهر ڪڍيو جيڪو عملي زندگيءَ کي نظر انداز ڪري جوڙيو ويو هو. جنهن ۾ بيشمار شاعر پنهنجون پنهنجون ٻوليون ٻولي ۽ هڪٻئي جي ٻولين کي ورجائي عالمِ



Marfat.com

فانيءَ ڏانهن رمندا رهيا. اقبال کي تاريخ جي جنهن دور سان واسطو هو ۽ جنهن جي پيدا ڪيل مسائل سان هن کي هر وقت منهن ڏيڻو پئي پيو. انهن کان الڳ ٿي هن ڪابہ مثانهين (تصوراتي) سخن جي دنيا نہ بڻائي. هو بزمِ سخن ۾ آيو تہ پنهنجي دور جي مسئلن، پنهنجي دور جي بحثن ۽ مختلف عناصر جي وچ ۾ پنهنجي دور جي ڇڪتاڻ کي پاڻ سان کنيو آيو. غلامي ۽ آزاديءَ جا مسئلا، وطنيت ۽ قوميت جا بحث، سرمايي ۽ پورهيئي جا جهيڙا، مسلمانن مٿان گذرندڙ ڏيل ڏڪائيندڙ حالتون، يورپ جي مادي تهذيب جي ظاهري ڏيک ويک ۾ لڪل اونداهيون، مذهب ۽ سياست ۾ ويڇن جا فتنا، عالمي امن ۽ جنگ جا قضيا مطلب تہ تاريخ جي جن طوفاني ڇولين ۾ هو ڦاٿل هو، اهي سندس شاعريءَ ۾ جيئڻ جو تيئڻ ڏڏڪا ڏيکاريندڙيون نظر اچن ٿيون.

اقبال جو شاعراڻو فڪر ڪنهن اوپري تهذيب کان اڌارو ورتل بوٽو ڪينهي، بلڪہ هن پنهنجي ئي ماضي جي ٻج کي حال جي سرزمين ۾ پوکي مستقبل لاءِ هڪ اهڙي پوک پوکي جنهن جون پاڙون پنهنجي تاريخ ۾ پري پري تائين اونهائي ۾ لهنديون ويون. هو زندگيءَ جو پيغام ڪٿان خيرات ۾ ڪونہ ٿو وٺي اچي، بلڪہ ان کي پنهنجي ئي اندر مان پيدا ڪري ٿو، سندس پيغام جي لئہ تال جتي گذريل دورن سان هم آهنگ آهي اتي ايندڙ دور سان پڻ مڪمل سازگاري رکي ٿي.

اقبال جي شاعريءَ جو پهريو امتيازي نشان هي آهي تہ سندس فني ڪاوشون رڳو سندس ذات جي چوڌاري نہ ٿيون ڦرن، هن جا ذاتي مقصد، ذاتي غم ۽ ذاتي خوشيون هن جو اصل سرمايہ، سخن ڪينهن-



Marfat.com

هو اسانجي آڏو پنهنجا وڇوڙي ۽ وصال جا قصا ڪونہ ٿو ڪٿي اڇي، ۽ رڳو ذاتي تجربن ۽ ڪيفيتن بيان ڪرڻ تي ڳت ڪونہ ٿو ڏئي، بلڪہ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ فرد جي بجاءِ هڪ اجتماعي انسان ۽ فردِ ملت جي حيثيت ۾ نمودار ٿئي ٿو. سندس شاعري جو پس منظر اجتماعيت آهي، هو پوري ملت ۽ انسانيت جو ترجمان بڻجي ٿو، سندس غم، غمِ جان ۽ غمِ جانان کان اڳتي وڌي غم انسان جي بلنديءَ تائين پهچي ٿو. سندس غم جي اها عظمت ۽ موضوع جي اها وسعت ئي اقبال کي عظيم شاعر بنائڻ جو هڪ وڏو سبب آهي. انهيءَ شيءِ سندس شاعريءَ ۾ پيغمبريءَ جو روح پيدا ڪيو.

اقبال جي شعري تجربي جو هي پهلو بہ قابل ذِڪر آهي تہ هن شعر کي مقصديت سان مالا مال ڪيو ۽ اهڙي تہ سهڻي ڍانو سان ڪيو جو ڪنهن واعظ يا پروپيگنڊا جو رنگ ڪٿي بہ نظر نٿو اچي. فن جي متعلق سندس نظريي جي ترجماني شايد هي شعر بهترين طور ڪري سگهي ٿو:

وہ شعــر کہ پيغامِ حيات ابدي ھے
يا نغمہء جبريل ھے يا صورِ اسرافيل

يعني فن ۽ خصوصاً شاعريءَ جو اصل مقصد هي آهي تہ اها انسان کي هن عارضي زندگي کان ابدي زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃي. انڪري شعر کي هر حالت ۾ پيغام هجڻ گهرجي. اهو پيغام هڪ مرحلي ۾ تعمير جو ٿي سگهي ٿو ۽ ٻئي مرحلي ۾ انقلابي عمل جو. ان جو هڪ رنگ نغمۂ جبريل جو رنگ آهي تہ ٻيو صورِ اسرافيل جو.



Marfat.com

شعر جي دنيا ۾ شعر کي ڇيهو رسائڻ کانسواءِ جيڪڏهن مقصد پنهنجو ٿل حاصل ڪري سگهي ٿو تہ اهو صرف تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو زندگيءَ جي جملي تجربن ۽ ذهني ڪاوشن ۾ رچي ۽ سموئجي وڃي، دل ونگاه ۾ جذب ٿي وڃي ۽ هڪ والهانہ ڪيفيت، هڪ قسم جي حال ۽ هڪ عشق جي جذبي جو روپ اختيار ڪري، ان جو هڪڙو منڍ جيڪڏهن شعور سان ملندو هجي تہ ٻيو جذبات سان. اقبال پاڻ بہ پنهنجي دل ۽ جان جي پاتال ۾ مقصد جون پاڙون پختيون ڪيون هيون، لتيجتا، هو جيڪڏهن فطرت جي منظرن تي بہ نگاه وجهي ٿو تہ سندس نگاه مان ڇڻندڙ شعري گلن مان مقصديت جو هڳاءُ اچي ٿو جڏهن تہ ان ۾ مقصد سببان تر برابر بہ بار محسوس نہ ٿو ٿئي.

قلب و نظر کي زندگيءَ دشتِ صبح کا سمان
چشمہ ء آفتاب سے نور کي نديان روان

صحرا جي صبح واري لطيف منظر مان نہ رڳو هو فرحت حاصل ڪري ٿو بلڪہ هن جي آڏو ان ۾ قلب و نظر لاءِ زندگي حاصل ڪرڻ جو سامان پڻ رکيل آهي.

اقبال جو پيغام ڇا آهي؟

اسانجي لاءِ اقبال جو پيغام هي آهي تہ پنهنجو پاڻ کي ڄاڻو ۽ سمجهو، پنهنجو پاڻ کي قائم ۽ بحال ڪريو، پاڻ کي ٻين کان مجرايو ۽ ان ڏس ۾ جيڪا بہ جنگ جوٽڻي هجي، جوٽيو.

پنهنجا اعتقاد، پنهنجا نظريا، پنهنجا تاريخي تجربا، پنهنجا



137011

Marfat.com

محفلن مان نيڪالي ڏني وئي هئي تنهن کي اقبال هڪ پرعظمت تحريڪ جي حيثيت سان پاڻ سان گڏ ڪٺي ايوانِ سخن ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ ان محبوب جي شان ۾ لڳاتار قصيدا پڙهيائين ان ڏس ۾ اقبال جو اصل ڪمال اهو آهي تہ هن اسلام جي روشن صداقتن کي شعر ۾ اهڙي شان سان سمويو جو شعريت کي ڪو بہ ڇيهو رسڻ بجاءِ شعريت ويتر نکري پئي، فن جي ناوڪ موڙڪو تيز ٿي دلين ۾ پيهجي وئي. هن ان مقصد لاءِ نوان شاعراڻا اصطلاح ٺاهيا، ترڪيبون ايجاد ڪيون، تشبيهون ۽ استعارا گهڙيا، نوان اشارا ۽ رمزون فراهم ڪيون، حتاڪہ غزل ۾ پڻ اهڙي صلاحيت پيدا ڪيائين جو اهو پنهنجي لطافت ۽ نزاڪت کي برقرار رکندي ئوس اسلامي صداقتن جو بار کڻي سگهي.

حاليءَ جيڪو ڪم مسدس ۾ ڪيو هو، ان جا مخاطب رڳو مسلمان ٿي پئي سگهيا، مگر اقبال حاليءَ جي ڪم کي اڳتي ڪٺي ايستائين پهچائي ڇڏيو جو اسلام جو پيغام مسلمانن کان علاوه پوري انسانيت جو ڌيان بہ جذب ڪري سگهي. اقبال جا اولين مخاطب مسلمان هئا، مگر سندس وسيع تر خطاب سڄي بني نوع انسان لاءِ هو.



Marfat.com

انيس گل عباسي

# اقبال جي غزل تي هڪ نظر

دنيا جي ڪنهن به وڏي شاعر، اديب، مصور، مفڪر، دانشور، فلاسفر، ڏاهي، نقاش يا ڪنهن به تخليقڪار جي فني ۽ فڪري زندگيءَ تي نظر وجهنداسين ته اسانکي سندس فني توڙي فڪري زندگيءَ جا ڪيترائي دور نظر ايندا. يعني سندس فڪري يا تخليقي سفر ڪيترن ئي مرحلن ۾ ورهايل نظر ايندو! مطلب ته سندس سوچ ۽ فن، فڪر درجا بدرجا اڳتي وڌي اهو مقام حاصل ڪيو هوندو آهي.

اقبال جي شاعري ۽ فڪر کي به اسان اهڙن ئي مرحلن ۾ ورهايل ڏسون ٿا. يعني سندس شاعري ۽ فڪري زندگي مختلف دؤرن ۾ ورهايل آهي. سندس فڪر ۽ شاعري جو پهريون دؤر سن 1894ع کان شروع ٿئي ٿو. يعني اقبال ننڍي ڄمار کان ئي شاعري جي شروعات ڪئي هئي، جنهن دؤر جو اختتام 1905ع تائين ٿئي ٿو. هن پهرين دؤر ۾ اقبال جي شاعري ۾ وطن دوستي ۽ جذبات جي شدت ملي ٿي جنهن ۾ سندس غزل به شامل آهي.

اقبال جي شاعري جيئن ته فڪري مرحلا طئه ڪري اڳتي وڌي. سندس غزل وارو دؤر سندس شاعري جو ابتدائي دؤر هو. يعني اهو دؤر جنهن ۾ سيڪڙاٽ شاعر فڪر جي وسعت ۽ گهرائي جي جڳهه تي رنگين سوچ ۽ جذبات کي گهڻو استعمال ڪندو آهي ۽ سندس فڪر



Marfat.com

پنهنجي پسند جي شاعرن کان اثر وٺندو آهي. ساڳيءَ ريت اقبال جي غزل ۾ اسانکي رنگين مزاجيءَ جذبات جو ڀرپور استعمال نظر اچي ٿو. ملاحظہ ڪريو هيٺيون غزل:

تم آزماؤ "ھاں" کو زبان سے نکال کے
یہ صدقے ھوگئي میرے سوالِ وصال کے

کم بخت اک "نہیں" کي ھزاروں ھیں صورتیں
ھوتے ھیں سؤ جواب، سوالِ وصال کے

مارے ھیں آسمان نے مجھے تاک تاک کر
کیا بے خطا ھیں تیر کمانِ ھلال کے

حسرت نہیں کسي کي تمنا نہیں ھوں میں
مجھ کو نکالیے گا ذرا دیکھ بھال کے

بگڑے حیانہ شوخيءِ رفتار سے کھیں
چلتے نہیں وہ اپنا دو پٹہ سنبھال کے

اے ضبط ھوشیار مرا حرف مدعا
قابو میں آنہ جائے زبانِ سوال کے

موتي سمجھ کے شانِ کریمي نے چن لئے
قطرے جو تھے مرے عرقِ انفعال کے.

مٿين غزل کي اقبال لاهور جي هڪ محفلِ مشاعره ۾ پڙهيو جنهن جي صدارت ان وقت جو مشهور شاعر ارشد گورگاني ڪري رهيو هو. ارشد گورگاني اقبال جي هيٺين شعر کي ايترو ته داد ڏنو جو مشاعري ۾ واهه واهه ٿي وئي.



Marfat.com

موتي سمجهہ کے شانِ کريمي نے چن لئے
قطرے جو تھے مــــرے عرقِ انفعال کے

واقعي! ايتري ننڍي عمر ۾ هڪ نوآموز شاعر اهڙو ڀرپور شعر لکي، جنهن ۾ رنگِ تغزل پنهنجي انتها تي هجي ۽ تشبيهہ جو بہ جواب نہ هجي تہ پوءِ داد تہ ان جو حق آهي. غور ڪريو تہ ندامت مان آيل پگهر جي قطرن کي عرقِ انفعال چئي موتين سان تشبيهہ ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي ۽ خيال جي حد اها آهي تہ انهن قطرن کي بارگاهِ ڪريمي تائين رسائي وٺي ڏيڻ ئي شاعرائي ڪمال ۾ شمار ٿئي ٿو.

اها ڳالهہ حقيقت آهي تہ اقبال ان دؤر جي مشهور شاعر. فصيح الملڪ ميرزا داغ دهلوي جي شاعريءَ ڪان اثر ورتو ۽ سندس غزلن ۾ داغ جو اثر نماياں بہ نظر اچي ٿو مگر اقبال ان اثر کي بہ رنگين ڪري پيش ڪيو! مثال داغ جي هيٺين غزل جي زمين تي اقبال هڪ طويل غزل لکيو جنهن جا ڪجهہ شعر ڏجن ٿا.

داغ جي غزل جي مطلع آهي؛

ان آنکھـــون نے کيا کيا تماشا نہ ديکھـا
حقيقت مين جو ديـکھنا تھــا نــہ ديکھـا

اقبال؛

بھـت تـــونے اے آنکھہ! ديکھے تماشے
جسے ديکھنا، ديکھنا تھـــا نہ ديکھا.

ظھور و عدم اپنا مشکل شـــــرر تھا
يہ سمجھو کہ دنيا کو ديکھـا نہ ديکھا.



Marfat.com

اگرچہ پھـــرا مین بہت اس چمن مین،
کسي نے میرا آنـــــا، جانا نہ دیکھـــا!

داغ جیئڻ تہ اقبال جو پهريون ۽ آخري استاد هو جنهن کي شاعري جي فن ۾ اقبال خود استاد مڃيو ۽ نہ صرف مڃيو بلڪہ ان کي خط لکي کيس پنهنجي شاعري جي اصلاح ڪرڻ لاء چيائين ۽ پنهنجن ڪجهہ شعرن ۾ ان جو اظهار بہ ڪيو اٿس.

جنابِ داغ کي اقبـــال یہ ســـاري کـــرامت هے
تیرے جیسے کو،کرڈالا سخندان بهي، سخنور بهي

ان لاء اقبال کي ابتدا ۾ داغ جو شعري مزاج اختيار ڪرڻو پيو! جنهن جو کيس شاگردي جي ناتي حق بہ حاصل هيو، پر بعد ۾ اقبال ان تقليد کان باغي بہ نظر ٿو اچي ۽ چئي ٿو ڏئي تہ:

تقلید کي روش سے تو بهتر هے خـــــودکشي
رستہ بهي ڈهونڈ، خضر کا سودا بهي چهوڑدے

اقبال واقعي رستو ڳولهيندو اڳتي وڌندو رهيو ۽ اها منزل آئي جو داغ جي زمين تي غزل لکڻ ترڪ ڪري، ان جي تقليد ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجو رستو اختيار ڪيائين ۽ ان رستي ئي سندس قوم کي هڪ نئين راهہ عطا ڪئي ۽ اهو جذبو ۽ ولولو ڏنو جو اڄ بہ ان ۾ تحرڪ نظر ٿو اچي.

دهر میـــن ذوقِ ســـکون تجهہ کو هے پيغامِ فنا
تازہ رکهہ جوشِ ســـفر شمس و قمر کي صورت



Marfat.com

ضربِ شمشیرِ حوادث سے نہ کھـو قوتِ ضبط
سخت خوددار ھو دنیا مین سپر کـي صورت

نام روشـن تـو رھے ، عمر ھو گر برقِ خرام
زندگي چاھیے دنیا مین شرر کي صـورت

ھے گـل و لالہ کي صورت تو انھي سـي لیکن
ان مین یہ سـوز نھین قلب و جگر کي صورت

ھا کائنات ۾ آرام ۽ سکون پسندي قومن لاءِ بیشڪ تباھي ۽ فنا جو پیغام آھي. جیڪڏھن زندگي حاصل ڪرڻي آھي تہ تحرڪ ۽ تحریڪ کي ناھي ڇڏڻو بلڪ شرر تي رھڻو آھي ۽ ایئن جوشِ سفر کي تازو رکڻو آھي جیئن سج ۽ چنڊ صدین کان رکیون پیا اچن ۽ سندن نیم ۽ رفتار ۾ ڪڏھن بہ، ذري برابر فرق ناھي آیو.

علامہ جي غزل ۾ حسنِ الفاظ جو اھڙو استعمال ڪیل آھي جو ڪنھن بہ جڳھہ تي لفظن جا ترڪیبي جزا ۽ عبارت جي تشڪیل ھلڪي نہ ٿي لڳي. ڇاڪاڻ تہ اقبال کي خبر ھئي تہ لفظ جذبات، احساسات ۽ تصورات جي نمائندگي ڪن ٿا. لفظ ئي ٻولي ۽ ادب جو سرمایو ھوندا آھن.

اقبال جیتوڻیڪ پنھنجي غزلن ۾ حسن و عشق جي میدانن ۾ بہ جولاني ڏیکاري آھي، پر ڪٿي بہ اسین سندس لفظن جي پاڪیزگي ۽ شائستگي، فصاحت متاثر ٿیندي نہ ٿا ڏسون-مثال:

کیا مـزہ بلبل کـو آیـا ، شـیوہءِ بیداد کا
ڈھـونڈتي پھـرتي ھے اڑ اڑ کر جـو گھر صیّاد کا



Marfat.com

کس بتِ پردہ نشین کے عشق مین ھون مبتلا
حسرتِ دل پر ھے برقع، دامنِ فریاد کا

ھائے کس کس لطف سے ظالم نے بتلایا مجھے
بھول کر گلچین سے پوچھا تھا پتہ صیّاد کا

ھوگیا اقبال قیدي محفلِ گجرات کا
کام کرتے ھین جھان انسان بھي صیّاد کا

اقبال جي غزل ۾ لفظي صنعتن جو استعمال به استادانه آهي- نمولي طور ملاحظه ڪريو:

پھول ھین صحرا مین یا پریان قطار اندر قطار
اودے اودے، نیلے نیلے، پیلے پیلے پیرھن

لفظن جو تکرار مصراعن ۾ حسن پيدا ٿو ڪري،

وري صحرائي گلن کي پرين جي قطارن سان مشابه ڪري پيش ٿو ڪري ۽ سندن مختلف رنگن کي رنگين لباس ۾ ملبوس ڏيکاري ٿو.

مٿئين شعر ۾ صنعت ايهام تناسب استعمال ڪئي اٿس-يعني ڪلام ۾ اهڙو لفظ آڻجي جنهن جون به معنائون هجن، هڪڙي مقصود ٻي غير مقصود.

دختر کے برھمنے لالہ رخے سمن برے
چشم بروئے اوکشا باز بخویشتن نگر.

شعر جي هڪڙي معنيٰ ته هي آهي ته ان برهمڻ زاديءَ کي



Marfat.com

ڏسي پنهنجي دل کي به ڏس ته اها ماٺيپي ۾ آهي يا نه؟ هي ته هڪ پاسائين معنيٰ ٿي پر ٻي معنيٰ اها به ٿي سگهي ٿي ته برهمڻ جي نينگر جي چهري جي سرخي ۽ هوش رباڻي ڏسي پنهنجي خودي کي نه وڃائڻ گهرجي ۽ پنهنجي دل قابو ۾ رکڻ گهرجي؛

اے کہ تیرا مرغِ جان تارِ نفس میں ھے اسیر
اے کہ تیري روح کا طائرؔ قفس میں ھے اسیر

مٿئين شعر ۾ تجنيس لاحق استعمال ٿيل آهي. يعني ٻن لفظن ۾ پهريون حرف هڪ جهڙو نه هجي جيئن قفس ۽ نفس ۾ ۽ تار ۽ طائر.

اقبال لفظن جو، نه صرف خزانو ساڻ رکي ٿو پر انهن کي خرچ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ به صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻي ٿو.

دارا و سڪندر سے وہ مــــرد فقیر اولیٰ
ھو جسکي فقیري میں بوئــــے اسد الاھي
آئیــنِ جـوان مردان حق گــوئي و بیباکي
الله کے شیـرون کــو آتي نھــین روباھي

اقبال جي نزديڪ دارا ۽ سڪندر کان اهو فقير مرد بهتر آهي جنهن جي فقيري ۾ جرئت و جوش، جلال و حشمت ۽ اسد الاهي صفت موجود هجي. يعني حضرت علي المرتضيٰ جي طاقت جا جوهر موجود هجن. ڇاڪاڻ ته جوان مردن يا مڙس ماڻهن جو آئين ۽ دستور زندگي ئي سچ چوڻ ۽ ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ کان بغير منهن تي حق ڏيڻ آهي، جو الله جا شينهن ڪڏهن به لومڙي واري چال نه هلندا آهن.

اقبال جي غزل توڙي سموري ڪلام ۾ بلاغت، جدت، جوش



Marfat.com

۽ معاني سان گڏ سرور، ڪيف ۽ لطف جو سمنڊ موجزن رهي ٿو، جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي خيال کي فڪر ۽ جستجو سان گڏ سونهن ۽ جمالِ خيال جي وادين ۾ ڇڪي، وٺي وڃي ٿو. سندس هڪ غزل بالِ جبريل مان ڪٿون ٿا ڏسو:

گيسوئے تابدار کو، اور بھي تابدار کر
هوش و خرد شکار کر، قلب و نظر شکار کر

عشق بھي هو حجاب مين، حسن بھي هو حجاب مين
يا تو خود آشکار کر، يا مجھ کو آشکار کر

توھے محيط بيکران، مين هون ذرا سي آبجو
يا مجھے همکنار کر، يا مجھے بيکنار کر

مين هون صدف تو تيڑے هاتھ، ميرے گوهر کي آبرو
مين هون خذف تو تو مجھے گوهرِ شاهوار کر

نغمهٔ نو بهار اگر ميرے نصيب مين نہ هو
اس دم نيم سوز کو طائرکِ بهار کر

باغ بهشت سے مجھے حکمِ سفر ديا تھا کيون
کار جهان دراز هے، اب ميرا انتظار کر

روزِ حساب جب ميرا پيش هو دفترِ عمل
آپ بھي شرمسار هو، مجھکو بھي شرمسار کر

مٿين غزل جي مطلع ۾ چمڪندڙ وارن کي تابدار سڏي لفظن ۾ سونهن ۽ نزاڪت پيدا ڪئي اٿس ۽ انهن جي تاب کي عشق و دانش



Marfat.com

۽ دل و نظر کي شڪار ڪندڙ ہڏائي طلب ڪئي اٿس تہ تنهنجي سهڻن وارن ۾ اها سگهہ آهي جو ان کي وڏيڪ تابدار ڪرڻ سان دل، اکيون، عقل ۽ هوش سڀئي هڪ ئي وار سان شڪار ٿي يا دام ۾ ڦاسي سگهن ٿا! اهڙي طرح اقبال هن سڄي غزل ۾ تشبيهن، استعارن، ڪناين، تجنيسن ذريعي پنهنجي خيال ۽ فڪر جي پرواز کي بلند کان بلند تر ڪيو آهي. ساڳئي غزل جي هيٺين شعر ۾ پاڻ کي (مقصد جا موتي پيدا ڪندڙ) سپ سڏي محبوب کان گوهرِ مراد جي عزت ۽ آبرو جي آس ڏيکاري اٿس ۽ ڪائنس ئي گهريو اٿس تہ جيڪڏهن مان فقط هڪ معمولي ڪنکر جي حيثيت ۾ آهيان تہ تنهنجي هٿ آهي تہ تون مونکي اهڙو موتي بڻائي ڇڏين، جنهن کي شاهن، شهنشاهن جي تاجن ۾ هجڻ کپي:

مين هون صدف تو تيرے هاتهہ، ميرے گوهر کي آبرو
مين هون خذف تــــو مجهے ، گوهرِ شـــــاهوار کر

بظاهر تہ اهو شعر ايترو رنگين ۽ با اثر نہ ٿو نظر اچي، پر ان جي لفظ لفظ ۾ احساسن، ارمانن، حسرتن ۽ جذبن جا ناياب ۽ املهہ موتي سمايل ۽ لڪيل آهن: اقبال جي اندازِ بيان جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ جڏهن بہ هن لفظن کي ترتيب ۾ رکي ڪري شعر جو روپ ڏنو تہ هڪ قسم جي رنگيني ۽ شگفتگي پيدا ٿي پوندي هئي ۽ جيڪو اثر پڙندڙ جي لاءِ چاهيندو هو تنهن جي پوئواري ۽ معاونت لفظ پوري ڪندا هئا. هن شعر کي ڏسو:

شبِ سکوت افزا . هوا آسوده، دريا نرم سير
تهيَ نظـر حيــران کہ دريا هے يا تصويرِ آب.



Marfat.com

رات خاموشيءَ واري هجي، هوا سڪون ڏيندڙ يا آسودگي بخشيندڙ ۽ دريا مانو وهندو هجي تہ پوءِ نظر تہ حيرت ۾ ايندي، تہ هي دريا آهي يا پاڻيءَ جي تصوير لڳل آهي. انهن لفظن ۾ نزاڪت ۽ نرمي ئي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي لائق آهي جنهن جي ڪري شعر پنهنجي معنيٰ پاڻ پيو ٻڌائي!

اقبال جي غزل ۾ مهاڪات جو استعمال ان ريت ٿيل آهي جو پيش ڪيل منظرن کي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي اڳيان چٽو ۽ حقيقت جي ويجهو محسوس ڪرائي ٿو. اصل ۾ محاڪات ڪنهن شيءِ يا ڪنهن حالت جي نقل ڪرڻ کي چئبو آهي، جنهن سان ان شيءِ جي يا ان حالت جي چِٽ اصل تصوير اکين آڏو ڦري وڃي. محاڪات جو حق تڏهن ئي ادا ٿيندو آهي، جڏهن ڪنهن منظر (Scene) جا جملي اجزا خوبي سان ادا ٿي سگهن! جو ڏسڻ واري کي اصل جو گمان ٿئي.

محاڪات جو مثال ڏيندي ڊاڪٽر ابراهيم خليل لکي ٿو تہ "هڪ يوناني مصور هڪ ماڻهوءَ جي تصوير چٽي، جنهن جي هٿ ۾ ڊاک جو ڇڳو هو، اها تصوير هو نمائش ۾ کڻي ويو ۽ اتي ٽنگي ڇڏيائين. تصوير اصل سان اهڙي تہ مشابہ هئي جو پکي اچي مڙيا ۽ انگورن جي ڇڳي کي ٺونگا هڻڻ لڳا. سڄي نمائش ۾ ڌوم مچي ويئي. مصور جي تعريف ڪرڻ لڳا، پر مصور افسوس ڪرڻ لڳو تہ تصوير ۾ نقص رهجي ويو، جو ماڻهوءَ جو هٿ پورو اصل وانگر نہ نڪتو، نہ تہ ڊپ کان پکي ڪڏهن بہ نہ مڙن ها؛ پر خوبي اها ئي هئي تہ انگور جي ڇڳي جي خوبي ڪڏهن معلوم نہ ٿئي ها، جيڪڏهن هٿ اصلي لڳي ها ۽ پوءِ پکي بہ نہ مڙن ها-اقبال جي محاڪات جو مثال پيش ڪجي ٿو:



Marfat.com

صف بانــــدھہ دونون جـــانب بوٹے ھرے ھرے ھون
ندیا کا صـــــــاف پـــاني تــصویر لے رھا ھو

ھو دلفـــــریـب ایســــا ، کھـــسار کــــا نظـــاره
پاني بھي موج بنــکر اٹھہ اٹھہ کـــے دیکھتا ھـــو

پاني کو چھو رھي ھو جھک جھک کے گل کي ٹھني
جیسے حسیـــن کــــــوئي آئینہ دیکھتا ھــــــو

مــتین شـعـرن ۾ ڏسـو تہ کیئـن نہ اقبـال فطرت نـگاريءَ منظرنـگاري کـان کـم ورتو آھي-جنھن ۾ لفظن کي ڀـرپور معنيٰ سـان سیت کري انھن کان عجیب و غریب محاکات جو کم ورتو اٿس، جنھن سان ھڪ نئون، نرالو خیال جڙي پیو آھي ۽ ھڪ معنوي صنعت بہ پیش کئي اٿس.

پـاڻي جي لـھـرن جي ايـرڻ کـي پاڻـي جو اٿـي اٿـي فطـرت جي نظاري کرڻ سان تـشبیہ ڏيڻ واقـعي نادر ۽ نرالو خیال آھي ۽ گل جي ٽاريءَ جو پاڻي کي ڇھڻ ۽ جھـڪي جھـڪي ڏسڻ کي ھـڪ حسین و جوان سان تـشبیه ڏيڻ، ڇاڪاڻ تہ اھا ان لاءِ پاڻي ۾ جھاتیون پائي رھي آھي تہ مـن حسین و جمیل جوان کي آئینو ڏسـڻو آھي! نديءَ جي پاڻيءَ مٿان، ڪناري تي بيٺل وڻ جي ٽاري جو جھـکیل نظر اچڻ ھـڪ قـدرتي منظر آھي، جنھن کي ڏاڍي سـھـڻي ۽ لطیف انداز ۾ یعني ھـڪ عام منظر جي توجیہ اھڙي سبب سان کئي اٿس، جو حقیقت ۾ ان جو سبب نہ آھي ۽ جنھن کلام ۾ نہ رڳو ندرت پیدا کئي آھي بلکہ ان جو اثر بہ وڌائي ڇڏيو اٿس، یعني ھـڪ گلن واري ٽاري نديءَ جو پاڻي مٿـان جھـکیل نظر اچڻ ايئن آھي ڄڻ تـہ ھـڪ خوبصورت ناري آئینو



Marfat.com

ڏسي رهي آهي ۽ پنهنجي خوبصورتي تي خوش ٿي رهي آهي ۽ پاڻي جي لهرن جو موج جو اٿڻ ۽ اٿي اٿي ڏسڻ ۾ اقبال حسين منظر جي تصوير ڪشي ڪرڻ ۾ ڪمال فن جو مظاهرو ڪيو آهي. هن شعر کي ڏسڻ سان اهو گمان نه ٿو ٿئي ته شاعر کو هرو ڀرو ڪنهن صنعت ڪم آڻڻ لاءِ هي شعر لکيو هوندو، بلڪه هن شعر ۾ صنعت حسنِ تعليل از خود اچي ويئي آهي.

حسنِ تعليل اها صنعت آهي جنهن ۾ ڪا صنعت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنهن شيءِ جو سبب اهڙي ڳالهه ڏيکارجي، جو اصل ان جو سبب نه هجي خواه مذڪوره وصف خود ثابت هجي يا نه هجي ۽ ان وصف جو ڪو سبب ظاهر هجي يا نه هجي.

اقبال جي سموري ڪلام، خصوصاً پنهنجي غزل ۾ بيان جي ٻين خوبين سان گڏ جيئن مان مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته بلاغت ، جدت ۽ جوش جو خوب استعمال ڪيو آهي.

بلاغت جي تعريف اساتذهءِ فن هيئن ڪئي آهي ته ”شاعر پنهنجي بيان و شعر کي ڀرپور وضاحت ۽ فصيح عبارت سان اهڙي نموني پيش ڪري جو پڙهندڙ کي ڪلام نهايت آساني سان سمجهه ۾ اچي ۽ پورو پورو اثر وٺي. اقبال خود بلاغت جي باري ۾ چوي ٿو ته ”بليغ ڪلام اهو آهي جنهن ۾ فصاحت ۽ وسعت موجود هجي ۽ هلندر وقت جي تقاضا مطابق هئڻ گهرجي. يعني شاعر پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري وجي يا پنهنجي اندر جي آواز کي ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. سندس بلاغت جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

مه و خورشيد و انجم دوڑتے هيــں ساتھ ساتھ اسکے
فلک کيـا هے کسي معشوقِ بے پروا کي ڈولي هے!



Marfat.com

دیارِ عشق میں داماندگي رفتار ھے اے دل!
جسے کھتے ھیں خاموشي وہ اس بستي کي بولي ھے

گمان تجھ پر ھوا تھا کیا، دلِ بلبل کي چوري کا،
صبا نے غنچۂ گل، کیوں گرہ تیري ٹٹولي ھے

شب فرقت تصور تھا مرا، اعجاز تھا، کیا تھا!
تريَ تصویر کو مین نے بلایا ھے، تو بولي ھے

جیئن مٿي بيان ڪيو اٿم تہ اقبال جي غزل ۾ بلاغت سان گڏ جدت ۽ جوش جو ڀرپور استعمال نظر اچي ٿو:

جدت جون ڪيتريون ئي شڪليون ٿي سگهن ٿيون مثال شاعر ڪنهن خيال کي اڳ ۾ پيش ڪندڙن کان وڌيڪ پرزور، پر اثر يا وزنائتو ڪري پيش ڪري يا منتشر خيالن کي ڪنهن خاص ترتيب ۾ آڻي يا ساڳئي خيال کي وڌيڪ چوٽ ۽ دليل سان اهڙي تہ پيرائي ۾ بيان ڪري جو ان جو اثر نئون نڪور ۽ ٻين کان جدا ٿي بيهي. جدت جون اهي صورتون رڳو شاعري لاءِ ئي مخصوص نہ آهن پر هر فن ۾ نواڻ ۽ انفراديت آڻڻ کي جدت چئجي ٿو

جدتِ خيال جي باري ۾ ڊاڪٽر ابراهيم خليل لکي ٿو تہ:
جدت طرازي يا طرزِ ادا يا ترنگِ ادا يا ندرتِ خيال جو مطلب اهو آهي تہ شاعر پنهنجي خداداد قوت اجتهاد (Originality) جي مدد سان نئون مضمون ٻڌي. اها ڳالهہ انهن شاعرن ۾ نظر ايندي جن کي نہ رڳو شاعري ڪرڻ جي لياقت هوندي آهي بلڪہ ذهانت بہ تمام گهڻي هوندي آهي. اقبال جي مقبوليت انهيءَ ڪري ٻين شاعرن کان گهڻي آهي



Marfat.com

جو هن پنهنجا دلي واردات ۽ تخيلات اهڙي ندرت ۽ نرالي انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جو پڙهندڙ جي مٿان وجد جي حالت طاري ٿيو پوي."

اقبال پنهنجي ٿي تخيل جي سخن پروري جي دعويٰ هڪ غزل ۾ هيئن ٿو ڪري:

لاکھ سراجِ سخن، ناظم شروان ہوگا
پر میرے سامنے اک طفلِ دبستان ہوگا.

عشق کي راہ مين جو کوئي قدم رکھے گا،
کبھي گریان، کبھي خندان، کبھي عریان ہوگا.

جيتے جي سر نہ جھکائين گے کسي کے آگے،
مجھ پہ احسان نہ ہوگا، تو یہ احسان ہوگا.

جو وفا پیشہ سمجتا ہے خودي کو ایمان
جنتي ہوگا، فرشتون مین نمایان ہوگا

مردِ مومن کي نشاني کوئي مجھ سے پوچھے
موت جب آئے گي اس کو تو وہ خندان ہوگا!

اقبال جي غزل کي جيڪا خوبي سڀ کان ممتاز ڪري ٿي ۽ جيڪا خوبي غزل جي لاءِ تمام اهم ۽ غزل جي جان هوندي آهي، اها آهي تغزل جو رنگ. يعنيٰ اهڙو رنگ جيڪو غزل جو سٺاءُ رکندڙ شاعري کي موضوعاتي نسبت سان رنگ پيدا ڪري حقيقي معنيٰ ۾ غزل بڻائي ٿي.

تغزل، غزل جو اهو رنگ آهي، جنهن جي سحر انگيزي ۽



Marfat.com

مقناطيسيت غزل کي ٻڌندڙ، پڙهندڙ ۽ شاعر جي محبوب صنف بڻائي ٿي.

اقبال جي اردو غزل ۾ جيڪي مضمون بيان ٿيل آهن، انهن ۾ فڪري بلندي ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ضرور آهي پر اقبال جي پنهنجي فارسي غزل جي ڀيٽ ۾ گهٽ. اقبال جي فارسي غزلن ۾ اجا وڌيڪ تغزل جو رنگ پسجي ٿو. اهڙي ريت سندس تغزل کي بيمثال چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ الفاظ جي نرمي، شائستگي، ميناج، لطافت ۽ مضمون ۾ نهايت سوز ۽ گداز ملي ٿو.

## مددي ڪتاب


1. اقبال - سوانح ۽ افڪار — ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل
2. اقبالِ ڪامل — مولانا عبدالسلام ندوي
3. اقباليات — جولاءِ - سيپٽمبر 1976 ع.




Marfat.com

مولانا ابوالحسن علي ندوي
مترجم: انيس گل عباسي

# اقبال جي شخصيت جا تخليقي عنصر

اقبال جي شخصيت جا اهي تخليقي عنصر، جن اقبال ۾ هڪ مخصوص قسم جي گوناگوني، رنگارنگي پيدا ڪئي ۽ جن اقبال کي انجي هم عصرن کان وڌيڪ دل آويز ڪشش جو باعث ۽ جاذبِ نظر بڻائي ڇڏيو، چند اهڙا عنصر آهن، جن جو تعلق اقبال جي علمي ادبي ۽ تعليمي ڪوششن سان تمام گهٽ آهي. اقبال جي شخصيت ۾ جيڪا جامعيت، بلندي فڪر و خيال، سوز، درد، ڪشش ۽ جاذبيت نظر اچي ٿي، ان جو تعلق اقبال جي زندگيءَ جي ان رخ يا پهلو سان آهي جنهن کي اسين يقين ۽ ايمان چئون ٿا.

دراصل اقبال جي شخصيت کي ٺاهڻ، سنوارڻ ۽ ترقي ڏيڻ ۾ هلندڙ دور جي فقط انهن تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين جو هٿ نہ آهي جن ۾ اقبال داخل ٿي جديد علمن سان گڏ مغربي تعليم حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اقبال جديد علمن ۽ مغربي تعليم جو حصول هندستان، انگلستان ۽ جرمني ۾ ماهر استادن کان ڪندو رهيو ۽ اتان جي علم ۽ فن جي چشمن مان سيراب ٿيندو رهيو، ايتري قدر جو هو اسلامي دنيا ۾ مغربي علوم و افڪار، تهذيب ۽ تمدن جي ماهرين ۾ منفرد شخصيت جو مالڪ ٿي ويو. مغربي فلسفي ۽ اجتماع، اخلاق سياست ۽ معيشت ۾ يورپ جي هڪ خصوصي شخص جي



Marfat.com

حيثيت حاصل ڪئي ۽ جديد ۽ قديم علمن ۾ گهري نگاهہ حاصل ڪئي، پر جيڪڏهن اقبال ان مقام تي پهچي رڪجي وڃي ها ۽ موجوده تعليمي ادارن جي ميون تي استفادو ڪري مطمعن ٿي صرف ان ميناج ۾ مزي مان لطف وٺندو رهي ها. تہ پوءِ اڄ اسانجي گفتگو جو موضوع نہ بڻجي سگهي ها ۽ نہ وري اسلامي ادب ۽ اسلامي ادب جي تاريخ ان جي شعر و ادب جي گيتن سان نہ گونججنديون رهن ها ۽ نہ علمي صدارت، فڪري سرداري ۽ اسلامي ذهن ان جي لاءِ پنهنجو دامن ڪشادو ڪري ها. ۽ نہ وري ان ڪي انهيءَ مقام تي ويهاري فخر محسوس ڪري ها، ان جي لاءِ گهڻا باريڪ ۽ مٿاهان شرط آهن، ڪوئي شخص رڳو پڙهڻ، پڙهائڻ، علمن ۾ واقاري ۽ لکڻ ۽ تاليف جي گهڻائي جي ڪري انهيءَ بلند مقام تائين نہ ٿو پهچي سگهي، بلڪ اقبال اگر انهن تعليمي ادارن مان فائدو وٺڻ ڪان پوءِ مطمئن ٿي ويهي ها ۽ انهن علمن ۽ فن جي علمي چنڊچاڻ ۾ پنهنجين دلسچپين کي محدود رکي ها تہ وڌ ۾ وڌ فلسفو، معاشيات، ادب ۽ تاريخ جي هڪ ماهر استاد ۽ پروفيسر جي جڳهہ حاصل ڪري ها يا هڪ وڏي درجي جي ليکڪ، جديد علمن جو فني ماهر، اسلوب جو ڏاڍي اديب يا هڪ سٺو شاعر هجي ها ۽ بس! يا وري هڪ ڪامياب بيرسٽر، هڪ سٺو جج يا حڪومت جو هڪ سٺو وزير بڻايو وڃي ها. پر اوهين يقين ڪريو جيڪڏهن اقبال انهن مان ڪجهہ بہ هجي ها تہ زمانو ڪيس ائين ئي وساري ڇڏي ها، جهڙي طرح دنيا جي وڏن وڏن عالمن، اديبن، شاعرن، مصنفن، ۽ حڪومت جي وزيرن کي اڄ زماني ويسر ۽ گمناميءَ جي ڪنڊ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ اڄ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ



Marfat.com

اهي ڪير هئا ؟ ۽ ڇا هئا ؟ پر اقبال جي ذهانت ۽ انتهائي عقلمندي، ان جو زنده و جاويد پيغام ۽ ان جي ذهن ۽ دلين کي فتح ڪندڙ طاقت ۽ ڪشش، انهن جملي خوبين ۽ بلندين جو سبب ان دنياوي تعليمي ادارن کان جدا، هڪ ٻيو تعليمي ادارو آهي، جنهن ۾ ئي اقبال تعليم ۽ سکيا حاصل ڪئي، وڌيو، اسريو ۽ نسريو. منهنجو خيال آهي تہ اوهان مان گهڻن جو ذهن ان مخصوص "اداري" جي تلاش ۽ جستجو ۾ پريشان هوندو ۽ اوهان ان کي پسڻ لاءِ بيچين هوندؤ تہ آخر اهو ڪهڙو ادارو آهي جنهن، هن "عظيم شاعر" کي پيدا ڪيو؟ اهي ڪهڙا علم آهن جيڪي ان ۾ پڙهايا ويندا آهن؟ ڪهڙي زبان ۾ اتي تعليم هوندي آهي؟ ۽ ڪهڙا استاد اتي تعليم ملندي آهن؟ بلاشڪ ان ۾ اتم درجي جا نگران ۽ مربي هوندا، جو اهڙيون عظيم شخصيتون پيدا ڪن ٿا (جهڙو اقبال هو) مونکي يقين آهي تہ اگر جيڪڏهن اوهان ان جي وجود ۽ هنڌ ماڳ کان واقف ٿي ويندؤ تہ پوءِ ضرور ان ۾ داخلا جي ڪوشش ڪندؤ ۽ پنهنجي تربيت جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ان بي مثال ۽ بينظير اداري جي حوالي ڪري ڇڏيندؤ.

اهو اهڙو "ادارو" آهي جنهن ۾ جنهن بہ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي، ان جي ناڪاميءَ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، جيڪو اتان نڪتو اهو ضايع نٿو ٿي سگهي، اهو هڪ اهڙو ادارو" آهي جتان فقط تن جا امام، فڪر جا ڪاهوڙي، علمن جي ترتيب ۽ رتا، فڪر ۽ سڌاري جا قائدا جوڙيندڙ ۽ قوم کي نون رستن تي هلائيندڙ ئي پيدا ٿيندا آهن. اهي جيڪو ڪجهہ لکندا آهن، ان کي سمجهڻ ۾ عام تعليم گاهن، يونيورسٽين جا شاگرد ۽ استاد مشغول رهندا آهن. انهن



Marfat.com

جون لکيل شيون سبقن جي طور تي پڙهايون ويندديون آهن انهن جي لکڻين جون شرحون (سمجهاڻيون) لکيون وينديون آهن، انهن جي هڪ هڪ لفظ تي ڪتاب لکيا ويندا آهن ۽ انهن جي هڪ هڪ ڪتاب تي پورو ڪتب خانو تيار ٿي ويندو آهي. اهو هڪ اهڙو "ادارو" آهي جتي تاريخ پڙهائي نہ ويندي آهي بلڪ تاريخ ٺاهي ويندي آهي. اتي افڪار ۽ نظريات جي تشريح ۽ وضاحت نہ ٿيندي آهي بلڪ افڪار ۽ نظريات ٺاهيا ويندا آهن، آثارن ۽ نشانن کي ڳولهيو نہ ويندو آهي بلڪ اتي آثار ۽ نشان خود پيدا ٿيندا آهن. اهو ادارو ۽ مدرسو هر هنڌ ۽ هر زماني ۾ موجود هوندو آهي، درحقيقت هي هڪ داخلي مدرسو آهي، جيڪو هر انسان سان گڏ پيدا ٿيندو آهي ۽ هر انسان ان کي ساڻ کنيون گهمندو آهي، اهو دل جو مدرسو، ضمير ۽ وجدان جو دبستان آهي، اهو هڪ اهڙو مدرسو آهي جتي روحاني سارسنڀال ۽ الاهي تربيت ٿيندي آهي.

اقبال ان اداري مان ان طرح تعليم مڪمل ڪئي، جيئن ٻيا ڪيترائي الله وارا انسان هن عظيم اداري مان تعليم ۽ تربيت کان بعد نڪتا. اقبال جي سيرت ۽ شخصيت، ان جو علم و فضل ۽ اخلاق اهو سڀ ڪجهہ احسان آهي، ان درسگاه جو جنهن ۾ هن سالن تائين شاگردي جو دؤر گذاريو. اقبال جي ڪلام جو مطالعو ان حقيقت جي بهتر نشاندهي ڪري ٿو تہ خارجي مدرسي جي بنسبت، داخلي مدرسي ان جي زندگي ۾ هڪ درد، سوز، چمڪ دمڪ ۽ هڪ نئين قوت ۽ توانائي بخشي جيڪڏهن هو پنهنجي داخلي مدرسي ۾ تعليم ۽ تربيت حاصل نہ ڪري ها تہ پوءِ نہ ان جي اها متاثر ڪندڙ شخصيت ٺي



Marfat.com

ظاهر ٿئي ها ۽ نہ وري ان جو شعور ۽ وجدان ان قدر لهسائي وجهندڙ لاٽ (شعلہ ء جانسوز) نظر اچي ها ۽ نہ ان جو تابڪار پيغام دل ۽ نظر جي لاء ابدي سوز ثابت ٿي ها ۽ نہ اقبال جي ڪلام ۾ ان اداري جي استادن، پڙهائيندڙن ۽ پرورش ڪندڙن جو ذڪر ۽ اعتراف تمام ئي ڪثرت سان ملي ها.

اهي تخليقي عناصر جن اقبال جي شخصيت کي ٺاهيو، وڌايو ۽ ويجهايو، اهي دراصل اقبال کي پنهنجي داخلي مدرسي مان حاصل ٿيا. هي پنج تخليقي عناصر آهن جن اقبال جي شخصيت کي جيئرو جاڳندو بڻائي ڇڏيو. انهن مان پهريون عنصر، جيڪو اقبال کي پنهنجي داخلي مدرسي ۾ پهرئين ئي ڏينهن مليو، سو هيو سندس "ايمان ۽ يقين" اهوئي يقين اقبال جو سڀ کان پهريون رهنما ۽ مرشد آهي ۽ اهوئي سندس طاقت ۽ قوت، حڪمت ۽ دانائيءَ جو خزانو ۽ سرچشمو آهي. پر اقبال جو اهو يقين ۽ ايمان ان خشڪ ۽ ڇميل ايمان وانگي ناهي، جيڪو بيجان تصديق يا رڳو سڪتو ڇاول عقيدو آهي، بلڪ اقبال جو "يقين" عقيدي ۽ محبت جو اهڙو حسين ميلاپ آهي، جو سندس قلب و وجدان ۽ سندس عقل ۽ فڪر ان جي ارادي ۽ تصرف، ان جي دوستي ۽ دشمني، غرض تہ سندس سڄي زندگيءَ تي ڇانيل آهي. اهوئي سبب آهي تہ اقبال اسلام ۽ ان جي پيغام جي باري ۾ نهايت راسخ الايمان هيو ۽ رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم سان سندن محبت، شغف ۽ ان جو اخلاص انتها درجي جو هو. ان ڪري سندس نزديڪ اسلام ئي هڪ اهڙو زنده جاويد دين آهي، جو ان کان بغير انسانيت فلاح و سعادت جي عروج تائين پهچي ئي نٿي سگهي ۽ نبي ڪريم صلي الله



Marfat.com

عليه وسلم رشد و هدايت جا آخري مينار، نبوت ۽ رسالت جا خاتم ۽ سيني جا مولا آهن.

وه داناے سبل، ختم الرّسل، مولاۓ كل جس نے
غبـــارِ راه كـــو بخـشـــا، فروغِ واديء سينا.

هن مـاديت واري دؤر ۾ مـغربي تهـذيب ۾ تمدن جي ظاهري چمڪ دمڪ کان اقبال جون اکيون خيريون نہ ٿي سگهيون، حالانڪہ اقبال فرنگ جي ڏاهپ جي جلوي ۾ زندگيءَ جا طويل ڏينهن گذاريا. ان جو سبب رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان اقبال جي اها والهانہ محبت، عشق جو جذبو ۽ روحاني وابستگي هئي ۽ بلاشڪ هڪ سچي حُب ۽ عشقِ حقيقي ئي دل ۽ نظر جي لاءِ هڪ سٺو محافظ ۽ پاسبان ٿي سگهي ٿو.

خيـــره نہ كـرســـكا مجهے جـلـوهء دانشِ فرنگ
ســـــرمہ هے ميري آنكهـ كا خاكِ مدينہ و نجف
عذابِ دانشِ حـــاضـــر سے باخـــبر هون ميـــــن،
كہ مين اس آگ مين دالا گـــيا هـــون مـثلِ خليل
رهے هيـن، اور هين، فرعون ميري گهات مين ابتك
مـــگر كـيا غم كہ ميري آستين مين هے يدِ بيضا
عجـب كيا گـــرمه و پرويـــن مرے نخچير هوجائين
كہ برفتراك صاحب دولتے بســـتم ســـرِ خودرا.

علامہ اقبال پنهنجي ڪتاب "اسرار خودي" ۾ ملت اسلاميہ جي زندگي جي بنيادن ۽ ٿنڀن جي ذڪر جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ ملت



Marfat.com

اسلاميہ جي زندگي وقف آهي. نبي صلي الله عليہ وسلم سان پنهنجي روحاني تعلق، دائمي وابستگي ۽ پنهنجي قربان ويندڙ محبت جو بہ ذڪر ڪيو آهي. جڏهن هو نبي صلي الله علصہ وسلم جو تذڪرو ڪري ٿو تہ ان جو شعري وجدان جوش ۾ اچي وڃي ٿو ۽ نعتيہ اشعار ڦٽي نڪرن ٿا، ايئن محسوس ٿئي ٿو، جيئن محبت ۽ عقيدت جا چشما ڦٽي نڪتا هجن! ان سلسلي ۾ چند اشعار پيشِ خدمت آهن جن سان اقبال جي محبت ڀريل جذبات جو ڪجهہ اندازو ٿيندو:

در دلِ مسلم مقام مصطفيٰ است - آبروئے ما زنام مصطفيٰ است

بوريا ممنون خوابِ راحتش - تاج ڪسريٰ زير پائے امتش

درشبستانِ حرا خلوت گزيد - قوم و آئين و حڪومت آفريد

ماند شبها چشم او محروم نوم - تابہ تختِ خسروي خوابيد قوم

وقت هيجا تيغ او آهن گداز - ديدۂِ او اشڪبار اندر نماز

در دعائے نصرت آمين تيغ او - قاطع نسل سلاطين تيغ او

درجهان آئينِ نو آغاز ڪرد - مسند اقوام پيشين در نورد

ازڪليدِ دين درِ دنيا ڪشاد - همچو او بطنِ اُم گيتي نزاد

در نگاہِ اويڪے بالا و پست - باغلام خويش بريڪ خوان نشست.

در زمانے پيش آن گردون سرير - دختر سردار طئے آمد اسير

پائے در زنجير وهم بے پرده بود - گردون از شرم و حيا خم ڪرده بود

دخترڪ راچون نبي بے پرده ديد - چادر خود پيش روئے او ڪشيد

آن ڪہ براعداء درِ رحمت ڪشاد - مڪہ را پيغام لا تثريب داد

ماڪہ از قيد- وطن بيگانہ ايم - چون نگہ نورد و چشيم و يڪيم

از حجاز و چين و ايرانيم ما - شبنم يڪ صبح خندا نيم ما.



Marfat.com

مست چشـــمر ساقي بطـحا ســـيتمر - درجهـــان مثـل مـــے و مينا سيتمر.
امتيازات نسب را پاک ســـوخت - آتش اواين خس و خـــاشاک سوخـــت
شور عشقش درنے ء خـــامـــوش من - مي تپد صـــد نغـــمـــه در آغوشِ من
من چہ گونمر از تو لاتش کہ چيـــست - خـــشک چوبے در فراقِ او گريست
هـــستيء مـــســـلـــمر تـجلـــي گاهِ او - طـــورها بـــالدز گـــرد راهِ او

جيئن جيئن زندگي جا ڏينهن گذرندا ويا، اقبال جي نبي صلي الله عليہ وسلم جن سان محبت ۽ الفت وڌندي رهي، ايتري قدر جو آخري عمر ۾ جڏهن بہ سندس مجلس ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو ذڪر ايندو هو، يا مديـنہ منوره جو تذڪرو ٿيندو هو، تہ اقبال بي قرار ٿي ويندو هو ۽ سندس اکيون پاڻي سان ڀرجي وينديون هيون، ايسين تائين جو ڳوڙها بہ جاري ٿي ويندا هئا! اهائي گهري محبت هئي، جو ان جي زبان مان الهامي شعرن کي جاري ڪندي هئي. جيئن تہ الله تعاليٰ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

مکن رسوا حضورِ خواجہ مارا
حسابِ من زچشمر او نهان گير

هي شعر محبت ۽ عقيدت جو ڪيڏو نہ چڱو مظهر آهي. دراصل علامہ اقبال جو اهوئي ساڳيو ڪامل ايمان ۽ سچي حب هئي. جنهن اقبال جي ڪلام ۾ اهو جوش، اهو ولولو، اهو سوز ۽ گداز پيدا ڪيو. جيڪڏهن اوهان تاريخ جو ابياس ڪندا تہ اها حقيقت ظاهر ٿي پوندي تہ دراصل رقت انگيز شعر، گهري سوچ، روسن حڪمت، بلند معنويت، ظاهر بهادري، نادر شخصيت ۽ عبقريت جو حقيقي خزانو ۽ سرچشمو محبت ۽ يقين ئي آهي. دنيا جي تاريخ ۾ جيڪي ڪجهہ



Marfat.com

انساني ڪمالات، يا نہ حيرت انگيز آثار ۽ نشان نظر اچن ٿا، سي سڀ انهيءَ محبت ۽ يقين جي ڪري ئي آهن. جيڪڏهن ڪا بہ شخصيت يقين ۽ محبت جي جذبي ڪان خالي آهي تہ پوءِ اها رڳو گوشت ۽ ڪل جي شڪل آهي ۽ جيڪڏهن پوري قوم ان ڪان خالي آهي تہ پوءِ، ان جي قيمت رڍن، ٻڪرين جي ڌڻ ڪان وڌيڪ نہ آهي. ان طرح جيڪڏهن ڪلام ۾ يقين ۽ محبت جو روح ڪم آيل ناهي تہ پوءِ اهو هڪ قافيہ دار ۽ باوزن ڪلام تہ ٿي سگهي ٿو، پر هڪ زنده جاويد ڪلام نہ ٿو بڻجي سگهي، ۽ جڏهن ڪوئي ڪتاب ان روح ڪان خالي هجي تہ ان ڪتاب جي حيثيت ورقن جي مجموعي ڪان وڌيڪ نہ ٿيندي اهڙي ريت، جيڪڏهن ڪنهن عبادت ۾ محبت ۽ يقين جو جذبو شامل ناهي، تہ پوءِ اهڙي زندگي جنهن ۾ طبيعتون مئل ۽ غمگين هجن. نظم ۽ نثر جا سرچشما خشڪ هجن ۽ زندگيءَ جا شعلا وسامي ويا هجن. اهڙي حالت ۾ ڪامل يقين ۽ سچي حب ئي انساني حياتي ۾ چمڪ دمڪ پيدا ڪري ٿي ۽ انساني زندگي نئين آيل رنگ سان رنگجي وڃي ٿي. پوءِ شائستہ، پرسوز ۽ درد سان ڀريل، روح سان نوازيندڙ ۽ جان بخشيندڙ ڪلام پڌڻ ۾ اچن ٿا. قدرتي قانون ٽوڙيندڙ، بهادري ۽ سگهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ۽ علم و ادب جا نقش بہ جيئرا جاڳندا ٿي وڃن ٿا.



Marfat.com

حافظ عبدالوهاب مگريو

# اقبال قرآن جو پارکو

علامہ اقبال رح جي ولادت باسعادت هڪ مذهبي گهراڻي ۾ ٿي، پاڻ پڪي ۽ مضبوط عقيدي جو مسلمان هو، هن قرآن مجيد جو مختلف پهلوئن کان مطالعو ڪيو، جنهن جو ثبوت سندس شاعريءَ جي اهڙن عنوانن مان ملي ٿو مثلاً مثالي انسان جو اسلامي تصور، توحيد، فقر، قناعت، عدل، شجاعت ۽ صداقت وغيره. پاڻ فرمائي ٿو:

گوهرِ دريائے قرآن سفتہ ام

يعني مون قرآن مجيد جي گهري مطالعي سان ان سمنڊ جا موتي چونڊيا آهن.

سندس قرآن مجيد سان ايڏو تہ چاهہ ۽ محبت هئي جو ان جو اعتراف بين ملڪن جي "اقبال پارکن" بہ ڪيو آهي، هڪ مصنف لکي ٿو: "اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ شخص مسلمان بہ هجي ۽ قرآن مجيد مان اثر قبول نہ ڪري". ڊاڪٽر اقبال قرآن مجيد کي آئين ۽ ضابطہ ٔ حيات سمجهندو هو. پاڻ فرمائي ٿو: "قدرت اوهان جي لاءِ هي ٔ قدرتي ۽ فطري آئين مقرر ڪيو آهي، اوهان ان تي عمل ڪري لوهہ وانگر سخت ۽ مضبوط ٿي ويندؤ ۽ دنيا ۾ بلند رتبو حاصل ڪندو. جيڪڏهن توهان ڪمزور هوندؤ تہ هي اوهان کي طاقتور بڻائيندو ۽



Marfat.com

جبل وانگر پختو ۽ مستحڪم ڪندو".

شاعرِ مشرق جڏهن يورپ ويو، تڏهن بہ مٿس ان معاشري جو ڪو اثر نہ پيو بلڪہ ويتر پڪو ۽ مضبوط مسلمان ٿي ويو. ان سلسلي ۾ مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي رحہ ڪيڏو نہ سچ لکيو آهي تہ "مغربي تعليم ۽ تهذيب جي سمنڊ ۾ قدم رکندي وقت هو جيترو مسلمان هو، منجهن پهچي ان کان وڌيڪ مسلمان ڏٺو ويو. ان جي گهرائين ۾ جيترو پهچندو ويو، اوترو وڌيڪ مسلمان ٿيندو ويو. ايستائين جو جڏهن سندن گهرائين ۾ پهچي ويو تہ دنيا ڏٺو تہ هو قرآن ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ قرآن کان جدا سندس ڪو بہ فڪري وجود باقي نہ رهيو آهي هو جيڪو ڪجهہ سوچيندو هو، سو قرآن جي دماغ ۽ ذهن سان سوچيندو هو ۽ جيڪو ڪجهہ بہ ڏسندو هو، سو قرآن جي نظر سان ڏسندو هو". ء

علامہ اقبال رح جو مشاهدو هو تہ اهل يورپ جي ترقي جو راز ئي "علوم قرآن" منجهان فيض حاصل ڪرڻ جي ڪري آهي-ان ڪري هو قرآن مجيد ۾ فڪر ڪرڻ ۽ ان مان علم، حرڪت، قوت، تسخير، ڪائنات، تخليق، ايجاد ۽ فروغ و ارتقاء انسانيت جو ڪم وٺڻ ئي الله تعاليٰ جو مقصود ۽ هدايتِ محمدي صلي الله عليہ وسلم جو مطلوب سمجهي ٿو، پڻ هو مسلمانن کي صاحبِ ڪتاب ڏسڻ گهري ٿو تان تہ هو ان جي اندر موجود قوتن جا مالڪ بڻجي وڃن. ان جي مقابلي ۾ اشتراڪين کي چوي ٿو "اوهان کي جن اصولن تي ناز آهي ان کان بهتر ۽ وڌيڪ مڪمل انداز ۾ اوهان کان اڳ قرآن حڪيم پيش ڪري چڪو آهي، قرآن اميرن ۽ شاهوڪارن جي لاءِ



Marfat.com

موت جو پيغام آهي ۽ غريب و فقير لاءِ باعث قوت آهي. پاڻ فرمائي ٿو.

چيست قرآن خواجہ را پيغام مرگ
دستگيرِ بندهء بے سازو برگ

ڊاڪٽر اقبال جو نہ رڳو قرآن تي اعتقاد هو، بلڪہ پاڻ پنهنجي شب و روز ۾ انکي ضرور پڙهندو هو، سندس مائٽين جو چوڻ آهي تہ "هو باقاعدي صبح جو روزانہ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندو ۽ ايڏو تہ درد ۽ محبت سان پڙهندو هو جو سندس اکين مان لڙڪ نير ڪري وهندا هئا، روئيندو ويندو هو ۽ پڙهندو رهندو هو جڏهن تلاوت ختم ٿي ويندي هئي تہ قرآن اس ۾ رکندو هو، تانتہ پنا سڪي وڃن، سندس والد اهڙي ذوق و شوق کي ڏسي کيس اها نصيحت ڪئي هئي تہ " جڏهن تون قرآن پڙهين تہ ايئن سمجهہ تہ جڻ قرآن توتي نازل ٿي رهيو آهي يعني الله تعالىٰ توسان هم ڪلام آهي" پاڻ رات جو بہ جاڳندي قرآن کي پڙهندو ئي رهندو هو. سندس خادم علي بخش جو چوڻ آهي تہ " صبح جي نماز ۽ قرآن خواني عرصي کان سندس معمول هو" سخت بيماريءَ جي حالت ۾ بہ جڏهن ڊاڪٽرن سندس لکڻ ۽ پڙهڻ بند ڪيو تہ پاڻ تڏهن بہ قرآن مجيد ۽ مولانا روم جي مثنوي جو مطالعو ضرورو ڪندو هو، ان سلسي ۾ حڪيم محمد حسين عرشي جي نالي پاڻ هڪ خط ۾ هن طرح اظهار ڪيائين "مان هڪ عرصي کان ڪتابن جو مطالعو ڇڏي چڪو آهيان، پر تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪجهہ پڙهندو آهيان تہ رڳو قرآن يا مثنوي. رومي افسوس



Marfat.com

آهي تہ اسان چڱي زماني ۾ پيدا نہ ٿيا سين، فرمائي ٿو:

**کيا غضب ھے کہ اس زمــــانہ مين**
**ايک بھي صـــاحبِ ســرور نھيــن**

زندگي جي آخري ڏينھن ۾ جڏھن سندس بيماري وڌي ويئي ۽ ڳلي خراب ھئڻ جي ڪري آواز ويھجي ويو تہ ڊاڪٽر جي روڪڻ تي سندس اھو تلاوت جو طريقو بند ٿي ويو جنھن جو کيس ڏاڍو رنج ھو-

علامہ اقبال پنھنجي مسلڪ جو اظھار ڪندي مولانا سيد سليمان ندوي رحہ کي لکيو تہ "منھنجو مسلڪ اھوئي آھي جيڪو قرآن جو آھي"

سيد اڪبر الہ آبادي جي نالي پنھنجي ھڪ خط ۾ ساڳين ئي خيالن جو اظھار ڪندي فرمائي ٿو، واعظ قرآن ٻڌڻ جي مون ۾ اھليت تہ نہ آھي پر ھا انجي مطالعي سان اطمينان ۾ ڏينھن و ڏينھن ترقي ٿي رھي آھي" ابو محمد مصلح جي نالي خط ۾ لکي ٿو "ھن زماني ۾ قرآن جو علم ھندوستان ۾ ماٺھن مان نڪرندو وڃي ٿو، سو مسلمانن ۾ نئين زندگي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آھي" شيخ اعجاز احمد کي لکي ٿو "قرآن تي ئي مان ڏيک اعتبار ڪريان ٿو، ڇو تہ انجي پڙھڻ جا فائدا منھنجي تجربي ۾ اچي چڪا آھن".

ھڪ ٻي خط ۾ لکي ٿو "مسلمانن جي وڏي بدبختي اھا آھي تہ ھن ملڪ مان عربي ٻولي جو علم ڪڇي ويو آھي ۽ قرآن جو تفسير ۾ عربي محاوري کان ڪم بالڪل نہ ٿو ورتو وڃي.



Marfat.com

علامہ اقبال کي ان ڳالهہ جو ڏاڍو ڏک هو تہ قرآن جو علم ماڻهن مان ڪچندو وڃي ٿو، ان ڪري هو دلي طور تي چاهي پيو تہ قرآن تعليمات عام ٿئي ۽ ماڻهو اسوه، حسنه ۽ سنتِ رسول صلي الله عليه وسلم جي اطاعت ڪن. پاڻ اڪثر ان ڳالهہ جي ماڻهن کي تلقين ڪندو هو-فرمائي ٿو:

چون مسلمانان اگر داري جگر
در ضميرِ خويش و در قرآن نگر

يعني: جيڪڏهن مسلمان بڻجي رهڻ چاهيو ٿا تہ قرآن جي مطلب تي غور ڪريو ۽ پاڻ پنهنجي ضمير کي سجاڳ ڪريو.

منزل و مقصود قرآن ديگر است
رسم و آئينِ مسلمان ديگر است

يعني اسلام جو آئين قرآن آهي پر قرآن جي منزل مقصود اوهان ۾ نہ ٿي ڏسجي:

برگ و سازِ ما ڪتاب و حڪمت است
اين دو قوتِ اعتبارِ ملت است

يعني: ملت جي عزت و آبروءَ جون طاقتون ڪتاب ۽ حڪمت آهي،

بنده مؤمن ز آيات خداست
اين جهان انور بر اوچون باست

يعني، قرآن جي ذريعي هڪ وڏي انقلاب آڻڻ جي لاءِ سندرو



Marfat.com

ڀڃي تيار ٿيو.

اے چــــو شبنمر بــــر زمين افــتنده،
در بــغـــــل داري كـتـابِ زنـــده،

يعني: ملت اسلامي جي نشاةِ ثانيہ احيا اسلام ۽ احياء قران سان لاڳاپيل آهي.

اے كہ مي نـــازي بہ قـــرآن عظيم
تا كجـــا در حجــره ها باشي مقيم

يعني: تزكيہ نفس، تصفيہ قلب ۽ تجلي روح جو اثرائتو ذريعو بہ قرآن حكيم آهي.

جـــــزبہ قرآن ضيغمي روباهي اســت
چہ فقرِ قــرآن اصـــل شاهنشاهي است
فقرِ قـــرآن اخـــتلاط ذكـر و فكـر
فكر را كـــامـل نہ ديـــدن جـــزبہ ذكر

يعني: سيني مرضن جي لاءِ شفا جو نسخو بہ آهي ۽ ملت جي جان ۾ نئون روح وجهڻ جي لاءِ آب حيات بہ قرآن جي چشمي مان ملي سگهي ٿو.

يہ راز كسي كـــو معلوم نهين كہ مومن
قاري نظر آتا هـے حقيقت مين هے قرآن

يعني: قرآن تي مؤمن جو حقيقي عمل هجي.



Marfat.com

از یک آئینِ مسلمان زنده است
پیکرِ ملت زِ قرآن زنده است

يعني: مسلمان جو دستور هڪ ئي آهي يعني قرآن ۽ ان ۾ ئي سندن قومي زندگي لڪيل آهي ۽ قرآن ۾ ئي سندن طاقت جو راز آهي.

گر تو میخواهي مسلمان زیستن
نیست ممکن جز بہ قرآن زیستن

يعني: جيڪڏ اوهان مسلمانن وانگر زنده رهڻ چاهيو ٿا تہ اهو قران تي عمل ڪرڻ ڪانسواءِ ناممڪن آهي،

از تلاوت بر تو مي خواني کتاب
تو ازوکامي کہ مي خواهي بيان

يعني: تلاوت سان تہ تون ڪتاب پڙهي سگهين ٿو. پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان ڪتاب جي ذريعي پنهنجا اعليٰ مقصد حاصل ڪر.

صد جهان باقي است در قرآن هنوز
اندر آيا تش يکي خود را بسوز

يعني: اڄ بہ قرآن ۾ سوين اهڙيون دنيائون موجود آهن جن کي تلاش ڪرڻو آهي پر ان لاءِ رڳو تلاوت سان ڪم نہ هلندو بلڪہ قرآن جي باهہ ۾ پاڻ کي پڙڪائڻو پوندو.

قلب مومن را کتابش قوت است
حکمتش حبل الورید ملت است



Marfat.com

يعني: مومن جي دل تہ قرآن مان قوت علم حاصل ڪري ٿي ۽ انهي ڪتاب جي حڪمت ڪان وٺي هو پنهنجي ملي طاقت کي قائم رکي سگهي ٿو.

گرتو مي خواهي مسلمان زيستن
نيست ممڪن جُز بہ قرآن زيستن

يعني: جيڪڏهن تون مسلمان واري زندگي گذارڻ چاهين ٿو تہ اها قرآن تي عمل ڪان سواءِ ناممڪن آهي.

آن ڪتاب زنده، قرآن حڪيم
حڪمتِ او لايزال است و قديم

يعني: قرآن ۽ حڪمت ہِئي هميشہ، قديم ۽ زنده رهڻ واريون شيون آهن.

نقش قرآن تا درين عالم نشست
نقش پائے ڪاهن و پاپا شڪست

فاش گويم آنچہ در دل مضمر است

اين ڪتابے نيست چيزے ديگر است

آفريدي‌ء شرع و آئينے دگر
آنڪے بانورِ قرآنش نگر

جڏهن قرآن نازل ٿيو تہ سڀ مذهب منسوخ ٿي ويا. ڪاهن ۽ پاپائيت سيني جا طريقا متجي ويا جيڪڏهن منهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌڻي اٿو تہ ٻڌو! هن ڪتاب ڪان سواءِ هاڻي ڪو بہ ڪتاب ناهي اي



Marfat.com

روس! تو هڪ نئون قانون ۽ نئين شريعت ايجاد ڪئي آهي، نہ تہ انجي ضرورت هئي ۽ نہ ئي مڪمل آهي. ڪجهہ قرآن جي نور جي گهرائين ۾ گهوري تہ ڏس تہ توکي سڀ ڪجهہ معلوم ٿي ويندو.

علامہ اقبال فقر کي تمام گهڻو بيان ڪيو آهي هو انکي فقرِ قرآن چوي ٿو جيڪو اسوه حسنہ آهي. پڻ هو فقر مان مراد صحيح واٽ جي سڃاڻپ، توحيد، خود احتسابي، ساري ڪائنات جو احتساب ۽ ڪلمہ لاالہ جي گهرائين ۾ پهچي وڃي ٿو. اهو سڀ ڪجهہ قران مجيد منجهان ئي حاصل ٿئي ٿو-فرمائي ٿو.

چيست فقر اے بندگان آب و ل
يک نگاه راه بين، يک زنده دل
فقر کے زخويش را سنجيدن است
بردو حرف لااله پيچيدن است
فقر قرآن احتساب هست و بود
نے رباب و مستي ورقص و سرود
برگ و ساز او ز قران عظيم
مردِ درويشے نہ گنجد در گليم

علامہ اقبال فقر جي اهڙي دولت جي مسلمانن جي حق ۾ دعا بہ گهري آهي:

سوچا بهي هے اے مردِ مسلمان کبهي تونے
کيا چيز هے فولاد کي شمشير جگر دار
پوشيده چلے آتے هين توحيد کے اسرار
الله کرے تجهـ کو عطا جدت کردار



Marfat.com

فقرِ دين ۽ فقرِ دنيا جو فرق اقبال خوب واضح ڪيو آهي،

اک فقر سکھاتــــا ھے صیّاد کــو نخچیري
اک فقر سے کھلتے ھیں اســـرارِ جھـان گیري

ڊاڪٽر اقبال ويهين صدي ۾ قرآن حڪيم جي تعليمات اهڙي نہ طريقي سان پيش ڪيون جو جديد دور جا مـاڻهـو آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ قبول ڪري سگهن-ان سان گڏوگڏ پاڻ اسوه حسنه ۽ اطاعت رسول صلي الله عليہ وسلم ڏانهن تمام گهڻو توجہ ڇڪرايو. پڻ مسلمان امت کي تاڪيد ڪيو تہ هو قرآن ۽ سنت جي عملي تفسير يعني سيرت محمد صلي الله عليه وسلم جي اتباع، پيرويءَ اطاعت ڪري دين و دنيا ۾ فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪن.

علامہ اقبال جي نثر ۽ نظمؒ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪابہ ڳالهہ قرآن ۽ سنت ڪان هٽي ڪري نہ ڪئي اٿس، سندس تعليمات جو بنياد قرآن ۽ اسوه حسنہ آهي، ان سلسلي ۾ عطيہ فيضي فرمايو آهي تہ "اقبال جو خيال دنيا جي ٻين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ بالڪل انوکو هو ۽ مان رڳو اهو چئي سگهان ٿي تہ ان امتياز ۽ خصوصيت جو بنيادي سبب ان علم ۾ لڪيل آهي جيڪو هن قرآن تعليمات مان ورتو هو، مان اهو نہ ٿي چئي سگهان تہ هن قرآني الفاظ جي حقيقي مفهوم جو مڪمل طور تي ادراڪ ڪيو هو، پر حقيقت اها آهي تہ هن پنهنجي ڪيترن ئي خيالن جو بنياد ان مقدس ۽ الهامي ڪتاب تي ئي رکيو هو.

مرزا جلال الدين بيريسٽر ايٽ لا ان ڏس ۾ لکي ٿو تہ "قرآن



Marfat.com

آئي، ڪجھ عرصي کان پوءِ جڏهن سندس پيءُ جا ساهرا ناهہ ڪرڻ آيا تہ پاڻ راضي نہ پئي ٿي نيٺ جڏهن سندس والد صاحب هيءَ آيت پڙهي والصلح خير (ناهہ بهتر آهي) تہ ايترو پڌڻ هو ءِ علامہ صاحب خاموش ٿي ويو، سندس چهري جو رنگ متجي ويو ٿوري دير کان پوءِ جڏهن والد صاحب کانئس پڇيو تہ ڪهڙو فيصلو آهي؟ تہ علامہ صاحب چيو تہ "اهوئي جيڪو قرآن فرمائي ٿو".

ڊاڪٽر اقبال کي ان ڳالھہ جو ڏاڍو افسوس ٿيندو هو تہ ماڻهو رڳو پنهنجي مقصد لاءِ قرآن کان مراد وٺن ۽ استعمال ڪن پر حقيقي عمل کان بي خبر هجن تنهن ڪري چوي ٿو"قرآن ڪريم ان اعتبار کان تمام مظلوم ڪتاب آهي جو دنيا ۾ جنهن کي بيو ڪجھہ نہ ٿو ملي سو ان جي ترجمي ۽ تفسير ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو جڏهن تہ اها تمام نازڪ ۽ محتاط ذميواري آهي، شايد انهي ڪري فرمايو هيائين تہ:

احــڪام تيـرے حق هين، مگـــــــر اپنے مفسر
تاويل سے قـــرآن ڪــــــو بناسڪتے هين پازند
خـــود بدلتـے نهين، قرآن ڪـــو بـــدل ديتے هين
هـــوئے ڪس درجہ فقيهـــــانِ حـــرم بے توفيق
ان غلامون ڪا يہ مسلڪ هے ڪہ ناقص هے ڪتاب
ڪہ سڪـــهاتي نهيـن مؤمن ڪـو غلامي ڪے طريق

علامہ اقبال جو تعلق قرآن سان ڪيترو هو؟ هن واقعي مان بہ معلوم ٿي سگهي ٿو: عرشي صاحب هڪ ڀيري ڪانئس پڇيو تہ



Marfat.com

نہ سگھيو، جيڪڏهن پنهنجي مطالعي جو نچوڙ ۽ خلاصو عوام جي سامهون پيش ڪري ها تہ شايد ڪن خاص ۽ اهم پهلوئن مان رهنمائي ملبي سگهي ها-پنهنجي هٿي خط ۾ سر راس مسعود مرحوم کي ان ڪم جي نہ ٿيڻ تي لکيائين تہ

"چــراغِ سحر هون بجها چاهتا هون"

بهرحال انهن تمام واقعات ۽ علامہ اقبال جي شاعريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس قرآن ڪريم سان ڪيڏي نہ محبت ۽ چاهہ هو، تنهن ڪري مسلمانن جي لاءِ بہ پنهنجي پيغام ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ هو قرآن مجيد کي پڙهن، سمجهن ۽ ان مان ڪماحقہ هدايت حاصل ڪن، پاڻ فرمائي ٿو.

وه زمانے مين معزز تهے مسلمان هوکر
اور تم خوار هوئے تارکِ قرآن هوکر



Marfat.com

سڪندر علي چنه

# بــيـا بـه مجلسِ اقبال

علامہ اقبال جي زندگيءَ سندس فڪر ۽ فن تي جيترو لکيو ويو آهي شايد ئي ويهين صديءَ جي ڪنهن جديد مسلم دانشور تي لکيو ويو هجي. هر وڏي شخصيت وانگر، اقبال رحہ تي بہ مخالفت ۽ موافقت ۾ لکيو ويو آهي ايتري قدر جو سندس فرزند، جسٽس ڊاڪٽر جاويد اقبال کي چوڻو پيو تہ "اقبال شناسيءَ سان گڏوگڏ اقبال دشمني بہ هڪ مستقل موضوع بنجي ويو آهي". ان جو سبب بہ غلط فهمي ۽ ڪج بحثيءَ تي آهي-بنهي ڌرين افراط ۽ تفريط کان ڪم ورتو آهي- اقبال جي موافقت ۾ لکندڙ سندس حمايتين ايتري قدر تہ غلو ۽ مبالغہ آرائيءَ کان ڪم ورتو آهي جو ڪيس حڪيم الامت ۽ شاعرِ مشرق جا خطاب ڏنائون جڻ تہ اقبال انسان نہ بلڪہ فرشتو هجي. ايتري قدر شخصيت پرستي خود اقبال شناسيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ جو باعث بڻي آهي-مخالفن وري اقبال کي تصوف جو دشمن، نئين راسخ الاعتقاديت جو تشڪيل ڏيندڙ ، درباري ۽ قصيده گو، فڪر معاش کان عاري، ۽ فاشزم جي تعليم ڏيندڙ ڪوٺيو. هڪڙو ٽيون طبقو اشتراڪين جو آهي جن اقبال جي ڪجهہ نظمن مثلاً: "لينن-خدا کے حضور میں" ۽ "الله کا پیغام-فرشتوں کے نام" جي بنياد تي دعوي ڪئي تہ اقبال اشتراڪي هو-اقبال جا حمايتي ضد تي سندرو ٻڌي ٻيهي نا رهن تہ



Marfat.com

اقبال، فڪرِ مغرب ڪان ڪجهہ بہ اخذ نہ ڪيو آهي، تہ وري اقبال مخالفن جو سڄو زور ان تي آهي تہ اقبال وٽ جيڪو ڪجهہ آهي سو مغرب ڪان مستعار آهي ۽ هو نطشي ۽ برگسان جو نقال آهي-غرض تہ اقبال شناسي ۽ اقبال دشمنيءَ تي ٻڌل مواد ۾ اقبال جي شارحين طرفان متضاد تشريحون ۽ سمجهاڻيون پڙهي، هڪ قاري ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ:

شُد پريشان خوابِ من-از ڪثرتِ تعبير ها

پر پريشان نہ ٿيڻ کپي ڇو تہ اهوئي سندس مقبوليت ۽ وڏي دانشور هجڻ جي ثابتي آهي-تاريخ ۾ سيني وڏين شخصيتن سان ايئن ٿي ٿيندو رهيو آهي-لطيف رحہ کي ڏسو، هڪڙا سندس شاعريءَ کي صوفياء ۽ اولياء جي ملفوظات ۽ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ڏسن ۽ ٻيا وري ڪيس محض دنياوي ۽ مادي نقطہ نگاه سان پرکين ٿا.

حقيقت پسندي ڪان ڪم وٺندي ڏسبو تہ اقبال بہ هڪ گوشت پوست جو انسان هو ۽ سندس ارد گرد جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هو ان ڪان متاثر ٿيڻ ۾ سندس دانشورانہ يا شاعرانہ عظمت گهٽجي ڪانہ ٿي ۽ نہ ٿي سندس ذهني ۽ فڪري ارتقا . مطالعي ۽ مشاهدي جي بنيادن تي تبديل ٿيندڙ نظرين ۽ لاڙن جي بنياد تي ڪيس منافق چئبو-غلطين ڪان پاڪ . تضاد ۽ تڪراء ڪان بري صرف الله جو ڪلام آهي ۽ الله طرفان انبياء عليهم السلام کي جيڪو وهبي علم ملندو آهي اهو مستقل نوعيت جو هوندو آهي-اِهوئي سائنسي ۽ علمي نهج آهي تہ انسان جسماني نشو نما سان گڏ ذهني طور تي بہ ترقي ڪندو رهي ٿو- ڪسبي علم جو اهوئي طريق آهي، ان ڪان انڪار،



Marfat.com

علم جو انڪار ڪرڻ آهي.

اقبال ھڪ دردمند انسان ۽ متلاشي ذهن هو جنهن جي فڪري لاڙن ۾ ڪيئي لاهيون ۽ چاڙهيون آهن.-مثلاً: اقبال به ابتدا ۾ غير منقسم هندوستان جي ٻين دانشورن وانگر متحده هندي قوميت جو پرچارڪ هو جو ان ڪي پنهنجين نظمن: تصويرِ درد-آفتاب-همالہ-ترانہ ء هندي ۽ نيا شوالا ۾ اعليٰ الاعلان بيان ڪيو اٿس- پر پوءِ وسيع مطالعي ۽ مشاهدي ۽ مغربي دنيا ۽ يورپ جي فڪري مطالعي ڪيس محدود ذهني رجحان کان بين الاقوامي وطنيت جو شعور ڏنو ۽ محدود وطني تصور جي نفي ڪندي چيائين:

ان تازه خدائون مين بڑا سب سے وطـــن ھے
جو پيرهن ھے اس کا وہ مذھب کا کفن ھے.

ان کان سواءِ اقبال شروع ۾ وحدت الوجود جو قائل به هو ۽ ان نظريي جو به سرِ عام اعلان ڪيائين.

تارے ميـــن وہ، قمر مين وہ، جلـــوءِ سحر مين وہ
چشمِ نظـــارہ مين نـــہ تـــوُ، سرمہء امتياز دے

1905 کان 1908 تائين اعليٰ تعليم لاءِ انگلستان وڃڻ ۽ اتي انهن صوفيانہ مخطوطات، ملفوظات ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، جيڪي هندستان ۾ ناپيد هئا ۽ ايراني مابعدالطبيعيات تي ڊاڪٽريٽ ڪرڻ سان، اقبال جي وحدت الوجود جي مسلڪ ۾ تبديلي آئي ۽ وحدت الشهود جي فلسفي کي قبول ڪيائين ۽ آخري عمر تائين ان جو قائل رهيو. حاصل مطلب تہ اقبال بہ مختلف وادين جو سير ڪندو رهيو-قرآن



Marfat.com

شاعرن جي سلسي ۾ هڪ دائمي اصول بيان ڪيو آهي تہ:

وَالشّعرَآءُ يَتبِعُهُمُ الغَاونَ-اَلَم تَرَ اَنهُم فِي كُلِ وَادِ يَهِيمُونَ وَاَنَهُم يَقُولُونَ مَالاَ يَفعَلُون (سورة الشعرا 226)

"۽ شاعرن پٺيان گمراھ ماڻهو هلندا آهن-ڇا تون نہ ٿو ڏسين تہ هُو هَر واديءَ ۾ ڀٽڪن ٿا ۽ جيڪو چون ٿا اُهو نہ ٿا ڪن"

اقبال رحہ صحيح معنيٰ ۾ اسلامي فڪر ڪي مڪمل طور تي پنهنجي شعرن ۽ فڪر جو بنياد 1908ع ۾ يورپ واپسيءَ ڪان پوءِ ڪيو آهي-جيئن تہ پاڻ اقرار ڪيو هئائين تہ:

"يورپ نے مجھے مسلمان کردیا"

وطن واپس اچڻ ڪان پوءِ اقبال رحہ 1920ع تائين پنهنجي نظرياتي ڪشمڪش ۽ فڪري بنياد جي تيارين ۾ مصروف رهيو ۽ 1920ع ڪان پوءِ اسين ڪيس ڀهريون ڀيرو هڪ اسلامي بيداري جي محرڪ جي شڪل ۾ ڏسون ٿا. ڪيس هندوستاني مسلمانن ڪي انفرادي تشخص يا سڃاڻپ، خودداري ۽ غيرت جو درس ڏيندي ڏٺون ٿا-ان لاءِ علامہ اقبال رحہ فارسي ۽ اردو ادب ۾ تڪبر ۽ وڏائي لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح "خودي" ڪي بلڪل ان جي برعڪس مفهوم ۾ پيش ڪيو-اقبال جي مڪمل فلسفي ۽ فڪر جو بنيادي نقطو اهوئي رهيو تہ خودي ڪي بيدار ڪيو وڃي.

اقبال ڪي پاڻ بہ اهو احساس هو تہ لفظ خودي جو مروج مفهوم غلط فهمين جو باعث ٿيندو-تنهن ڪري هن "مثنوي اسرار



Marfat.com

خودي" جي ديباچي ۾ ان جي وضاحت ڪئي ته ان جو مطلب تڪبر نه پر تعين ذات آهي-اقبال اهو تصور نطشي جي "سپرمين" کان ورتو هجي يا عبدالڪريم الجيليءَ جي "انسانِ ڪامل" تان يا مولانا رومي جي "مردِ ڪامل" تان-ان جو بنيادي موضوع انسان آهي ۽ ان جي ڪامل نشو و نما-ان لاءِ اقبال اسرار خوديءَ جي آغاز ۾ مولانا رومي رحه جا اُهي شعر ڏنا آهن جنهن ۾ مولانا رومي پڻ ان انسان جي آرزو ٿو ڪري جيڪو اقبال رحه کي مطلوب آهي.

دي شيــــخ با چراغ همي گـشت گردِ شهر
کز دامر ودد ملولمر انـســـــانمر آرزوست
زين همرهانِ سست عنـاصــر دلمر گرفت
شيرِ خـــــدا ورسـتمِ دستانمر آروزست
گفتمر ڪه يـافت مي نشود جستہ ايمر ما
گفت آن يافت مي نـشود آنمر آرزوست.

يعنيٰ اقـبـال جي خودي جي تصـور جو مطلب آهي انسـانـي شخصيت جي مڪمل نشو و نما جنهن سان انسان منزل تي پهچي ۽ ان جي رضا الله جي رضا ٿي وڃي:

خودي کو کــر بلنـد اتـــنا کہ هر تقدير سے پهلے
خدا بندے سے خود پوچهے-بتا تيري رضا کيا هے

اقبال جا ٻه شعري مجموعا:

(1) اسرار خودي ۽ (2) رموز بيخودي - حقيقت ۾ فرد ۽ جماعت جو تصور بيان ڪن ٿا-" اقبال جي فلسفي جو حاصل ٿي اهو



Marfat.com

آهي تہ انسان ذاتي محنت ۽ اصلاحي ڪوشش سان اطاعت-ظبطِ نفس ۽ نيابتِ الاهيءَ جون ٽئي منزلون طي ڪندو خوديءَ جي انتهائي بلنديءَ تي پهچي ۽ پنهنجين روحاني ۽ مادي ترقين ۽ صلاحيتن کي ملت لاءِ وقف ڪري ڇڏي".

خودي جي مرادي معنيٰ آهي پاڻ-ذات-شخصيت فرد انفراديت ۽ بي خوديءَ جي معنيٰ آهي پنهنجو پاڻ کي وڃائي جماعت-امت-يا ملت ۾ مدغم ڪرڻ.

انفرادي نشو ونما لاءِ خودي يا شخصيت ۾ هيٺيان چار عناصر ضروري آهن:

قهاري و غَفَاري و قُدوسي وَ جبروت
يہ چار عناصر هون تو بنتا هے مسلمان

فرد جي آزادي ۽ سندس صلاحيتن جي مڪمل ترقي لاءِ لازم آهي تہ فرد، ذهني ۽ جسماني طور تي آزاد هجي-ان لاءِ توحيد ۽ ڪلمہ لا اِلہ الاالله ۾ يقين لازم آهي.

خودي کا سرِنهان لااله الا الله

يعنيٰ فرد جي نشوونما لاءِ لازم آهي تہ هو شرڪ کان پاسو ڪري ۽ توحيد جو اقرار ڪري.

توحيد کان پوءِ رسالت جو اقرار ۽ سنت نبوي صہ جي پيروي لازم آهي:

هست دينِ مصطفيٰ دينِ حيات
شرع اُو تفسيرِ آئينِ حيات



Marfat.com

گر زمــيــنـــي، آسمـــــان ســـــازدَ تُرا
آنچہ حـــــق مـــي خــواهــد. سازد تُرا
خـــستہ بـــاشي، استــوارت مـــي كــند
پختہ مثلِ كـــــوهــسارت مـــــي كــند.

كي محمّد سے وفا تونے تو هم تيرے هين
يہ جهان چيز هے كيا-لوح و قــلم تيرے هين.

توحيد ۽ رسالت تي ايمان آڻڻ کان پوءِ قرآن جي تعليمات تي عمل ڪرڻو آهي-ان لاءِ اقبال چوي ٿو تہ:

آن كتابِ زنـــــده قـــــرآنِ حكيم
حكمــــتِ اُو لايـــزال است و قــديم
نسخہء اســــرارِ تكـــوينِ حيات
بے ثبات از قـــــوتش گيرد ثــبات
نـــوعِ انـــسان را پيا مِ آخــــرين
حـــامـــلِ اُو رحـــــمة للعالمين.

اقبال چاهي ٿو مسلمان ڊگهين ۽ طويل تفسيرن کان بچي پاڻ مختصر ترجمن سان قرآن جو براهِ راست مطالعو ڪن ڇو جو قرآن، هدايت جو ڪتاب آهي ۽ هدايت لاءِ ڊگهن بحثن جي نہ بلڪ زنده دل جي ضرورت آهي-تنهن ڪري،

ترے ضمير پہ جب تک نہ هو نزول كتاب
گره كُشاهے نہ رازي نہ صـــاحب كُشّاف

آخر ۾ هڪ دفعو وري گذارش ڪندس تہ اقبال رحہ کي



Marfat.com

ويهين صديءَ جي هڪ عظيم شاعر ۽ ڏاهي جي حيثيت سان ڏٺو وڃي -۽ سندس مطالعو بنا ڪنهن سياسي مفاد ۽ تنگ نظري ۽ تعصب ڪان هٽي ڪري ڪجي-اقبال رحہ جي زندگيءَ جا جيڪي بہ رنگ آهن، سندس ڪلام ۾ جيڪي بہ لاڙا ۽ رجحان موجود آهن، انهن سڀني کي اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو پوءِ ڀلي اهي اسانجي طبيعت، سوچ ۽ فڪر جي خلاف ئي ڇو نہ هجن-اقبال رحہ جي ڀرپور شاعريءَ مان جيڪڏهن لطف اندوز ٿيڻو آهي ۽ سندس فڪر جي خزاني مان جيڪڏهن ڪو فيض حاصل ڪرڻو آهي تہ اقبال رحہ جي خوبين ۽ ذاتي خامين جي مدفون قبرن کي کوٽڻ کان بهتر آهي تہ سندس ڪلام مان محظوظ ٿجي نہ ڪہ ان کان نفرت ڪجي-منهنجو ذاتي تجربو آهي تہ اقبال جي نظم-اردو ۽ فارسيءَ ۾ جيڪا دريا جي رواني آهي اها قاريءَ کي بہ وجد ۾ آڻي ٿي-ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اقبال جو اردو يا فارسي ڪلام ضرور پڙهڻ گهرجي-بقول اقبال جي تہ:

بيا بہ مجلس اقبال و يک دو ساغر کش
اگــــرچہ ســر نہ تراشد-قــلندري داند



Marfat.com

پروفيسر محمد خان
مترجم: ارباب علي ٻگهيو

# اقبال جو جمهوريت جو نظريو

علامہ اقبال نہ فقط هڪ حساس طبيعت شاعر هو پر ان سان گڏ هو هڪ بلند خيال مفڪر، ڏاهو، حڪيم، باشعور فلسفي ۽ هڪ تجربيڪار سياستدان بہ هو. اقبال جو ڪلام خودداري، جي باقيءَ حڪمت شعاري، فطرت نگاري ۽ فڪر جي پرواز تي مشتمل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ هڪ تڙپ، سوز ۽ گداز آهي. هن جي شاعري سراپا جستجو ۽ آرزو آهي، اقبال جي شاعريءَ ۾ جدوجهد جو نياپو ڏنل آهي. ان ڪري ئي سندس عظيم فڪر بي حس روحن ۾ تڙپ پيدا ڪري هڪ عظيم انقلاب برپا ڪيو، ان ڪري ئي اسان آزاد ملڪ حاصل ڪيو. پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي لاتعداد قربانيون ڏيڻيون پيون آهن. جيڪي اڄ بہ اسان جي دلين ۾ تازيون آهن-افسوس آهي جو اسان انهن عظيم قربانين جي مقصد کي هوريان هوريان وساريندا پيا وڃون.

پاڪستان کي قائم ٿئي اڌ صدي گذري چڪي آهي، پر پوءِ بہ ان ڊگهي عرصي جي باوجود بہ اسان پنهنجي مقدس سر زمين کي تجربن جي چڪيا تي چاڙهي رهيا آهيون. اڄ اسين ملڪ ۽ قوم جي سطح تي پنهنجي لاءِ زندگي گذارڻ جو ڪو بہ حتمي لائحہ عمل مقرر ڪري نہ سگهيا آهيون. ماضي ۾ ۽ ڪنهن حد تائين ماضي قريب ۾



Marfat.com

دنيا اندر حڪومت جو طريقو گهڻي قدر بادشاهت رهيو آهي يا وري آمريت. جيئن جيئن زماني جي فهم ۽ ادراڪ عقل ۽ شعور ۾ اضافو ٿيندو ويو، تيئن تيئن باشاهت ۽ آمريت جي جڳهه جمهوريت اچي والاري آهي. اڄ سڄي دنيا اندر جمهوريت جو نالو بلند آهي، هن جمهوريت جو مطلب مغربي جمهوريت يا حڪومت جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ انسانن جي حڪومت انسانن جي مٿان هوندي آهي. مشرق جي هن عظيم مفڪر ان حڪومت جي طريقي بابت فرمايو آهي ته:

سلطاني جمهور ڪــا آتا هے زمانه،
جو نقش کهن تم کو نظر آئے مٹادو.

علامه اقبال جي هن شعر مان چٽيءَ طرح پڌرو آهي ته هو ماضيءَ جي بادشاهت ۽ آمريت جيءَ حق ۾ نه هو، پر هن اهڙي قسم جي بادشاهي طريقي کي سخت لفظن ۾ ننديو آهي. علامه اقبال جي سموري زندگي سياست جي ڪشمڪش ۾ گذري. اقبال هڪ راست گو سياستدان هو. سياست ۾ مصلحت پسندي هن کي بالڪل پسند نه هئي، هو سياست جون عياريون ۽ شاطرانه چالن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندو هو. علامه اقبال زندگيءَ جو ڪجهه حصو يورپ ۾ گهميو ڦريو پر هن يورپ کي، عام ماڻهن وانگي نه ڏٺو. اقبال يورپ جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ اتان جي رسمن، رواجن، مذهبي حالتن، اقتصادي معاشرتي ۽ سياسي نظام کي چڱيءَ طرح پرکي ڏٺو. آخر ۾ هو ان نتيجي تي پهتو ته مسلمانن جي اسلامي ۽ فڪري روح کي مغربي جمهوريت ختم ڪري نه ٿي سگهي. اقبال تاريخ اسلام ۽ مذهب اسلام جو مطالعو نهايت گهرائي سان ڪيو هيو، ان ڪري هو ان ڳالهه



Marfat.com

جو پڪو قائل هو تہ اسلام جو روح مغربي جمهوريت نہ پر توحيد آهي. مسلمان فقط روح اسلام مان رهبري ۽ رهنمائي حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ان ۾ انهن جي فلاح ۽ ڀلائي آهي.

اقبال جي خيال مطابق سڄي دنيا جي مسلمانن جي سياسي رهنمائيءَ جو فلسفو قرآن حڪيم ۾ موجود آهي، جنهن ۾ اسلامي معاشري جا خدوخال ۽ بنيادي قائدا ۽ قانون موجود آهن. علامہ اقبال کي برصغير جي مسلمانن جي مستقبل جي باري ۾ وڏو فڪر هو. هڪ ڀيري تقرير ڪندي هن چيو تہ "اڄڪلهہ هندستان ۾ جيڪي سياسي تصور اڀري رهيا آهن اهي اڳتي هلي اسلام ۽ ان جي فطرت تي اثر انداز ٿيندا. ان ڪري مان غلط سياسي تصورن کي وڌندو ويجهندو ڏسي برداشت ڪري نہ ٿو سگهان. علامہ اقبال جو خيال هو، تہ سياست جي پاڙ انسان جي روحاني زندگيءَ ۾ موجود هوندي آهي. اسان جو مذهب مسلمانن لاءِ زندگي ۽ موت وانگر ضروري آهي. ان لاءِ پاڻ هڪ هنڌ فرمايو اٿن تہ:

نسل اگر مسلم کي مذهب پر مقدم هوگئي
اڑ گيا دنيا سے تو مانند خـــــاکِ رهگذر

اقبال جي خيال مطابق مذهب مسلمانن لاءِ اڻ ٽر آهي ۽ اهوئي اسلام ۽ فطرت کي پڻ پسند آهي.

مذهب ۽ سياست پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن. مذهب کانسواءِ سياست چنگيزي ٿي وڃي ٿي، جڏهن تہ مغربي جمهوريت ۾ مذهب ۽ سياست کي الڳ الڳ رکيو ويو آهي. مغربي جمهوريت ۾ ديکاءُ تہ آهي پر ان ۾ حقيقي سڪون ۽ فلاح جي کوٽ آهي. اقبال مغربي جمهوري



Marfat.com

نظام لاءِ چيو آهي تہ:

توني کيا ديکها نهين، مغرب کا جمهوري نظام،
چهره روشن، اندرون چنگيز سے تاريک تر.

علامہ اقبال سياست ۽ مذهب ۾ کو بہ فرق نٿي چاتو. علامہ صاحب جي سياست جو بنياد مذهب اسلام تي آهي، جيڪو دين فطرت آهي، ان ڪري علامہ اقبال بر صغير جي مسلمانن کي سمجهايو تہ:

اپني ملت پر قياس، اقوام مغرب سے نہ کر
خاص هے ترکيب مين قومِ رسول هاشمي.

مشرق جي هن عظيم مفڪر مغربي جمهوري نظام جي ڪجهہ ڳالهين کي پسند پڻ ڪيو، جن جو تعلق پڻ ڪٿي ڪٿي اسلام سان ٺهڪي ٿي آيو. علامہ اقبال مغربي جمهوريت جو مداح هرگز نہ هيو چاڪاڻ تہ هن طرزِ حڪومت ۾ انسانن جي حڪومت، انسانن تي هوندي آهي ان ڪري هن نظام ۾ ماڻهن کي ڳڻيو ويندو آهي پر انهن جي پرک نہ ڪئي ويندي آهي. هن نظام ۾ انسان جا پنهنجا ٺاهيل اصول هوندا آهن، جيڪي غلطين ۽ خامين کان هرگز پاڪ نہ هوندا آهن. علامہ اقبال جي نظر ۾ مغرب جو جمهوري نظام هڪ اهڙو وقتي نظام آهي، جنهن جي ظاهر ۽ باطن ۾ فرق آهي. هڪ مخصوص سرمائيدار طبقي، سياسي جماعتن ۽ نشر و اشاعت جي وسيلن تي قبضو ڪري عوام کي گهيري ورتو آهي ۽ آزاديءَ جي نالي تي جادو ڦيٽو ڪري ماڻهن کي گمراه ڪري ڇڏيو آهي. علامہ اقبال فطرتاً جمهوريت پسند هو، پر ان جي جمهوريت تي ان بي مثل



Marfat.com

شخصيت ۾ لاثاني هستيءَ جو قبضو آهي، جنهن جو وجود رشد ۽ هدايت ۽ سراپا نور آهي.

علامہ اقبال هر ڳالهہ ۾ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي ذاتِ اقدس ڏانهن رجوع ڪندو هو. ان ڪري اقبال جي ذهن ۾ هڪ اسلامي فلاحي رياست جو خاڪو موجود آهي.

علامہ صاحب پنهنجي هڪ تقرير دوران چيو تہ:

"هاڻي وقت اچي ويو آهي جو اسلامي فڪر ۽ اسلامي طرز حيات جو اڀياس ڪري عوام کي ٻڌايو وڃي تہ اسلام جو اصل مقصد ڇا هو"

علامہ اقبال جي هيءَ خواهش هئي تہ مسلمان اسلام جي روح کي سمجهن ۽ ان تي عمل ڪن.



Marfat.com

ڊاڪٽر وحيد الدين
مترجم بشير احمد مهر

# خدا جو تصور ۽ دعا جو مفهوم

## اقبال جي نظر ۾

پنهنجي ٽئين خطبي ۾ علامه محمد اقبال خدا جي تصور جي نوعيت تي بحث ڪندي چوي ٿو ته " ڇا خدا فرد آهي جنهن تي انا جو اطلاق ڪري سگهجي يا اهو ڪو مبهم ڪائناتي اصول يا قانون آهي. اسلامي توحيد يا وحدانيت جيڪا خدا جي لم يلد ولم يولد هجڻ تي ايترو اصرار ڪري ٿي ان ۾ هڪ لطيف نڪتو سمايل آهي، هتي اقبال، برگسان جي خيالن سان متفق آهي ان حوالي سان ان حقيقت ڏانهن نشاندهي ڪري ٿو ته اولاد پيدا ڪرڻ ۽ نسل وڌائڻ جو عمل، انفراديت ۽ فرد جي فرديت هڪبئي جي نفي ڪن ٿا. انفراديت جا به درجا آهن ۽ هر فرد اولاد پيدا ڪرڻ ۽ نسل وڌائڻ ذريعي پنهنجي تخريب جو سامان پنهنجي اندر پوشيده رکي ٿو.

قرآن ۾ خدا کي نور چيو ويو آهي پر ان مان همه اوست جي نظرئي جي تائيد نه ٿي ٿئي بلڪه خدا جي فرديت ظاهر ٿئي ٿي.

موجوده سائنسي تحقيق موجب اهو چئي سگهجي ٿو ته نور جي تشبيهه خدا جي همه گيريت کي ظاهر ڪري ٿي، پر ڇا فرديت، محدوديت کي ظاهر ڪري ٿي؟ ڇا فرد جو محدود هئڻ ضروري آهي؟ ڇا خدا کي انا چوڻ سان ان جو محدودو هئڻ لازم نه ٿو ٿئي؟ اهو سوال ان ڪري پيدا ٿئي ٿو جو اسين لامحدود جو تصور، زمان ۽ مڪان



Marfat.com

جي دائري ۾ ڪندا آهيون خدا تہ لامحدود آهي ۽ زمان ۽ مڪان کان اتاهون آهي. موجوده سائنس مطابق نيچر (فطرت) جامد ۽ غير متحرڪ نہ آهي جنهن جي جڳهہ خلا هجي ۽ نيچر واقعات جي ڳنڍيل رشتن سان منظم آهي بلڪہ نيچر جي تصورات جو زمان ۽ مڪان ئي بنياد آهن، ٻين لفظن ۾ زمان ۽ مڪان فڪر جون تعبيرون آهن. قرآن جي تصـــور جا اهم جزا هي آهن: خدا جي خلاقي، خدا جو علم ۽ سندس قدرت ۽ ابديت. محدود ذهن نيچر کي هڪ غير جي حيثيت سان ڏسي ٿي، جنهن کي هو تخليق نہ ٿو ڪري. ان نظرئي مطابق تخليقي عمل هڪ مخصوص واقعي جي شڪل اختيار ڪيو وڃي، جنهن جو هڪ زنده خالق سان ڪو بہ تعلق ۽ واسطو ڪونهي ۽ جيڪو ان جي مقابلي ۾ محض هڪ تماشائي جي حيثيت رکي ٿو. ان نظرئي مطابق نيچر ابدي زندگيءَ جو صرف هڪ اتفاقي حادثو ٿيجيو وڃي.

تخليقي عمل، ان معنيٰ ۾ نہ ٿو ٿئي، تہ ڪائنات هڪ طرف آهي ۽ خالقِ ڪُل ٻئي طرف. وچ ۾ هڪ تمام اڻ ڪٿ مڪان آهي. زمان، مڪان ۽ مادو صرف فڪري تعبيرون آهن ۽ بذات خود ڪو بہ وجود ڪونہ ٿيون رکن. تخليق هڪ اڻ ٽٽندڙ عمل آهي. وائيٽ هيڊ جي ان قول سان اقبال متفق ٿيندي نظر اچي ٿو، تہ هميشہ باقي رهڻ جي جستجو عالم طبيعات کي پيدا ڪيو آهي. پر ان کان بہ هڪ قدم اڳتي وڌندي اقبال چوي ٿو تہ اها دنيا جنهن کي ذهن پنهنجي هميشہ باقي رهڻ جي جستجو ۾ پيدا ڪيو آهي ان جو اصل مرڪز خودي آهي جنهن ۾ دوام ۽ تغير ٻئي بہ ابتڙ صفتون پاڻ ۾ گڏ جيو وڃن.

هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ خدا جي تخليق ڪهڙي صورت ۾ پنهنجو عمل ڪري ٿي اقبال اشعرين سان ڪنهن حد تائين اتفاق



Marfat.com

ڪندي نظر اچي ٿو، ڇو جو اقبال جي نظر ۾ اشعرين جو نظريو ارسطو خلاف بغاوت جو پهريون قدم هو.

اشعرين مطابق ڪائنات جوهرن (Atoms) تي مشتمل آهي، اهي جوهر اهڙا جزا آهن جن کي ورهائي نه ٿو سگهجي، جوهر هر وقت خدا جي تخليقي قوت ذريعي پيدا ٿين ٿا. جيئن ته خدا جي تخليقي توانائيءَ جي ڪابه حد نه آهي، تنهن ڪري جوهر به پنهنجي تعداد ۾ محدود نه ٿا ٿي سگهن، اهي پنهنجي اصل ۾ ڪو حجم (Magnitude) نه ٿا رکن ان ڪري اهي مڪان يا جاءِ نه ٿا والارين، جيڪڏهن اهي جڳهه نه ٿا والارين ته پوءِ انهن جي حرڪت جو تصور ڪيئن ڪيو وڃي، ان ڪري هاڻ خلا (Space) کي مڃڻ ضروري ٿيو پوي، ۽ خلا جي پنهنجي هڪ مستقل حيثيت ٿيو وڃي، مشهور معتزلي عالم نظام ان مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ طفره جي تصور جو سهارو ورتو ته متحرڪ جسم هڪ وڏي ڇلانگ سان هڪ مقام کان ٻئي مقام ڏانهن منتقل ٿيو پوي.

موجوده دور ۾ اضافيت جي نظرئي (Theory of Relativi-ty) مطابق جيڪي جيڪي تجربا ڪيا ويا آهن انهن مان خبر پوي ٿي ته متحرڪ جسم پنهنجي.رستي کي تسلسل سان طئي نه ٿا ڪن، ان نظرئي کي طبيعاث ۾ (Theory of Quantum) جو نالو ڏنو ويو.

جوهر جي ٻي خاصيت مسلسل پيدا ٿيڻ آهي، اشعرين مطابق جوهر متضاد صفتن جا حامل ٿين ٿا، جيئن زندگي ۽ موت، حرڪت ۽ سڪون. بقا جهڙي ڪا به شيءَ انهن وٽ موجود ڪونهي، ڪنهن به شيءَ جي مستقل حيثيت ڪونهي جنهن کي اسين نفس چئون ٿا، اهو



Marfat.com

بہ جوهرن جو مرڪب آهي نفس هڪ عرض (Accident) يا حادث آهي، وري اهو چوڻ تہ روح هڪ لطيف مادو آهي خالص ماديت جو تصور آهي، حرڪت کي اسين زمان کان الڳ نہ ٿا ڪري سگهون، جيئن تہ زمان جو سرچشمہ حيات نفس آهي، ان ڪري نفس حيات جي اساسي نوعيت هوندو ۽ جيڪڏهن حيات نہ هجي ها، تہ نہ زمان هجي ها، ۽ نہ ئي وري حرڪت جسم تہ ان عمل جو نظر ايندڙ ۽ قابل پيمائش اظهار Manifestation جو نالو آهي.

اشعرين جي تخليقي تصور، تخليق پيهم اقبال کي متاثر ڪيو. اشعرين جي اها ڪوشش قابل تحسين آهي، جو انهن قرآني روح مطابق پنهنجي تخليق جي نظرئي کي پيش ڪيو. جيڪو ارسطو جي ڪائناتي تصور کان مختلف آهي، ارسطو جي ڪائنات جامد آهي. اقبال کي جديد سائنس جو رجحان بہ انهيءَ طرف وڌي وڃي ٿو. پر اشعرين جو اهو تصور تہ نفس بہ هڪ عرض آهي خود سندن فڪر مطابق نہ آهي. حقيقت پنهنجي اصل ۾ روح آهي ۽ روح جا بہ درجا هوندا آهن. اهو خيال تہ حقيقت جا رتبا ٿيندا آهن اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريائين شهاب الدين سهروردي وٽ اهو نظريو ملي ٿو. اقبال جي نظر ۾ مطلق حقيقت (Absolute Reality) هڪ انا جي حيثيت رکي ٿي ان مطلق انا مان ٻيا انا پيدا ٿين ٿا مطلق انا ۾ عمل ۽ فڪر جو اتحاد آهي.

اشعرين موجوده طبيعات جي نقطي لمحي (Point-Instant) کي واضع طور پيش نہ ڪيو- نقطي کان لمحو وڌيڪ بنيادي اهميت رکي ٿو، پر لمحي کي نقطي کان جدا نہ ٿو ڪري سگهجي.



Marfat.com

سموري دنيا پنهنجي رنگينيءَ سان پري پئي آهي مادي وجود کان وٺي انساني انا جي آزاد فڪر تائين، پنهنجي حقيقت ۾ انهيءَ مطلق انا جو اظهار آهي الوهياتي يا خدائي توانائي (Divine Energy) پنهنجي پست کان پست شڪل ۾ هڪ انا آهي، پر انا جي اظهار جا مرتبا آهن. اسان جو جيئڻ، مرڻ، اسان جو گهمڻ ۽ ڦرڻ ۽ اسان جي ذات حيات ابدي جي مستقل وهڪري ۾ وجود وٺن ٿا. ان ڪري اشعرين جي جوهريت کي ڪثريت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

ڳالهہ اها آهي تہ حقيقت جي مرتبي جو پيمانو، ذات جو پيمانو آهي، جيترو وڌيڪ ذات جو شعور هوندو اوترو ئي وڌيڪ اهو حقيقي وجود هوندو، پر اها انا بي صاحب انا شعور سان پنهنجو تعلق رکڻ جي باوجود، ان جي پنهنجي منفرد دنيا هوندي آهي، ان جو باطن هوندو آهي، جنهن تائين ٻيو نہ ٿو پهچي سگهي. انسان جي انا بہ صحيح معنيٰ ۾ مڪمل ناهي پر اُهو ڪمال اضافي (Relative) آهي. سڀني موجودات مان صرف انسان ئي ان قابل آهي جو هو پنهنجي سرجڻهار جي تخليقي زندگي ۾ شريڪ ٿي سگهي ۽ اهو ماحول جيڪو سندس هڪ اڻ کٽ رستي ۾ درپيش ٿيندو، انهن سڀني کي هٽائي سگهي.

هاڻ اسانکي زمان جي حقيقت متعلق سنجيد گيءَ سان غور ڪرڻو پوندو، تہ زمان جي حقيقت اسلامي فڪر جي آغاز کان ئي بحث جو موضوع بڻي، ان ۾ شايد ان جو سبب قرآن ڪريم جا اهي اشارا آهن، جن ۾ رات ۽ ڏينهن جي تبديلي کي خدا تعاليٰ جي وڏي نشاني ڄاڻايو ويو آهي، اشعرين جو نظريو ان لحاظ کان توجهہ لائق آهي. اشعرين جي خيال ۾ زمان مختلف لمحن جي مجموعي جو نالو آهي هر



Marfat.com

ٻن لمحن جي وچ ۾ هڪ خلا هوندو آهي.

ابن عربيءَ مطابق "دهر" خدا تعاليٰ جي نالن (اسماء الحسنيٰ) مان هڪ آهي. نيوٽن به زماني کي اهڙي طرح معروضي حيثيت ڏني هئي. زمان جو مثال پاڻيءَ جي وهڪري سان ڏنو ويو آهي، پر اهو به ميڃڻو پوندو ته اسان وٽ ڪا به اهڙي حس ڪونهي، جنهن سان اسين زمان جو ادراڪ ڪري سگهون. پر مسلمان مفڪرن نوان نوان رستا اختيار ڪيا. عراقي زمان جي مختلف قسمن هئڻ جو تصور ڏنو. وجود جي مختلف مرتبن سان زمان جي نوعيت بدلجي ويندي آهي. ڪثيف جسمن جو زمان، آسمانن جي گردش جو تابع آهي ۽ انجي تقسيم حال، ماضي ۽ مستقبل ۾ ٿي سگهي ٿو. جيستائين هڪ ڏينهن نه گذري، ٻيو ڏينهن نه ايندو. پر غير مادي موجودات جو زمان پنهنجي رفتار ۾ مختلف آهي ۽ جڏهن پاڻ کي اسين خلائق آسمان ڏانهن رجوع ڪريون ٿا، ته معلوم ٿئي ٿو ته هتي "گذر" جو تصور ڪا معنيٰ نه ٿو رکي، ڇو جو ان ۾ نه ڪا تبديلي هوندي آهي ۽ نه ڪا ورهاست. ان جي نه ابتدا آهي ۽ نه انتها. ادراڪ جي عمل ۾ خدا سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڏسي ٿو. خدا جي اوليت جو ڪو ٻيو زمان آهي جنهن کي قرآن حڪيم "لوح محفوظ" جو نالو ڏنو آهي. جيڪو سموري تاريخ آهي خدا جو علم سوچ ويچار تي مبني آهي ۽ خالص معروضي نقطئه نظر سان زمان جي حقيقت کي نه ٿو سمجهي سگهجي.

اسانجي شعوري تجربي جي نفسياتي تحليل سان ئي زمان جي حقيقت تي روشني پئجي سگهندي، حقيقت شناس (Appreciative Self) ذات ۽ حقيقت شناس آهي. اها بقاءِ خالص ۾ پنهنجو وجود رکي ٿي ان جي تبديليءَ سان تواتر (Serial) لازم ڪونه ٿيندو. من



Marfat.com

جاء تي وجدان (Intuition)، عقل (Intellect) جو حصو بڻجي ٿو ۽ جوهري زمان (Atomic Time) انهيءَ حرڪت جو نتيجو آهي، اسان جي تجربي ۾ علم جو آغاز حواسن سان ٿئي ٿو ۽ ان مان ئي اسان کي رهنمائي ملي ٿي، جيڪڏهن اسين پنهنجي تجربي جي رهنمائي ۾ اناء محيط کي محدود انا سمجهون ته اناء مطلق جي زمان کي به اهڙو تغير سمجهون، جنهن ۾ ڪو تواتر نه هوندو آهي ۽ اناء مطلق جيڪڏهن هڪ طرف ابديت سرمدي جي زندگي جي حامل آهي ته ٻئي پاسي اها تسلسلي زمان (Serial Time) ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿي.

هتان کان خدا جي ٻن صفتن علم ۽ قدرت جي ڳالهه شروع ٿئي ٿي، علم جو محدود انا سان تعلق هڪ زماني عمل آهي، جيڪو پاڻ کان تغير جي چوڏاري ڦري ٿو، اهو غير ان نقطئه نظر کان بذات خود موجود آهي ۽ ذات عالم جي مقابل آهي، جيڪڏهن ان مفهوم ۾ علم جو دائرو ايترو ويڪرو ڪري ڇڏجي جو هو محيط ڪل بڻجي وڃي، ته اهوئي ان جو قيام غير جي نسبت سان وجود ۾ ايندو، اناء مطلق تي ان قسم جو عمل لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي، ڇو جو ان جو ڪو "غير ماسوا" ناهي، ها! جيڪڏهن تخليقي عمل جو حيات رباني جي تعلق جو تصور ان طرح ڪجي جو خدا حيات جي مخصوص ۽ متعين واقعي جي حيثيت اختيار ڪري وٺي، ته عالم (Universe) هڪ بالذات غير جي شڪل ۾ پيش ٿيندو ان ۾ فڪر ۽ عمل متحد آهن، پر جيڪڏهن ان تي اصرار ڪيو وڃي ته علم جي لاءِ هڪ "غير" لازم آهي ته اهو چوٽو پوندو ته منطقي تصورات هتي ڪو ڪم نه ٿا ڏين، تجربي جو تنقيدي جائزو اها ڳالهه ٿو ڪري ته اناء مطلق هڪ مربوط ڪل آهي جيڪو هڪ مرڪز ڏانهن نشاندهي ڪري ٿو.



Marfat.com

خوديءَ جي محدود مرڪز جو اهو نتيجو آهي، جنهن جي بنياد تي اناء مطلق پنهنجي حياتي، قدرت ۽ اختياري حرڪت سان نوازيو آهي، اهو ضروري آهي ته جيڪڏهن اسين خدا جي علم کي انفعالي سمجهنداسين، ته آئنده واقعن جي اڳڪٿي آسان ٿي ويندي، پر خدا اختيار رکي ٿو دراصل خدا جي علم ۾ مستقبل هڪ واضع امڪان جي شڪل رکي ٿو، خدا جي علم کي انفعالي قرار ڏيڻ مناسب ناهي، ڇو جو قدرت ۽ نواڻ جي گنجائش باقي نه ٿي رهي ۽ نه ئي تخليقي عمل جنم وٺي ٿو، اسين پنهنجي تجربي جي روشني ۾ تخليق کي نئين عمل جي آغاز جي تصور سان ئي سمجهي سگهون ٿا.

قرآن ۾ آهي ته "خدا سڀ خير خود پنهنجي هٿن ۾ رکيا آهن، ان ڪري ان جو ارادو ۽ مرضي ان جي حڪمت جي تابع آهي، اهو به خير ئي هوندو". ليڪن هتي وڏي مشڪل سان منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ارتقا جي رفتار اهو ٻڌائي ٿي ته خير ۽ شران جا لازمي جزا آهن، اخلاقي شر ۽ طبعي شر خاص طور تي نمايان نظر اچن ٿا. پر ان سان گڏ اهو به ميٺو پوندو ته ماڻهو جنهن کي خير سمجهي ٿو، ان لاءِ ان گهڻا ڏک ۽ سور سَٺا، ان تصور سان ته شر اضافي (Relative) آهي ۽ اهڙيون قوتون به موجود آهن جيڪي تبديل ڪري ٿيون ڇڏين، ڪا به تسڪين نه ٿي ملي.

شر ڪائنات ۾ وڏي مثبت قوت آهي، خدا جي قوت ڪامله سان شر جو وجود هڪ وڏو مسئلو توحيد جي مڃيندڙن لاءِ آهي. انهيءَ ڪري رجائيت (روشن پهلو) ۽ قنوطيت (نراسائي) جا ٻه ابتر نظريا پيش ڪيا ويا آهن، بقول برائوننگ جي ته "دنيا ۾ سڀ ڪجهه نيڪ آهي" ۽ بقول شوپن هار جي ته "هر زنده وجود ڪجهه گهڙين



Marfat.com

لاءِ هن دنيا ۾ منهن ڪڍي ٿو ۽ پوءِ هميشه لاءِ سڌ ڪا پري موڪلائي ڪري ٿو" پر قدرت ڪاملہ کي ڪنهن به اعتبار سان محدود ڪيئن ٿو قرار ڏئي سگهجي، هر عمل پوءِ اهو تخليقي هجي يا نه هجي هڪ قسم جي تجديد کي فرض ڪري ٿو. جنهن ڪانسواءِ هڪ فعال انا جو تصور نه ٿو ڪري سگهجي، ان ڪري خدا جي قدرت سندس حڪمت سان وابستہ آهي ۽ خدا جي لامحدودو قدرت جو اظهار ڇڙواڳ عمل ۾ پنهنجو اظهار نه ٿو ڏسي، بلڪہ ان جو اظهار هڪ باقاعده ۽ منظم عمل ۾ ئي ٿي سگهندو.

اسان جو ڪائنات جي باري ۾ علم ايترو وسيع ناهي، جو اسين ڪو به فيصلو ڪري سگهون. قرآن جي تعليم نه رجائيت جي آهي ۽ نه وري قنوطيت جي، ان جو رستو وچترو آهي، هو انسان جي عمل ۾ سڌاري کي تسليم ڪري ٿو ۽ قدرت جي قوتن تي ان جي تسلط کي تسليم ڪري ٿو. هو هڪ ايرندڙ دنيا جو قائل آهي انسان جي شرتي فيصلو ڪندڙ فتح جي اميد رکي ٿو.

هاڻ ڏسون ته آدم جي غلطي ۽ سندس جنت مان نيڪالي جي پراڻي قصي کي قرآن ڪهڙيءَ طرح بيان ڪيو ۽ ڪهڙي طرح ان کي نيون معنائون ڏنيون. افسوس جو قرآن جي ان خصوصيت کي نظر انداز ڪيو ويو، ته قرآن اُن پراڻي قصي کي زمان جي مزاج مطابق ڪندي، ڪيئن نه، ان ۾ نئون روح ڦوڪي ٿو. قرآن جي منشا تاريخ ناهي پر انهن قصن کي، انهن جي اخلاقي فلسفياتي مضمرات کي واضع ڪيو آهي، اهوئي سبب آهي جو قرآن شخصيتن ۽ جڳهن جي نالن کان گريز ڪري ٿو.



Marfat.com

انسان جي زوال جو قصو ڪو نئون ڪونهي، قديم دنيا جا ماڻهو ان ڪان واقف هئا. پراڻي دور جو ماڻهو پنهنجي ناسازگار ماحول سان جتي بيماري ۽ ڏکن جو راڄ آهي، متاثر ٿي نا اميديءَ جو شڪار ٿي ويو ۽ اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ بہ ڪونهي، ڇو تہ ڏک جو تجربو تہ انساني زندگيءَ جو بنيادي تجربو آهي ليڪن جڏهن ڪان انسان سوچڻ شروع ڪيو تہ پوءِ نتيجو اهو ڪڍيو ويو تہ ان جو ذميدار جنسي عمل آهي.

قرآن جي روايتن جي جيڪڏهن بائيبل جي روايتن سان ڀيٽ ڪريون تہ هيءَ ڳالهہ واضع ٿي ويندي، تہ قرآن ۾ نہ تہ نانگ جو ذڪر آهي ۽ نہ ئي اهو تہ عورت انسان جي پاسيريءَ مان پيدا ٿي. ان جو مقصد اهو هو تہ هن روايت کي جنسي حد بندين ڪان آزاد ڪيو وڃي. ٻيو اهو ٻڌائڻ تہ قرآن جي پيش نظر تاريخ ناهي جڏهن تہ بائيبل ۾ ان روايت ڪانپوءِ بني اسرائيل جي تاريخ بيان ڪئي ٿي وڃي. ان ڪان علاوه انسان جي پيدائش جي ذڪر ۾ "قرآن" "انسان" ۽ "بشر" جو لفظ استعمال ڪري ٿو. جڏهن تہ آدم جو لفظ ان وقت استعمال ٿئي ٿو جڏهن آدم جي خلافت جي ڳالهہ نڪري ٿي، آدم ۽ حوا جا نالا بہ اسم خاص جي حيثيت سان نہ ورتا ويا آهن، آدم جو لفظ تہ ضرور استعمال ٿيو آهي پر اهو اسم خاص جي حيثيت نہ ٿو رکي.

قرآني آيتن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائڻو پوندو، هڪ جو تعلق ان وڻ سان آهي ۽ ٻئي جو تعلق شجر ابديت (هميشہ جي وڻ) سان آهي.

قرآن مطابق آدم ۽ انجي گهرواري شيطان جي چوڻ ۾ اچي



Marfat.com

ويا. انهيءَ شيطان جو ڪم ٿي اهو آهي تہ هو انسانن جي دلين ۾ وسوسا وجهي، اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي ان وڻ جو ميوو کاڌو.

ان جي ابتڙ بائبل موجب آدم پنهنجي پهرين نافرماني ڪانپوءِ جنت مان ڪڍيو ويو ۽ خدا جنت جي اوڀارين حصي تي فرشتن کي مقرر ڪيو، تہ اهي "هميشہ واري زندگيءَ ڏانهن ويندڙ گس بند رکن." بائبل ۾ زمين تي رهندڙ ماڻهوءَ تي نافرماني سبب لعنت موڪلي ويئي آهي، جڏهن تہ قرآن، زمين کي ماڻهن جو گهر قرار ڏنو ۽ ان لاءِ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ ڪيي، جنت مان مراد بہ اهو ماورائي مقام ناهي، جنهن مان آدم کي ڪڍيو ويو، جنت هتي صالحين جي دائمي ۽ مستقل رهائشگاه آهي، جتي نہ ڪا خرابي هوندي ۽ نہ ئي وري ڪو گناه جو محرڪ هوندو، جتي نہ خوف هوندو، نہ ئي غم ۽ تڪاوٽ هوندي.

جنهن جنت جو آدم جي سلسلي ۾ ذڪر ڪيو ويو، آهي اتان جو پهريون واقعو آدم جي نافرماني ۽ انجي نيڪاليءَ سان شروع ٿئي ٿو. قرآن ۾ واضع ۽ چٽو ذڪر ڪيو ويو آهي، تہ ان جنت ۾ جتي آدم جي رهائش هئي اتي نہ بک لڳي سگهندي هئي ۽ نہ اُڃ. اتي نہ حرارت هئي ۽ نہ ئي جنسي مسئلا ۽ عرياني. ان جو مقصد اهو بيان ڪرڻ آهي تہ ڪهڙيءَ طرح انسان جي جبلي تقاضائن پنهنجي حالت کان شعور تائين ترقي ڪئي آهي. اهوئي شعورِ ذات آهي، جيڪو انسان کي گناه جي قابل بڻائي ٿو ۽ اطاعت جي لائق بہ. ٻين لفظن ۾ اخلاق اتان ئي شروع ٿئي ٿو. دنيا قرآن جي نزديڪ هڪ قيدخانو نہ آهي، جنهن ۾ انسان کي انجي شروعاتي گناهن جي سزا ۾ قيد ڪيو ويو هجي. ماڻهوءَ جي پهرئين نافرماني اختيار ڏانهن سندس پهرين وک آهي، انهيءَ



Marfat.com

لاءِ اها معافي قابل به سمجهي ويئي. نيڪي صبر جو نتيجو نه تو ٿي سگهي، پر هتي اختيار شرط آهي، انسان جي اڳيان گهڻائي رستا ۽ پيچرا کليل آهن ۽ انهن مان هو پنهنجي چونڊ سان هڪ وڏو خطرو به کڻي ٿو. ماڻهوءَ کي اختيار سان نوازي، خدا ان تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي، هاڻ اهو ان ماڻهوءَ جو ڪم آهي ته هو ان اعتماد تي پورو لهي، خير ۽ شر (نيڪي ۽ بدي) جيتوڻيڪ هي هڪ ٻئي جا ضد آهن، پر اهي هڪ ٻئي ڪل جا جزا آهن ۽ اهي هڪ ٻئي جي ئي نسبت سان سمجهه ۽ پروڙ ۾ اچن ٿا منطق هتي ڪم نٿو ڪري.

خودي پنهنجي ذات ۾ نيڪي چاهي ٿي، بدي نه، ان ڪري ماڻهوءَ کي خدا تعاليٰ پنهنجا پاڪ نالا سيکاريا ته پنهنجي عقل ذريعي ناسازگار ۽ مخالف ماحول ۾ زنده رهي انهيءَ کي هن دنيا ۾ موڪلڻ انجي سزا نه پر شيطان جي دعويٰ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻو هو. شيطان نه ٿي چاهيو ته انسان جي ذات دائمي نشو نما ۽ وسعت جي مسرت مان لطف اندوز ٿي سگهي، ان جي سامهون مختلف امڪان ٿين ٿا، آزمائش ۽ خطا جو طريقو اهڙو آهي جنهن سان هو لڳاتار ترقي ڪري سگهي ٿو، ان ڪري غلطي تجربي جي تعمير جو لازمي حصو آهي.

ان روايت جي ٻئي پاڱي جو تعلق شجر ابديت يا هميشه جي زندگيءَ سان آهي، جيڪا ڪڏهن به ناڪام نه ٿي ٿئي. زماني وجود هئڻ جي ڪري موت جي ذريعي سندس خاتمو اڻ ٽر آهي. ان لاءِ صرف ۽ صرف هڪڙو ئي گس باقي بچندو ته هو پنهنجي ذات کي افزائشِ نسل ذريعي دوام عطا ڪريءِ اها افزائش (Sexual Re-production) جنسي تناسل ذريعي ئي ممڪن آهي، هميشه جي زندگيءَ وارو منع ٿيل ميوو آدم انهيءَ ڪري کاڌو، انهيءَ عمل سان



Marfat.com

انکي لڄ بہ محسوس ٿي. اهو اشارو ابتدائي جنسي فعل طرف آهي.

نت نين شڪلين ۾ انسان جي حياتي ظاهر ٿئي ٿي، جو تہ حياتي نالو آهي انفراديت جو. پر خوديءَ جي ذميداري کي قبول ڪري انسان انهن عواقب کي بہ قبول ڪري ورتو، جن ڪانسواءِ محدود خودي مڪمل ناهي، هي اها امانت آهي جنهن جو امانت کڻڻ لاءِ ملائڪن آسمان ۽ زمين پڻ انڪار ڪيو. پر اهو بار انسان کنيو، جو جو الله ج جو ارشاد (انسان باري ۾) "تہ هو ظالم ۽ جاهل هو".

هاڻ ڇا اسين ان امانت جي مقابل مثبت رويو اختيار ڪنداسين، آدميت، قرآن مطابق تہ مصيبت ۾ صبر ۽ محنت سان ٺهندي آهي، پر ڏک ۽ پيڙا جو ڇا راز آهي ۽ ان سان ضبط نفس ۾ ڪيتري حد تائين مدد ملي ٿي؟

مذهب خدا جي فلسفيائي تصور تي قانع نہ ٿو رهي سگهي، هو پنهنجي مقصود سان گهرو ۽ شخصي ربط پيدا ڪرڻ چاهي ٿو. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟"

اهو صرف ۽ صرف دعا ذريعي ئي ممڪن آهي، پر دعا جو عمل هر شعور سان هڪ جهڙو نہ ٿو ٿي سگهي. نبيءَ جي شعور ۾ اهو تخليقي هوندو آهي، اهو هڪ نئين اخلاقي دنيا کي پيدا ڪري ٿو. ان وٽ نيڪي، سهڻا ڳڻ، خطا اهڙا شعبا آهن، جيڪي تجربن وسيلي ئي پيدا ٿين ٿا. پر صوفيائي شعور ۾ ان جو عمل گهڻو ڪري علمي ۽ وقوفي هوندو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ اقبال پنهنجي حمايت ۾ امريڪي ماهر نفسيات وليم جيمز جو سهارو وٺي ٿو جنهن وٽ دعا هڪ فطري ۽ جبلي عمل آهي، جنهن کي ترقي متاثر نہ ٿي ڪري سگهي، بهرحال



Marfat.com

دعا جو مقصد جيئن تہ بنيادي علم آهي. انهيءَ ڪري اها فڪر ۽ سوچ ويچار سان مشابهت رکي ٿي، دعا جي منزل پنهنجي بلنديءَ ۾ تفڪر کان مٿانهين آهي. فڪر ۾ ذهن مشاهدي جو سهارو وٺي حقيقتن جو مطالعو ڪري ٿو. دعا جي عمل ۾ پنهنجي سُست رفتاريءَ کي ختم ڪري ٿو ڇڏي ۽ حقيقت پنهنجي گرفت ۾ آڻي ٿو، ان جي حمايت ۾ شريڪ ٿئي ٿو، اسان جي شخصيت جو محدود جزيرو هڪ وڏي ڪل ۾ هڪ مقام کان اوچتو آگاهہ ٿئي ٿو. هي خود تاثيري (Auto-suggestion) جو عمل ناهي، اهو عمل ڪو ديرپا بنياد نہ ٿو رکي ۽ نہ ئي ڪو لڪيل علم جو ذريعو آهي، اهو معمول جو تجربو آهي، صوفيت بلاشڪ ان تجربن جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ نيون دنيائون دريافت ڪيون آهن، پر ان تجربي جي اظهار لاءِ جيڪي اسلوب اختيار ڪيا ويا آهن، انهن جي هاڻ ڪابہ معنويت نہ رهي آهي.

قدرت کي ڏسندڙ جو فڪري علم دعا سان ئي مڪمل ٿئي ٿو. سچ هي آهي تہ علم جي هر تلاش پنهنجي اصل ۾ دعا جي نوعيت رکي ٿي، سائنس جو هڪ محقق ۽ ناظر بہ هڪ قسم جو صوفي آهي. جيتوڻيڪ هو پراڻن آثارن جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجو دڳ ڳولي لهي ٿو. اهو وقت ضرور ايندو، جڏهن هن جو فطرت تي قبضو جيترو وڌيڪ هوندو اوترو ئي اهو ان لاءِ اوتري نظر پيدا ڪري، جنهن جي ڳولا ۾ فلسفي سرگردان آهي، نظر بنا قوت جي اخلاقي بلندي تہ پيدا ڪري ٿي، پر ديرپا دنيا جي ثقافت پيدا نہ ٿي ڪري سگهي.

دعا جو مقصد اقبال جي نزديڪ جماعت ۾ بهتر طور تي پورو ٿئي ٿو، ڇو تہ دعا جو روح معاشرتي آهي. هڪ راهب بہ معاشري کان پاسيرو رهي ٿو تہ جيئن کيس خدا جي محبت ملي، هيءَ



Marfat.com

هڪ نفسياتي حقيقت آهي تہ ماڻهو جڏهن هڪ هنڌ گڏ ٿيندو آهي، تہ انسان جي حس عام ماڻهوءَ جي حس کان وڌي تيز ٿي ويندي آهي، ان ۾ اها حرڪت پيدا ٿيندي آهي جيڪا تنهائي ۾ ممڪن نہ آهي دعا هڪ راز آهي، اهي قانون اڃا تائين دريافت نہ ٿيا آهن، جن مطابق اهو چئي سگهجي تہ جماعت ۾ انسان جو ادراڪ ڇو تيز ٿي ويندو آهي؟

جڏهن اسين اجتماعي عبادت ڏانهن رجوع ڪندا آهيون، جنهن جي انتها حج ۾ ملي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ اسلامي عبادت جي طريقي جو مقصد انساني تعلقات ۽ رابطي کي وڌائڻ آهي.

دعا اجتماعي هجي يا انفرادي، ماڻهوءَ جي اها خواهش ظاهر ڪري ٿي تہ ڪائنات جي هن پراسرار خاموشيءَ ۾، هنڪي ڪو جواب ملي، هتي ڳولا ڪندڙ ذات، ذات جي نفيءَ ۾ پنهنجو جواب ڏيندي نظر اچي ٿي. ان ڪري اسلامي عبادتون اثبات ۽ نفي ٻنهي تي حاوي آهن، اهو ضرور آهي تہ دعا اسلامي تاريخ ۾ مختلف صورتون اختيار ڪيون آهن، قرآن ڪريم مطابق بہ اسان هر قوم لاءِ عبادت جا مختلف طريقا مقرر ڪيا آهن، ان ڪري ان باري ۾ تنازعو نہ ڪرڻ گهرجي. آخري فيصلو خدا تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي، قبلي جو رخ ڪهڙي طرف هئڻ گهرجي، اهو اهم ڪونهي، ڇو جو اوڀر ۽ اولهہ خدا جائي آهن، پوءِ بہ عبادت ۾ جسم جي مقام کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي، هڪ قبلي مقرر ڪرڻ جو مطلب اهوئي آهي، تہ انسانيت متحد ۽ متفق رهي، جنهن جو بنياد اناءِ مطلق جي همہ محيط (Omniscent) وحدت آهي.



Marfat.com

محمد عارف پٺاڻ

# سنڌي نوجوان ۽ اقبال

مان هڪ سنڌي نوجوان آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان تہ پلا مون سان ايتري جٽ چو ٿي رهي آهي؟ مون تي اڳتي وڌڻ لاءِ ايتريون رنڊڪون ڇو آهن؟ منهنجا ڏکيا ڏينهن ڪڏهن کٽندا؟ آخر منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ مان ڇا ڪيان؟ڪٿي وڃان؟ ڪنهن جي آڏو دانهين ٿيان؟ ڪو ڏگ نظر نٿو اچي، ڪو سچو صلاحڪار نٿو ملي- پوءِ ڇو نہ علامہ جي شاعري ۾ انهن سڀني سوالن جا جواب ڳولهجن؟ پر علامہ سنڌ جو شاعر تہ ڪونهي- ان کي منهنجي مسئلن بابت ڪهڙي ڄاڻ هوندي؟ ڇا هن منهنجي مسئلن تي بہ شاعري ڪئي هوندي؟ مون کي ايتري ڄاڻ تہ آهي تہ علامہ اقبال هڪ سچو مسلمان هو. جيڪو مفڪر اسلام، حڪيم الامت ۽ شاعر مشرق جي نالن سان سڃاتو ويندو آهي-جڏهن تہ اسان کي باب الاسلام جو واسي هجڻ جو اعزاز حاصل آهي ۽ اهو اعزاز حدن کان آجو آهي، ان لحاظ کان علامہ اقبال جو اسان سان، هڪ مضبوط رشتو آهي- هو اسان جو آهي ۽ اسان هن جا آهيون-تنهنڪري هاڻ ڏسجي تہ ڇا هُن بہ اسان کي پنهنجو سمجهيو آهي يا نہ؟ علامہ اقبال پنهنجي شاعري وسيلي چئي رهيو آهي:

متا ديا مرے ساقي نے عالم من و تو
پلا کے مجھ کو مئے لَاالٰہ الاھو



Marfat.com

خبر نهين كيا هے نام اس كا، خدا فريبي كہ خود فريبي
عمل سے غافل هوا مسلمان، بنا كے تقدير كا بهانہ

جڏهن تہ رڳو تقدير جي وس ۾ هوندا، جانور ۽ ٻيون بي جان شيون آهن باقي مومن تہ فقط هڪڙي الله جي حڪم جي پابند آهي- اها ڳالهہ واضع ڪندي اقبال چئي ٿو:

تقدير كے پابند نباتات و جمادات
مومن و فقط احكامِ الٰهي كا هے پابند

۽ وري چئي ٿو، تون پاڻ پنهنجي تقدير جو مالڪ ڇو نہ آهين؟ تقدير تہ تنهنجي وس ۾ ڏني وئي آهي، پرتون تقدير جي هٿن ۾ پتلي ڇو بڻجين؟ ان سلسلي ۾ چئي ٿو:

عبث هے شكوهء تقديرِ يزدان
تو خود تقديرِ يزدان كيوں نهيں هے

اهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اسان کي تہ ننڍپڻ ڪان ئي ٻڌايو ٿو وڃي تہ سڀ ڪجهہ خدا جي هٿ آهي ۽ اسان الله جا ٻانها آهيون، هاڻ ڀلا اسان ڇا ڀيا ڪري سگهون-ڏسجي تہ ان ڏس ۾ علامہ اقبال ڇا ٿيو چئي:

خودي كو، كر بلند اتنا، كہ هر تقدير سے پهلے
خدا بندے سے خود پوچهے بتا تيري رضا كيا هے

هاڻي تہ پاڻ کي بچائڻ ڏکيو ٿي ويو-اسان پنهنجي هر ڪذي ڪم جو ذميوار تقدير کي ڪوٺيندا آهيون ۽ چڱي عمل جو ڪارنامو پنهنجو سمجهندا آهيون.



Marfat.com

ملے گا منزلِ مقصود کا اسي کو سراغ
اندھیري شب مړ ھے چیتے کي آنکھ جس کا چراغ

آھا آک تہ اڳئي اسان وٽ آھي، پر ھن کي نيک ڪرڻ جي ضرورت آھي جنھن لاءِ علامہ اقبال چئي ٿو:

کھول آنکھ زمین دیکھ، فلک دیکھ، فضا دیکھ
مشـرق سے ابھرتے ھوئے سـورج کو ذرا دیکھ

اھو ڏسڻ ٻيو جي اڪين سان نہ ھجي-رب پاڪ ھر ڪنھن کي پنھنجو عقل و فھم ڏنو آھي-تنھن لاءِ ڪڏھن پنھنجي اکين کي بہ استعمال ڪرڻ گھرجي-ان لاءِ علامہ اقبال چيو آھي:

دیکھے تو زمانے کو اگر اپني نظر سے
افلاک منور ھون تیرے نـورِ نظر سے

پر افسوس اڄ جو نوجوان رڳو ٻين جي چوڻ تي حرڪتون ڪري پاڻ کي وڃائي رھيو آھي، جيڪر سُٺين ڳالھين تي عمل ڪري تہ منزل سندس مقدر آھي- ڇاڪاڻ تہ جڏھن اقبال اڄ تائين بہ اسان کان نا اميد ڪونھي تہ اسان ڇو جلدي پنھنجا ھٿيار ڦٽا ڪريون. اسان کي مشڪل ڪان ڪيٻائڻ نہ کپي ۽ نا اميدي کي ويجھو نہ اچڻ ڏنو وڃي، جيئن تہ علامہ اقبال چيو آھي:

نھین نـا امید اقبال اپني کـشتِ ویران سے
ذرا نم ھو تو یہ مٹي بڑي زرخیزَ ھے ساقي



Marfat.com

آغا در محمد

# اقبال جي شاعريءَ جو لب و لهجو

اقبال تي هن وقت تائين ايترو ڪجهه لکيو ويو آهي جو شايد ئي ڪو اهڙو پهلو يا پاسو بچيو هُجي جنهن تي وڌيڪ ڪجهه لکي يا ڪا ڳالهه وڌائي سگهجي. البت زماني گذرڻ سان سندس ڪلام جي اهميت ۽ معنيٰ ۾ اضافو ٿيندو رهندو ۽ سندس ڪلام جي معنويت جا تهه کلندا رهندا. اهوئي سبب آهي جو ڏينهون ڏينهن اقبال شناسي ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. وڏي شاعري هونءَ به زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگهي اڳتي وڌندي رهندي آهي. پر نهايت ئي افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته سنڌيءَ ۾ ايڏي وڏي شاعر تي مواد نه هجڻ جي برابر آهي- چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب آهن-آخر ايڏي وڏي شاعر جي شاعريءَ کي چو نظر انداز ڪيو ويو جيڪا ڪنهن خاص وطنيت ۽ علائقي سان تعلق نه ٿي رکي، جنهن جون حدون زمين جي حدن ڪان متي آفاق تائين پهتل آهن. هونءَ ته چوڻ وارن اهو به چيو ته اقبال صرف مسلمانن جو شاعر آهي انهيءَ ڪري کيس آفاقي يا عظيم شاعر نه ٿو چئي سگهجي. ته ڇا وڏي شاعري مسلمانن کي خطاب نه ٿي ڪري، ڪري سگهجي ٿي-آفاق ته پاڻ کان ئي شروع ٿيندو آهي. اهو ته هڪ سفر آهي جيڪو پاڻ کان شروع ٿي ٻين تائين پهچندو آهي. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ وچ ۾ مسلمانن جي ڳالهه اچي ٿي ته ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي-اقبال مسلمان آهي اسلام کي ئي هو ڪائنات جي سڀ



Marfat.com

ڪان وڏي حقيقت سمجهي ٿو ۽ انهيءَ ۾ سندس تخليقي عمل سات ڏئي ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙا نظم ۽ نغما چورائي ٿو، جنهن سان مسلمانن ۾ پنهنجي وڃايل ساک کي وري نئين سر بحال ڪرڻ جي تمنا ۽ جوش جذبو پيدا ٿئي ٿو ته آخر ان ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي. اقبال اردوءَ جو اهو واحد شاعر آهي، جنهن جو لهجو باقي اردو شاعري کان مختلف ۽ نئون آهي. جيڪو اقبال کان اڳ ڪنهن به شاعر کي نصيب ٿي نه سگهيو، موضوع جي لحاظ کان به، ته لغت جي لحاظ کان پڻ اقبال جي شاعري جي لغت ته جڻ شاعريءَ جي آهي ئي نه-سندس ڪلام کي پڙهي حيرت به ٿئي ٿي ته اهي لفظ ڪيئن پنهنجو اثر ڏيکارين ٿا-انهن لفظن جي استعمال کي ڏسي اقبال جي تخليقي عمل، جنهن جي ڪرب ۽ پيڙا مان هو گذريو هو، داد ڏيڻ ۽ سندس جيان پيڙا ۾ رهجڻ کان سواءِ دل رهي نه ٿي سگهي-ان دور ۾ واقعي اهڙي نئين قسم جي شاعري، شاعريءَ جي دنيا ۾ هڪ نئون ۽ انوکو اضافو هو ۽ وري موضوع به اهڙا جنهن کي تخليقي عمل ۾ آڻڻ جهڙي تهڙي شاعر جي وس جي ڳالهه نه هئي. ڏنو وڃي ته گهٽو ڪري ماڻهو ڪا به نئين ڳالهه يا ڪو نئون شجرو ڪرڻ کان لنوائيندو آهي ۽ انهن ئي گهسيل پٽيل موضوعن، گهاڙيٽن ۽ ميٽرن تي پنا ڪارا ڪندو آهي جنهن جو نتيجو يا ته نڪرندو ئي ناهي يا ڪڏهن ڪڏهن واهه واهه تائين ئي محدود رهجي ويندو آهي معاملو ڪڏهن آهه! تائين پهچي نه سگهندو آهي-اهو جوهر تڏهن ظاهر ٿيندو آهي جڏهن فنڪار پين جي گس کي ڇڏي پنهنجو الڳ گس ناهي ٿو ۽ نوان تجربا ڪري انهن ۾ پنهنجي حيثيت ميڙائي ٿو. اهو ساڳيوئي ڪم اقبال شاعريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو-اها ڳالهه به درست آهي ته اقبال کان اڳ اقبال جي لب و



Marfat.com

لهجي جهڙو ٺورو لهجو اڪبر پيدا ڪري چڪو هو. پر اهو ايڏو اثرائتو نہ هو نتيجي طور اڪبر صرف طنز ڪندو ئي رهجي ويو ۽ معاملو صرف تاني تنڪي تائين ئي رهيو ۽ اڳتي نہ وڌي سگهيو. پر اها ڳالهہ بہ صحيح آهي تہ اقبال تي اڪبر جا گهڻا اثرات آهن-

يورپ تي طعني ۽ ٽوڪ جو ڪم اڪبر ئي شروع ڪيو ۽ ان دور ۾ جڏهن سر سيد احمد خان ۽ شاعريءَ ۾ مولانا حالي نيچرل شاعريءَ جو نعرو هڻي ميدان ۾ لٿو تہ:

آؤ حالـــي آب پيرويءَ مغربي ڪرين

تہ اڪثريت سندن پيروي ڪرڻ لڳي-شڪست جو فلسفو بہ عجيب آهي يا تہ ماڻهو شڪست کائڻ کان پوءِ صفحہ هستيءَ تان متجي ويندو آهي يا چند فائدن جي ڪري دشمن جو آلا ڪار بڻجي سندس مفادن لاءِ استعمال ٿيندو رهندو آهي. اهڙي ماحول ۾ قوم جي اڪابرن ۽ ڏاهن تي اها ذمہ داري عائد ٿيندي آهي تہ قوم کي کهڙي گس تي ٿاهلائن-سرسيد وارن تي مغرب جي پيروي جو اعلان ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي بقا انهيءَ ۾ ئي سمجهي هئائون انهيءَ ڪري پنهنجون سموريون صلاحيتون انهيءَ ۾ ئي صرف ڪري رهيا هئا. نتيجو اهو نڪتو تہ مسلم نوجوان پنهنجي روايت کان ڏور ٿيندو ويو-اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن اڪبر ۽ اقبال پيدا نہ ٿين ها تہ هوند اسان جو حشر الائي وچي ڪهڙو ٿئي ها.

اقبال اسانجي تهذيب ۽ روايت جو امين آهي-سندس بي چين روح تڙپي اٿيو ۽ انهيءَ تڙپ ۽ بيچيني مان جيڪو شعلو نڪتو انهيءَ شعلي جو نالو اقبال جي شاعري آهي. انهيءَ شعلي ئي کائنس "شڪوه".



Marfat.com

"جواب شڪوه" ۽ "مسجدِ قرطبہ" جھڙا عظيم نظم لکرايا.

اقبال جي ابتدائي شاعريءَ کي ڇڏي بالِ جبريل جي شاعريءَ تائين ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ اقبال اهو واحد شاعر آهي جنهن کي پنهنجي ماضيءَ جي عظمت جو ۽ موجوده شڪست جو ڀرپور احساس ۽ تڪليف آهي-مغرب جي عروج ۽ سائنسي ايجادن، جن انساني زندگيءَ جي قدرن کي ٿي الائي ڪٿي جو ڪٿي پهچائي ڇڏيو- انهيءَ دور ۾ اقبال مغرب جي مخالفت ڪري ڇڻ مسلمانن جي نئين سر نشاةالثانيہ جو اعلان ڪري ڇڏيو-اهو ايڏو وڏو ڪم روايتي انداز واري لب و لهجي واري شاعري ۾ ڪرڻ ناممڪن هو-انهيءَلحاظ کان ڏٺو وڃي تہ ڇڻ وقت جي حالتن ۽ سندس تاريخي شعور ئي ڪائنس انهيءَ لهجي جي شاعري ڪرائي جيڪو بالڪل فطري عمل هو. اهوئي سبب هو جو اقبال کي اردو شاعريءَ جو خداءِ سخنت شاعر مير تقي مير بہ پسند نہ آيو جنهن چيو هو:

تا حشر جهان مين ميرا ديوان رهے گا

سبب اوهان جي سامهون آهي-انهيءَ جو اهو مطلب هر گز ناهي تہ مير جي شاعري رڳو جذبي جي شاعري آهي ۽ فڪري ناهي، بلڪہ مير پهريون شاعر هو جنهن کي غالب جهڙي اناپسند شاعر بہ پنهنجو استاد مڃيو هو:

ريختے کے تمهي استاد نهيـــــن هـــو غالب
کهتے هين اگلے زمانے مين کوئي مير بهي تها

پر اقبال کي جيڪو ڪم ڪرڻو هو انهيءَ لاءِ مير وارو لهجو هن لاءِ مناسب نہ هو. اقبال کي اردو شاعريءَ ۾ جيڪڏهن ڪو شاعر



Marfat.com

پسند هو تہ اهو مرزا غالب هو، جنهن جي شاعري ۾ نندي کنڊ جي مسلمانن جي تباهيءَ ۽ شڪست وريخت جو الميو بيان ٿيل آهي ۽ غالب انهيءَ شڪست جو اکين ڏٺو گواه پڻ هو-انهيءَ ڪري غالب جو اسلوب بہ سندس هم عصرن کان نرالو ۽ فڪري آهي. شايد انهيءَ فڪري اسلوب جي ڪري اقبال کي غالب پسند آهي. انهيءَ محبت جو اظهار اقبال پنهنجي هڪ نظم ۾ ڪيو آهي:

فکر انسانِ پر تري هستي سے يہ روشن هوا
هے پر مُرغِ تخيل کي رسائي تاکجا
تها سراپا روح تو، بزم سخن پيکر ترا
زيبِ محفل بهي رها، محفل سے پنها بهي رها
تيرے فردوس تخيل سے هے قدرت کي بهار
تيري کشت فکر سے اگتے هين عالم سبزه دار
زندگي مضمر هے تيري شوخئ تحرير مين
تاب گويائي سے جنبش هے لبِ تصوير مين
شايدَ مضمون تصدق هے تيرے انداز پر
خنده زن هے غنچہ دلي گلِ شيراز پر.

متين شعرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ اقبال کي غالب جي اسلوب سان ۽ سندس فڪرمند طبيعت سان ڪيڏو نہ چاهہ هو. گويا غالب جي فڪر ۽ اسلوب جي ٻي ڪهڙي اقبال آهي-

گهڻائي ماڻهو جن کي اقبال جي فڪر سان بغض آهي اهي سندس اسٽائيل جي آر وٺي اقبال تي تنقيد ڪندا آهن، هنن جو اعتراض اهو بہ آهي تہ اقبال جذبن ۽ محسوسات جو شاعر ناهي، جيڪي اصل ۾ شاعريءَ جو روح هوندا آهن، انهي ڪري هو اقبال کي شاعر جي



Marfat.com

آهي-جمهوريت، برطانيہ جي نظامِ سياست جو بنياد آهي، پر جمهوريت ئي هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن کان اقبال هميشہ لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو آهي، پر جيڪڏهن ڪٿي ان جو ذڪر سندس ڪلام ۾ آيو آهي، تہ اقبال ان کي مغربي نظام جمهوريت جي حوالي سان طنز ڪري رد ڪيو آهي-سندس هي شعر ڏسو جيڪي جمهوريت جي موضوع تي چيل آهن.

ہے وهي سازِ کهن مغرب کا جمهوري نظام
جس کے پردون مين نهين غير از نوائے قيصري

ديوِ استبداد جمهوري قبا مين پائے کوب
تو سمجهتا ہے، يہ آزادي کي ہے نيلم پري

مجلسِ آئين و اصلاح و رعايات و حقوق
طب مغرب مين مزے ميٹھے اثر خواب آوري

گرمئي گفتار اعضائے مجالس الامان
يہ بهي اک سرمايہ دارون کي ہے جنگِ زر گري

اس سراب رنگ و بو کو گلستان سمجها ہے تو
آه اے نادان قفس کو آشيان سمجها ہے تو

اس راز کو اک مردِ فرنگي نے کيا فاش
هر چند کہ دانا اسے کهولا نهين کرتے

جمهوريت اک طرزِ حکومت ہے جس مين
بندون کو گنا کرتے هين تولا نهين کرتے



Marfat.com

تونے کیا دیکھا نہیں، مغرب کا جمھوري نظام
چھرہ روشن، اندرون چنگیز سے تاریک تر

ھم نے خود شاھي کو پنھچایا ھے جمھوري لباس
جب ذرا آدم ھوا ھے خود شناس و خودنگر
یھان مرض کا سبب ھے غلامي و تقلید
وھان مرض کا سبب ھے نظامِ جمھوري

جلال پادشاھي ھو کہ جمھوري تماشا ھو
جدا ھو دین سیاست سے تو رہ جاتي ھے چنگیزي

گریز از طرزِ جمھوري، غلامِ پختہ کارے شو
کہ از مغزِ دو صد خر، فکر انسانے نمي آید

فرنگ آئینِ جمھوري نھاد است
رسن از گردن دیوے کشاد است

زمن دہ اھل مغرب را پیامے
کہ جمھور است تیغ بے نیامے

ھاڻي توڙي اقبال مغرب جي نئين علم ۽ فڪر، سائنسي انڪشافن ۽ سياسي ۽ معاشي تصورن مان ڪيترو بہ فائدو ورتو ھجي، يا پنھنجي ابتدائي شاعري ۾ جنرل اوڊائر گورنر پنجاب جي شان ۾ قصيدو بہ ڇو نہ لکيو ھجي؟ پر ھو مغرب جي سياسي تسلط ۽ سرمايہ



Marfat.com

داري سان سموري زندگي جنگ ڪندو رهيو. هن وطن پرستيءَ واري دور ۾ به ان غاصبانڻي نظام کي ننديو هو-ان دور ۾ به هن غلامي جي خلاف جيترو لکيو ۽ آزادي ۽ حريت جو، جيڪو روح نندي ڪنڊ ۾ ڦوڪيو، ته ان جو اصل نشانو برطانوي اقتدار ۽ سندس برصغير تي تسلط ئي هو، ۽ جڏهن اقبال وطنيت جي تصور کي ڇڏي مسلم قوميت جو تصور اختيار ڪيو، تڏهن ته هن پنهنجي پوري وجود سان مغرب جي پوري سرمايه داري نظام جي خلاف پنهنجو قلم استعمال ڪيو- هي مختصر احوال ان جو ثبوت آهي، ته شروع کان وٺي اقبال جي ذهن ۽ مزاج ۾ مغرب جي جمهوري نظام جي ڪا گنجائش ڪونه هئي. اسانجن ڪجهه نقادن اقبال جي ذهني ۽ سياسي شعور جي ارتقا ۾ ان موڙ کي جغرافيائي قوم پرستي کي ترڪ ڪري مسلم قوم پرستي جي حق ۾ فيصلي سان ڳنڍيو آهي-انهن جي خيال مطابق جيئن ته جغرافيائي قوم پرستي جي نتيجي ۾ اقبال کي نندي ڪنڊ ۾ برطانوي غلامي کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، برصغير جي مسلمانن کي هندن جي غلامي ۾ اچڻ جو خطرو هو ۽ انهي سبب ڪري جمهوري نظام کان اقبال خوش نه هو، انهيءَ ڪري هن ملسم قوم پرستيءَ جي تصور کي ختيار ڪيو-پاڪستان کي وجود ۾ آڻڻ جو سبب به اهوئي قوم پرستي وارو تصور ئي هو-حيرت آهي ته انهن نقادن اهو بلڪل نه سوچيو ته اقبال هڪ مسلمان گهراڻي جو فرد آهي ۽ سندس تربيت ۾ اسلام سان محبت ۽ عقيدت جو اهو جذبو سامهون هو، جيڪو نندي ڪنڊ ۾ اڄ به اڪثر مسلمان گهراڻن جي تعليم ۽ تربيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو-خود بانگِ درا جي ابتدائي نظمن ۾ اقبال جن اصحابن رضہ ۽ اسلامي تاريخ جي شخصيتن جي حوالي سان گهڻي محبت ۽ عقيدت



Marfat.com

جو اظهار ڪيو آهي، اهو سندس اسلامي تشخص جوئي ثبوت آهي ۽ اهو بنياد آهي. جيڪو بانگِ درا جي آخري نظمن ۾ پهريون جمال الدين افغاني جي عالمِ اسلام جي اتحاد جي تحريڪ ۽ وري بال جبريل کان وٺي ارمغانِ حجاز تائين بين الاقوامي اسلامي برادري جي تصور جي مختلف تعبيرن تائين فطري سفر ڪيو.

ڪلامِ اقبال، ان ڳالهہ جو شاهد آهي، تہ اقبال جي ذهني ۽ فڪري سفر ۾ ابتدائي شاعري جي هڪ ٻن نظمن کانسواءِ ڪڏهن برطانوي حڪومتي نظام يا مغربي سرمايہ داري نظام جي باري ۾ ڪا تبديلي ڪونہ آئي-هن ان کي هميشہ نفرت جي قابل ئي سمجهيو- جهڙي طرح، هو ان جي جمهوري نظام کي شدت سان رد ڪري ٿو- اهڙي شدت سان سموري مغرب جي حڪومتي نظام ۽ سرمائيداري نظام کي بہ ٺڏي ٿو ڇڏي، ان موضوع يا مسئلي تي سندس پوري ذهني سفر ۾، نہ ڪڏهن ڪو تضاد ملي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جو شڪ شبهو-مغربي نظامِ حڪومت ۽ معيشت کان اهو نفرت جو نتيجو ئي هيو. جڏهن ڪجهہ عرصي لاءِ روس جي اشتراڪي انقلاب کان متاثر رهيو، ڇو تہ ان جو هڪ رخ مغرب جي ظالمانئي نظام خلاف استعمال ٿي رهيو هو. جنهن سان غلام قومن جي آزادي جي جدوجهد کي هٿي ملي رهي هئي ۽ ٻيو رخ مغرب جي خون خوار سرمايداري نظام جي خلاف موثر احتجاج جي صورت اختيار ڪري چڪو هو-هڪ ننڍڙي عرصي ۽ اقبال جي شاعريءَ جي هڪ مختصر دور جي، انهيءَ تاثر جي ڪري ترقي پسند تحريڪ جي ڪجهہ نقادن اقبال کي اشتراڪي فڪر جو حامل قرار ڏيڻ لاءِ، ننهن چوٽي جو زور لڳايو هو- ڪتي تہ انهن نهايت بد ديانتيءَ سان ان دور کان پوءِ جي شاعري سان



Marfat.com

اشتراڪيت تي تنقيد ٿيل نظمن مان، ڪجهه مصرعن کي ان جي اڳ پٺ هيٺ مٿي ڪري، پنهنجي دعوا جي ثبوت ۾ استعمال ڪرڻ جي ٻاراڻي ڪوشش جاري رکي هئي، ”ابليس کي مجلس شوريٰ“ ان جو عام مثال آهي پر انهن جي بدنصيبيءَ جي کهڙي ڳالهه ڪجي، جڏهن اقبال جي سموري ڪلام ۾ هڪڙي مصرعه به مارڪسي فڪر، ان جي جڳ مشهور جدلياتي اصول ۽ معاشي فلسفه جي حق ۾ نه ٿي ملي ته سندن دل جو غبار ته ٻاهر نڪرڻو ئي هو. پر اشتراڪي انقلاب جي ان مغرب دشمن ڪردار جي ڪري ڪلامِ اقبال ۾ جمهوريت جو ذڪر ته نه، البت جمهور جو ذڪر هڪ به دفعو مثبت انداز ۾ آيو آهي، جنهن مان عام ماڻهو جي حڪومت يا روس ۾ پرولتاري حڪومت جي دعويٰ جي طرف اشارو مقصود آهي-جڏهن به، اقبال جمهور يا مسلم جمهور جي اصطلاح استعمال ڪئي آهي، ته ان جو مطلب عوام يا مسلمان عوام آهي، سڌو سنئون اقبال ان اصطلاح کي بانگِ درا ۽ ارمغانِ حجاز ۾ رکو به ٻيرا استعمال ڪيو آهي.

سلطانيء جمهور کا آتا هے زمانه
جو نقشِ کهن تم کو نظر آئے مٹادو.

نغمهء بيداريء جمهور هے سامانِ عيش
قصئہ خواب آور و سکندر و جم کب تلک

انهن ٻنهي شعرن کان علاوه بالواسطه طور تي جتي اقبال روس جي انقلاب کي ساراهيندي نظر اچي ٿو، اُهي مقام به ٻن دفعن کان



Marfat.com

وڏيڪ نہ ٿا اچن.

پرانـــي ســـياست گري خـــوار هے
زمين ميـــر و ســلطـــان سے بيزار هے

گيا دورِ ســــرمـــــايہ داري گـــيا،
تماشـا دکهـــا کر مــــداري گـــيا،

گـــران خـــواب چيني سنبهلـــنے لگے
همـــالہ کـــے چشـــمے ابلـــنے لگـے.

کـب ڈوبــے گا ســـرمايہ پرستي کا سفينہ
دنـــيا هے تيري منتظرِ روز مکـــافـــات

پر آخرڪار ان مختصر عرصي کان پوءِ اشتراڪيت ۽ اشتراڪي انقلاب بنهي کي، هو مغرب جي ترڪش جوئي هڪ تير ڄاڻائي ٿو ۽ ڪارل مارڪس، اشتراڪيت، روس جي انقلاب ۽ انهن جي جمهور کي مزدورن جي ڊڪٽيٽرشپ قرار ڏئي انهن کي بہ مغرب جي جمهوري نظام جيان حقارت مان ٺڏي ڇڏي ٿو-

جمهـــور کـــے ابليس هين اربـــاب سياست
باقـــي نهيں اب ميري ضـــرورت تہ افلاک

زمامِ کاراگـــر مزدور کے هاتهون مين هو پهرکيا
طريقِ کوهکن ميں بهي وهـي حيلے هين پرويزي.

پنهنجي هڪ نهايت بنيادي ۽ اهم نظم "ابليس کي مجلس شورىٰ" ۾ هو دنيا ۾ رائج الوقت سڀني نظامن کي بلا امتياز ابليسي



Marfat.com

نظام چاڻائي ته-ان ۾ هو ابليس جي زبان کان اشتراڪيت کي مُزدڪيت جو بروزن ڇاڻائي، ابليسي نظام لاءِ فتنو يا خطرو ڪنهن مغربي يا اشتراڪي عوام جي ڊڪٽيٽرشپ کي نہ بلڪہ اسلام کي ڄاڻائي ٿو.

کب ڈرا سکتے ھیں مجھکو اشتراکي کوچہ گرد
یہ پریشان روزگار، آشفتہ مغز، آشفتہ مو

ھے اگر مجھہ کو خطر، کوئي تو اس امت سے ھے
جسکي خاکستر میں ھے اب تک شرارِ آرزو

خال خال اس قوم میں اب تک نظر آتے ھیں وہ
کرتے ھیں اشکِ سحر گاھي سے جو ظالم وضو

جانتا ھے جس پر روشن باطنِ ایام ھے
مُزدکیت فتنہء فردا نھیں، اسلام ھے.

پر ساري زندگي اسلام سان وابستگيءَ ان جي شعور جي نئين منزلن کان گذرندي بہ اها ڪيڏي نہ اهم حقيقت آهي، تہ اقبال پنهنجي ڪلام ۾ جمهوريت جي اسلامي تصور يا اسلامي جمهوريت، جي حق ۾ بہ ڪائي ڳالهہ نہ ٿو ڪري-هونءَ نہ تہ اسانجن سمورن جديد مورخن، سياسي مفڪرن ۽ دانشورن اسلام جي ڀهرين دور، مديني جي رياست جي شروعاتي دور ۽ خلافتِ راشده جي دور کي مغربي جمهوريت جي مقابلي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن انداز کان ڪٿي "روحاني جمهوريت" يا "اسلامي شورائيت" يا هڪ چونڊيل مجلس جي حوالي سان جمهوري طرز حڪومت جي هڪجهڙائي يا اڪثر اسلام جي عين مطابق قرار ڏنو آهي، پر ڪلامِ اقبال ۾ اسان کي



Marfat.com

ڪنهن لحاظ کان بہ جمهوريت جو حوالو نہ ٿو ملي-البت اقبال ملوڪيت، بادشاهت ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي خلاف پنهنجو رد عمل ڪٿي نہ ڪٿي ضرور ڏيکاريو آهي، پر وڏي مزي جي ڳالهہ اها آهي، تہ هو اسلام ۽ تاريخ اسلام جي حوالي سان بادشاهن ۽ اميرن کي ان کان الڳ ڪري بيهاري ٿو ۽ ڪن هنڌن تي وڏي پرجوش انداز ۾ انهن جو ذڪر ڪري ٿو:

دل همـــــــارے یادِ عهدِ رفتہ سے خالي نهين
اپنے شاهـون کـــــو یہ امت بهولنے والي نهين

ایک هي صف میـــں کهڑے هوگئے محمود و ایاز
نہ کــوئي بنده رهـا اور نہ کـــوئي بنـــده نواز

گو فقر بهــي رکهــتا هـــے انــــدازِ ملوکانہ
ناپختہ هـــے یہ پــــرویــزي بے سلطنتِ پرویز

کهان سے تونے اے اقبال سیکهي هے یہ درویشي
کہ چرچا بادشاهون مین هے تیري بے نیازي کا

کیا دبدبہء نـــــادر، کـیا شوکت تیموري
هوجاتے هین سب دفتر غرقِ مئے نـــاب آخر



Marfat.com

دنیائے دوں کی کب تک غلامی
یا راہبی کر، یا پادشاہی

اے لاالہ کے وارث باقی نہیں ہے تجھ میں
گفتارِ دلبرانہ، کردارِ قاہرانہ

یا سنجر و طغرل کا آئینِ جہانگیری
یا مرد قلندر کے اندازِ ملوکانہ

عجب نہیں کہ مسلماں کو کچھ عطا کردے
شکوہِ سنجرو فقرِ جنید و بسطامی

ء

رہے نہ ایبک و غوری کے معرکے باقی
ہمیشہ تازہ و شیریں ہے نغمہء خسرو

تھا جہاں مدرسہ شبیری و شہنشاہی
آج ان خانقاہوں میں ہے فقط روباہی

شوکتِ سنجرو سلیم، تیرے جلال کی نمود
فقرِ جنید و بایزید تیرا جمال بے نقاب

خودی کو جب نظر آتی ہے قاہری اپنی
یہی مقام ہے کہتے ہیں جس کو سلطانی



Marfat.com

جي تاريخ کان، جيڪا يونان ۽ روم کان هلي موجوده جمهوريت تائين پهچي ٿي، پوري ٿئي ٿي ۽ نہ اشتراڪيت جي ڈڪٽيٽرشپ سان جنهن اقبال جي پيشنگوئي مطابق رڳو 80 سالن جي اندر ئي اندر پاڻ کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي هيءَ شرط تہ صرف مؤمن تيئن سان پوري ٿيندي آهي-مؤمن جيڪو هڪ خاص ماڻهو هڪ خاص انسان ۽ هڪ خاص مسلمان بڻجڻ جو نالو آهي، اهو جيڪو تقويٰ جو صاحب هجي- هتي پهچي اسان کي اقبال جي جمهوريت کان بيزاري جو پتو پئي ٿو ۽ اهو راز اقبال جي ڪلام ۾ هنڌ هنڌ وکريل پيو آهي-خضرِ راهہ ۾، طلوع اسلام ۾ ذوق و شوق ۾، ساقي نامہ ۾، مسجدِ قرطبہ ۾، مؤمن ۾، مرد مسلمان ۾، هر هنڌ انهن جون صفتون پکڙيون پيون آهن، جنهن جي بنياد تي اقبال جا خواب ۽ تمنائون ايندڙ وقت جون خوشخبريون بڻجي پون ٿيون. مان انهن سڀني نظمن مان، صرف هڪ نظم مان، هتي سندس تمنا جي هڪ جهلڪ پيش ڪري رهيو آهيان، تہ جيئن ڳالهہ واضح ٿي پئي:

آب روانِ ڪبير تيرے ڪنارے ڪوئي
ديکهہ رها هے ڪسي اور زمانے ڪا خواب

عالم نو هے ابهي پردهء تقدير مين
ميري نگاهون مين هے اس کي سحر بے حجاب

پرده اٹهادون اگر چهرهء افکار سے
لا نہ سکے گا فرنگ ميري نواؤن کي تاب

جس مين نہ هو انقلاب موت هے وه زندگي



Marfat.com

روحِ امم کـــي حيـات کـــش مکشِ انقلاب
صـــــورتِ شمشير هے دست قضـا مين وه قوم
کرتي هے جو هـــر زمـــان اپنے عمل کا حساب

جمهوريت کي اقبال ايڏو ڇيهو رسائيندڙ سمجهي ٿو، جو فکر جي آزادي تائين کي نامحمود ڄاڻائي ٿو، جيکو جمهوريت جو اصل فلسفو آهي:

اس قـــوم مين هے شوخئ انديشہ خطـرناک
جـــس قوم کـــے افراد هون هر بند سے آزاد
گو فکرِ خـــــدا داد سے روشـــــن هے زمانہ
آزادئ افـــکار هـــــے ابليس کـــي ايجاد

يعني مغرب جي سمورن شيطاني نظامن جو بنياد ئي فکر جي آزادي تي قائم آهي ۽ اها فکر جي آزادي اقبال جي تصور مومن جي ان کري مخالف آهي ته:

هو فکر اگـــر خـــــام تـــو آزادئ افکار
انسان کـــــو حيوان بنانے کـــــا طريقہ

جيڪڏهن توهان ڊنگ سان رڳو اقبال جي مٿين شعرن جي معنيٰ ئي ڳولهي لڌي، ته نہ صرف اقبال جو پورو فکر توهان تي ظاهر



Marfat.com

ٿيندو، بلڪ اوهان کي اهو بہ معلوم ٿي ويندو، تہ اقبالؒ جمهوريت کي ايترو نفرت سان ڇو ٿو رد ڪري؟ يعني جيڪڏهن جمهوريت جا نمائندا انسان جي سطح کان حيوان جي سطح تائين ڪري پوندا ۽ حيواني خواهشن جو شڪار ٿي پون، تہ جمهوريت انهن کي بہ قبول ڪري وٺندي، ڇو تہ اقبال وٽ جمهوريت پاڻ ڪو مقصد يا نظريو يا قدر نہ ٿي رکي، بلڪ اها رڳو هڪ وسيلو ۽ طريقه ڪار آهي-هاڻي هڪ ٻيو مگر آخري شعر ٻڌو.

بهتر هے کہ بے چارے ممولوں کی نظر سے
پوشیده رهیں باز کے احوال و مقامات

بس هاڻي رڳو ايتري ڳالهہ رهي ٿي تہ اقبال جي انهن من موسڙن يعني ڀنيرن جي حقيقت کي ڄاتو وڃي تہ " من موسڙن" جي حقن ۾ آئين جو نالو ئي جمهوريت آهي-ها من موسڙن جيڪڏهن صاحب تقويٰ هجڻ جو شعور حاصل ڪري وٺن تہ پوءِ اهي باز بڻجي پوندا-يعني مومن - ۽ اهوئي اقبال جي ڪلام ۽ فڪر جو مرڪزي موضوع آهي.



Marfat.com

ڊاڪٽر سيد عبدالله
مترجم: غلام مرتضيٰ شيخ

# اقبال جي شاعريءَ ۾ فطرت جو مطالعو

## حسن لافاني آهي:

اقبال جي نگاهہ يقيناً فطرت جي حسن مان مزو ماڻيو، پر سندس شاعريءَ جي مجموعي مطالعي مان اها سُڌ پوي ٿي، تہ هن جي ويجهو حسن ڪنهن سڌي سنئين يا جميل ڪيفيت جو نالو ناهي پر هڪ قوت پڻ آهي. جنهن جمال اندر جلال جي چٽنگ ناهي، اهو نامڪمل آهي. ان ڪان علاوه موضوع جي حسن آرائي بہ تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي، جڏهن ڏسڻ واري جي اک ۾ حسن جي شعاعن کي جذب ڪرڻ جو ڏانءُ هجي. اهو ڏانءُ هڪ عمده ذوق جو نتيجو هوندو آهي، جو حقيقي جذبي ۽ وجدان مان جنم وٺندو آهي.

## اقبال ۽ حسنِ فطرت:

اقبال جي نظر ۾ فطرت پسندي ۽ فطرت پرستي مترادف ناهن - اقبال، شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ئي، مغربي فطرت پرست شاعرن ڪان متاثر ٿي، فطري منظرن جي خارجي مصوري ڪئي. ڏٺو وڃي تہ ان دور ۾ بہ، اقبال فطرت جو شيدائي تہ معلوم ٿئي ٿو، پر سندس ذهن ، فطرت ۾ پوشيده مسرت ۽ ڪائنات جي رمزن ۽ رازن جو متلاشي آهي. اقبال جي شاعري جيئن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي وئي، تيئن ان ۾ فطرت پرستيءَ جو مادو گهٽ ٿيندو ويو. جو تہ سندس تخيل تي



Marfat.com

حاڪمانه تصور غالب ٿيندو ويو ۽ هو حسن و جمال کي خدا تائين رسائي جو وسيلو سمجهڻ لڳو.

فطرت کو خرد کے روبرو کر

تسخیر مقام رنگ و بو کر

مطلب تہ اقبال جي شاعريءَ ۾ حسنِ فطرت جا عڪس موجود آهن، جن جو مقصد فقط لطف اندوزي ٿي نہ آهي، پيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي.

## اقبال جي فطرت نگاري:

اقبال جي ڪلام ۾ عڪس مرڪب بہ آهن تہ غير مرڪب بہ پر سندس فطرت نگاريءَ ۾ مقاميت تمام گهٽ آهي، جيڪڏهن آهي بہ تہ اهڙن ماڳن متعلق، جن سان اقبال جي دلي وابستگي ڪنهن جمالياتي ڪشش جي بجاءِ، قومي ۽ ملي جذبي تحت آهي. اقبال جي فطرت نگاري تعريفي ناهي بلڪ رمزيہ آهي. اقبال جي ڪلام ۾ اهي بہ منظر موجود آهن، جن ۾ فطرت جي حسن جي هاڪ آهي، پر انهن جو اصل مقصد ڪجهہ ٻيو آهي. اهي نظم ڪنهن نظريي يا خيال جي تائيد ڪن ٿا. سندس ڪلام ۾ زمان و مڪان، موسم، گل ٻوٽا، پکي پکڻ، ٻارن ۽ ٻين ساسي ساهن متعلق ڪيترائي نظم آهن. انهن نظمن جو مقصد صرف فطرت نگاري ڪرڻ ناهي، پر تشبيهن ۽ استعارن ۾ ٿي بذات خود فطرت جو گهرو مطالعو ٿيل تو ڏسجي. اقبال جو لڳاءُ منظر جي مقامي جزن سان نہ آهي، پر هو منظر جي مجموعي حسن ۽ تاثر کي سامهون رکي خيالي تصويرون ناهي ٿو. سندس تصوير نگاريءَ ۾ پراڻن شاعرن جيان مبالغي جو عدم توازن ناهي.



Marfat.com

هاڻي اسان انهن فطري شين جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي اقبال جي تخليقي دنيا تي ڇانيل هيون/آهن.

## پاڻي:

اقبال جي تخيلي دنيا ۾ جنهن شيءِ کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي، اهو آهي پاڻي. اقبال لاءِ وهندڙ پاڻي، بيٺل پاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ باعثِ مسرت ثابت ٿئي ٿو. جيئن ته اقبال جي ذهن جو متحرڪ شين سان وڏيڪ لڳاءُ آهي، ان ڪري پاڻيات ۾ به انهن شين سان محبت رکي ٿو، جيڪي تحرڪ ۾ آهن، جيئن: ندي، درياهه، ڇولي، آبشار وغيره. اقبال جي نظر ۾ بيٺل پاڻي غلاميءَ ۽ ٻانهپ جي علامت آهي، جڏهن ته ندي يا درياهه آزاديءَ ۽ موج مستيءَ جي نشاني آهي.

## گيت ڳائيندڙ ندي:

اقبال جي شاعريءَ ۾ نديءَ متعلق نهايت دلڪش عڪس نظر ايندا. جيتوڻيڪ هو ان معاملي ۾ مغرب جي فطرت پرست شاعرن جي تصورن کان به متاثر ٿيو هوندو، پر هن پاڻ به ان کي روبرو ڏٺو وائنو ۽ انهن کان متاثر ٿيو.

وه جوئے کوہستان اچکتي هوئي
اٹکتي لچکتي سرکستي هوئي
اچهلي پهسلتي سنبهلتي هوئي
بڑے پیچ کهاکر نکلتي هوئي
رکے جب تو سِل چیر دیتي هے یه



Marfat.com

پھاڑون کي دل چير ديتي ھے يہ

ذرا ديکھ اے ساقي لالہ فام

سناتي ھے يہ زندگي کا پيام

ھن نظم ۾ اقبال بظاھر نديءَ جي وھڪري جو ذڪر ڪيو آھي پر ان تحرڪ کي ئي اقبال زندگي جون نانءُ ڏئي ٿو.

اقبال ھڪ ٻئي نظم شعر ۾ "شاعر" جي بلند مرتبي جو تصور ڏيندي، نديءَ جو ھڪ پرمسرت ۽ خيال آفرين منظر اسان جي اڳيان پيش ڪري ٿو. جنھن سان اسان جي تخيل جي دنيا ۾ بہ ھلچل مچي وڃي ٿي.

جوئے سرود آفرين آتي ھے کوھسار سے

پي کے شراب لالہ گو ميکدہء بھار سے.....

ھن نظم ۾ اقبال وادين ۾ موڙ ڪائيندڙ ندي جو تصور ڏنو آھي. ان ۾ جيڪا ڳالھہ سڀ کان وڌيڪ دلڪش آھي، اھا آھي ندي جي موج مستي ۽ سر ساز. ان کان وڌيڪ بہ ان جون ادائون دل ٺاري ڇڏن ٿيون، ان منظر کي نثر ۾ ھيئن بيان ڪري سگھجي ٿو تہ:

پھاڙي ندي مستيءَ ۽ بي خياليءَ جي عالم ۾ نچندي ڳائيندي اچي ٿي، چڻ ھاڻي ئي ميخاني مان جام ڏوڪي آئي ھجي. ھيءَ ڪير آھي؟ ڪڪرن جي خوش و خرم ڌيءَ . جيڪا بي باڪيءَ ۽ ناز نخري سان ماترين ۾ نينگ ٽپا ڏيندي، ڪر موڙيندي، عشق بازيون ڪندي اچي ٿي. ڪڏھن ھن سان ٻاڪر ٿي پائي. ڪڏھن ھن کان شرمائجي ڪسڪي وڃي ٿي. ڪڏھن شرارت ٿي سنجيھس تہ ٻھاڙن



Marfat.com

جي صراحين مان جام اوتي اچي فصلن کي پياري ٿي. هن نظم ۾ الهڙ ناريءَ جي هڪ جيئري جاڳندي تصوير ڪڍي وئي آهي، جيڪا مستيءَ ۽ حسن جو شاهڪار آهي.

**پاڻيءَ جي لهر:**

اقبال جي جيڪا موج سان ذهني وابستگي آهي، اها نهايت دلچسپ ۽ ذڪر جوڳي آهي. موج جي تصور اچڻ سان ئي اقبال جي تصور ۾ ولوڙ اچي ٿي. هوئڻ تہ آسمان ۾ ٽنگيل تارن سان بہ گهرو ذهني لاڳاپو اٿس ۽ هو تاري ۾ پنهنجو اولڙو ڏسي ٿو، پر موج ۾ ڪيس انسان ۽ ان جي انفراديت جو عڪس ملي ٿو. موج پاڻيءَ جي گهري ۽ وسيع وهڪري مان ڇلڪو کائي مٿي اٿي، پنهنجي زندگي ۽ هيڪڙائي جو ثبوت ڏئي ٿي. موج جو اهو انداز شانِ وجود ۽ شوق ظهور جي ڪهاڻي آهي،

نظم "موج دريا" ۾ موج ۽ حياتيءَ جي ان قصي کي بيان ڪيو اٿس تہ:

مضطرب رکهتا هے ، ميرا دل بے تاب مجهے
عين هستي هے تـڑپ صورت سيماب مجهے
زحمت تنگيء دريـــا سے گريزان هون مين!
وسعت بحر کي فرقـت مين پريشان هون مين

**قطرو ۽ درياهہ:**

تصوف جي شاعريءَ ۾ قطري ۽ درياهہ کي عموماً وحدت ۽ ڪثرت جو مطلب سمجهيو ويندو آهي. اقبال جي شاعري ۾ بہ قطري ۽



Marfat.com

**رڃ ۽ روهه:**

اقبال جي ڪلام ۾ ساڪن شين جون به اهڙيون ته گڏيل تصويرون چٽيل آهن. جو انهن جي بيٺل ماحول ۾ به چرپر پيدا ٿيو وڃي، انهن جي بي حسيءَ ۾ زندگيءَ جي لهر پيدا ٿي وڃي ٿي. رڃ ۽ روهه به بي جان آهن، انهيءَ ڪري انهن شين سان ڪيس ايڏي دلچسپي نه هئي. پهاڙن سان سندس دلچسپي ٻن صورتن ۾ هئي: هڪ ته، انهن پهاڙن سان ڪيس انس هو، جيڪي اسلامي تاريخ يا جغرافيه يا هندوستاني تاريخ سان وابسته هئا. جيئن، هماليه، ڪوهِ طور، ڪوهِ اصنم، البرز، الزمد وغيره. پر ان مذهبي ۽ تهذيبي تعلق کان علاوه پهاڙن ۾ سمايل حسن به ڪشش جو باعث هو. ٻي صورت اها هئي ته اقبال کي پهاڙن جي رفعت ۽ هيبت سان ڏاڍو چاهه هو، جيتوڻيڪ هن پهاڙن کي بهار جي ڇهچٽي سان سجائي پيش ڪيو آهي. بهرحال ان مان اها ڳالهه نمايان آهي ته اقبال خودداريءَ، ثابت قدميءَ، پختگيءَ ۽ وقار جو حامل هو.

اقبال عربستان جي رڃن کي به پس منظر طور شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. نظم "ذوق و شوق" ۾ هن صبح جي سمي کي چٽيو آهي. اها هڪ گڏيل تصوير آهي، جيڪا نه فقط خار جي جزيات تي مشتمل آهي، پر احساسن سان به ڀريل آهي. رُڃ سان اقبال جو لاڳاپو جمالياتي ذوق جي بنياد تي نه، پر قومي ۽ ملي جذبي تحت آهي. جيتوڻيڪ رُڃ جي وسعت به ڇڪ جو بهانو ٿي سگهي ٿي، پر رڃ جي سادي سلوڻي ۽ پرجوش زندگي اقبال کي پنهنجي طرف وڏيڪ ڇڪي ٿي.



Marfat.com

**بهار ۽ گل:**

اقبال جي اک ٻه هر شاعر جيان، بهار جي ڇهڇٽي کان متاثر ٿي. پر ان جي بيان ۾ هن مبالغي جي توازن کي برقرار رکيو آهي، جنهن سان تصوير نگاري حقيقت جي ويجهو معلوم ٿئي ٿي. اقبال جي ڪلام ۾ بهار جا ڏيک، ڪنهن جمالياتي تحريڪ جي پيداوار ناهن، بلڪه اهي يا ته پس منظر طور پيش ڪيا ويا آهن يا اهي ڪائنات جي اسرارن جي تشريح لاءِ ڪتب آندا ويا آهن.

اقبال گلن کي بهار جي محفلِ حسنِ آفرين ۾ يا وايو منڊل جي لقائن ۾ ڏسڻ جو عادي هو. تنهنڪري گلن جي سرهاڻ، مکڙين جي چمڪ دمڪ، گلن جي ڳلن جي لالاڻ، نرگس جي نگاهه، مطلب ته گلن جي حسن جون سهڻيون تصويرون، اقبال جي نگار خاني ۾ سجايل آهن، پر انهن گلن جي سندرتا کي هو زندگيءَ جي اجتماعي تصوير لاءِ رنگ روپ ۽ تازگي قرار ڏئي ٿو. هڪ جزوي حقيقت سمجهي نه ٿو پرکي. هڪ نظم ۾ بهار ۽ گلن جو تذڪرو ڪري ٿو ته:

پهول هيں صحرا ميں يا پرياں قطار اندر قطار،
اودے اودے نيلے نيلے پيلے پيلے پيرهن،
برگ گل پر رکهه گئي شبنم کے موتي باد صبح،
اور چمکاتي هے اس موتي کو بهي سورج کي کرن،
حسن بے پروا کو اپني بے نقابي کيلئے
هوں اگر شهروں سے بن پيارے تو شهر اچهے کہ بن.



Marfat.com

**تارا:**

رات جي تاريڪيءَ ۾ اقبال ڪڏهن ڪڏهن تاري سان هم ڪلام ٿيندو هو، تہ جيتري تاري ۾ فطري چمڪ دمڪ، نيري آسمان جي نويڪلي دنيا، چنڊ ۽ سج جي هوندي سوندي تارن جي انفراديت، اقبال جي نظر تاري کي چوٽ تي چاڙهي ڇڏي ٿي. ڪڏهن تارن جوميڙ ۽ منڊلي کيس باغ بهار ڪري ڇڏي ٿي. تہ ڪڏهن تاري جو جهڪو ٿيڻ کيس غمگين ڪري ٿو، ڪڏهن تہ هو تاري کي زمين تي لهڻ جي دعوت ڏئي ٿو! ڪڏهن هو تاري کي پنهنجو همراهي ٻانئي ٿو، جڻ تہ تاري ۾ هن کي پنهنجي وجود ۽ شخصيت جو عڪس نظر اچي ٿو.

ستارون سے آگے جهان اور بهي هين
ابهي عشق کے امتحان اور بهي هين

عروج آدم خاکي کے منظر هين تمام،
يہ کهکشان يہ ستارے يہ نيلگون افلاک

صبح غربت مين آکے چمکا
ٹوٹا هوا شام کا تارا

سوئے گردون نالۂ شبگير کا بهيجے سفير،
رات کے تارون مين اپنا راز دان پيدا کرے

**رات، صبح، شام:**

اقبال رات، صبح ۽ شام جي تصورن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ چٽيو آهي، پر صبح کيس شام ۽ رات جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پرڪشش



Marfat.com

لڳندو آهي. شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾، بهار حيات ۽ جوانيءَ جي رومانوي خيال جي زير اثر، رات، ڪيس وڏيڪ پرڪيف سُجهندي هئي. پر بعد ۾ پرهه ڦٽيءَ کان علاوه، شفق جي ڳاڙهاڻ ۽ شبنم جي شوخي به هن جي سوچ ۾ مانداڻ مچائڻ لڳي.

**پکي ۽ فطرت جا پيا نورچشم:**

اقبال جو ٻارن ۽ فطرت جي ٻين بي زبان ساسي ساهن يعني پکي پکڻن ۽ پالتو جانورن سان شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾ بيحد پيار هو، پر بعد ۾ سندس بي غرض محبت، سندس پر مقصد شاعريءَ جي اثر هيٺ ٻيون صورتون اختيار ڪندي وئي.

* پکين ۾ شاهين سندس محبوب پکي هو، نڪي جهونن شاعرن جيان بلبل.

* ڪبوتر جي حسن ۽ ناز کي ياڻيندو هو، پر سندس ڪمزوري عيب ٻڌجي وڃي ٿي.

* پر وانو سوزش ۽ تڙپ جي بنياد تي ٽاندڻي جي بنسبت وڏيڪ پيارو هئس.

* اقبال شينهن کي، سندس عظمت ۽ رعب جي ڪري مرد آزاد سان مشابهت ڏني ٿو.

پروانے کي منزل سے بهت دور هے جگنو،
کيون آتشِ بے سوز پر مغرورو رهے جگنو.

حمام و کبوتر کا بهوکا نهين مين،
که هے زندگي باز کي زاهدانه.



Marfat.com

جھپٹنا پلٹنا ، پلٹ کر جھپٹنا ،
لھو گرم رکھنے کا ھے اک بھانا.

اقبال فطرت جو پرستار تہ آهي، پر هو حسن کي اول اخلاقي ۽ روحاني ادراڪ جو ذريعو ڀانئي ٿو، بعد ۾ فطرت جي تسخير جو. هو فطري جزين جي مصوري ڪرڻ وقت، انهن جي ظاهري هيئيت کان وڌيڪ، انهن ۾ لڪل حڪمت ۽ بصيرت جا رمز ڳولهي ٿو. اقبال جي نظر ۾ فطرت انسان جي بيداريءَ جو لازوال سرچشمو آهي، جنهن سان حقيقت ۽ ساڄاهہ جون منزلون آشڪار ٿين ٿيون.



Marfat.com

ڊاڪٽر سيد عبدالله
مترجم: فرخ ملڪ

# اقبال جا پرڏيهي مداح

علامہ اقبال عظيم شاعر، عظيم فلسفي ۽ پاڪستان جو فڪري رهنما آهي. ظاهراً هو موجوده دور ۾ اسلامي دنيا جو علمي و ادبي هيرو آهي، پر حقيقت ۾ مشرق جي سرحدن کان ڏور مغرب ۾ بہ هن جي چاهيندڙن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر اين مري شمل پنهنجي هڪ مضمون (Iqbal in foreingn countries) ۾ ڳاڻيٽي جو جائزو پيش ڪيو آهي، جيڪو "مارننگ نيوز" ڪراچيءَ ۾ ٢٢ اپريل ١٩٦٢ع تي شايع ٿي چڪو آهي. اقبال جي فڪر ۽ سوچ جو جائزو دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ورتو ويو آهي ۽ اڄ بہ انگريزي، جرمن، اطالوي، فرانسيسي، فن لينڊ ۽ مسلمان ملڪن جي اهم زبانن ۾ اهو ڪم ساڳئي رفتار سان جاري آهي. لهذا اسان وٽ اقبال توڙي اقبال جي شاعريءَ تي تحقيقي مقالن ۽ مضمونن جو گهڻو تعداد موجود آهي، جنهن جي قدر و قيمت جو جائزو وٺڻ انتهائي ضروري آهي. پنهنجي موجوده مقالي ۾ مان اقبال جي انهن پسند ڪندڙن جو ذڪر ڪندس جن جو تعلق يورپ ۽ آمريڪا سان آهي.

### مغربي ذاهن جي دلچسپي:

منظم نموني ڏسجي تہ مطالعہ اقبال ۾ دلچسپيءَ جي ابتدا، پروفيسر نڪلسن (R.A Nicholson) جي جڳ مشهور ترجمي



Marfat.com

(Secrets of Self) سان ثي. اصل مثنوي "اسرار خودي" ١٩١٥ع ۾ شايع ٿي جنهن ڪري اسان جي ملڪ ۾ بحث و مباحثي جو بازار گرم ٿي ويو ۽ ان جي انگريزي ترجمي ڪري انگلستان جي ادبي حلقن ۾ به تهلڪو مچي ويو ۽ بحث و تنقيد جو ماحول پيدا ٿيو. نڪلسن جي مضمون جي ابتداء يعني تعارف ۾ اقبال جي شاعرانہ صلاحيتن ۽ فڪري پختگيءَ ڪي تمام بهترين ۽ سهڻي نموني ساراهيو ويو آهي. اقبال جي فني نفاست ۽ فڪر جي سحر هيٺ نڪلسن (R.A Nicholson) ايترو تہ متاثر ٿيو، جو ان فوراً اقبال کان سندس مثنويءَ جي ترجمي جي اجازت طلب ڪئي.

ان ممتاز مترجم جي مطابق اقبال يورپي اندازِ فڪر متعلق علم جو هڪ اٿاهہ سمنڊ هو پر ان خيال ۾ اقبال نتشي جي اثر هيٺ رهيو جنهن جو مشهور نظريو "فوق البشر" اقبال جي شاعريءَ ۾ "انسان ڪامل" جو روپ ڌاري ظاهر ٿئي ٿو. هن اهو بہ چيو تہ اقبال جي شاعري شيلي جي "Poetry" جي ياد تازه ڪري ڇڏي آهي.

نڪلسن موجب اقبال جي تخليقي ڌارائن جو مرڪز مذهبِ اسلام آهي ۽ پنهنجي قوم ۾ هن جي مقبوليت جو بنياد بہ اهوئي آهي. نڪلسن جي چوڻ مطابق اقبال ڪو مذهبي پيشوا يا نصيحتون ڪندڙ عام ماڻهو نہ هو پر هو تہ اهڙو گوهر هو جيڪو هڪ اهڙي معاشري جي تشڪيل جا خواب ڏسندو هو، جنهن ۾ اسلام ڪي فوقيت ۽ جامعيت حاصل هجي ۽ ميڪاولي جي نظريي جي تمام غير اخلاقي اثرات جو خاتمو ٿي سگهي. اقبال جي تخيل مطابق جوڙيل معاشري ۾ الله تعاليٰ جا سمورا احڪامات نافذ هوندا. نڪلسن ان موضوع تي وڏيڪ بحث ڪندي چيو تہ اقبال جهاد ڪرڻ تي بہ تمام گهڻو زور



Marfat.com

ڏنو آهي ۽ اهو جهاد مادي ۽ علائقائي فتوحات لاءِ نہ پر اخلاقي ۽ روحاني اقدار جي نفاذ لاءِ ڪيو وڃي.

ڊاڪٽر نڪلسن جي ڪيل ترجمي باعث گهڻائي تضادات پيدا ٿيا ۽ گهڻو عرصو برطانوي اخبارات ۽ رسالن ۾ اهو مضمون باعث بحث رهيو. ان موضوع جي باري ۾ سڀ کان اڳ لکندڙن ۾ "فورسٽر" ۽ "ڊڪنسن" قابل ذڪر آهن. رسالي "Athenium" ۾ ان مضمون تي طبع آزمائي ڪندي مٿين تنقيد نگارن لکيو، تہ اقبال هڪ قومي شاعر جي بہ نسبت ملي شاعر وڌيڪ هيو ۽ سندس سوچ تي اسلامي طريقہ حڪومت جي گهري ڇاپ لڳل هئي، جنهن جو بنياد علي ڳڙهہ ۾ پيو، اڳتي هلي ان موضوع جي باري ۾ وڌيڪ چوي ٿو تہ اقبال مغربي اندازِ بيان کان پاسو ڪندي مشرقي اصلاحات جو استعمال ڪيو آهي. ان کان علاوه فاسٽر جا چند تاثرات دل ڏکوئيندڙ پڻ آهن. هن پنهنجي تنقيدي جائزي ۾ لکندي چيو تہ اقبال فلسفي ۽ سياست ۾ هندو غلبي جي خوف ۾ مبتلا هو ۽ هڪ ئي وقت "وحدت الوجود" جو قائل بہ آهي تہ منڪر بہ، ان ئي بنياد تي هو فڪري تعصبن جو شڪار هو. خير فارسٽر جا اهي خيالات ڪنهن اهميت جا حامل نہ هئا ۽ انهن ۾ قديم زماني واري تعصب جي جهلڪ نظر پئي آئي ان جي برعڪس پروفيسر ڊڪنسن جو رايو عجيب و غريب هو هن جي لکڻين مطابق اقبال جو فلسفو انساني نسل لاءِ هاڃيڪار هو چيو تہ اقبال جهاد جي نانءُ تي کلي عام مغرب خلاف جنگ جي دعوت پئي ڏني ۽ اهو سراسر بدي جو پيغام آهي جنهن جو نتيجو خون خرابي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

علامہ اقبال ان سموري تنقيد جو جواب هڪ خط جي صورت



Marfat.com

۾ نڪلسن کي لکيو جيڪو "Quiery" نالي رسالي ۾ ڇپيو جنهن جو اردو ترجمو ماهوار ”معارف“ اعظم علي ڳڙهہ اڪتوبر ۱۸۲۱ع جي شماري ۾ شايع ٿيو.

جيڪي نڪتا ڊڪنسن ۽ فورسٽر پنهنجين لکڻين ۾ اٿاريا هئا علامہ اقبال پنهنجي خط ۾ وضاحت ڪندي لکيو تہ هن جو نظريو ”انسانِ ڪامل“ نتشي جي اثر هيٺ اچي پيش ڪيل بلڪل نہ آهي پر اهو تہ تقريباً ويهہ ورهہ اڳ جو آهي جنهن مهل هو نتشي کان آشنا بہ نہ هو. هن وڌيڪ ترديد ڪندي لکيو تہ هن جو جهاد وارو نظريو سراسر روحاني ۽ اخلاقي آهي ۽ اهو تہ هو ڪڏهن بہ جنگ ۽ ظلم ۽ جبر جهڙين شين تي اعتبار ڪونہ ڪندو آهي. جنگ جي باري ۾ سخت ۽ انتهائي نفرت واري نظرئي هجڻ باوجود اقبال دليل ڏيندي جنگ جي وجوهات تي روشني وڌي - هن پنهنجي خط ۾ چيو تہ انساني جبلتن ۾ ڇڪ تاڻ ۽ ڪَشمڪَش ڪري جنگ ٿيندي آهي ۽ فرد انسان هجڻ ناتي ظلم و جبر جي راهہ جا مسافر ٿي پوندا آهن. اقبال چيو تہ ۱۹۱۴ع واري جنگِ عظيم اول جڏهن هلي رهي هئي تہ مغرب سائنسي ترقي جي باوجود ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪو بہ بندوبست نہ ٿي سگهيو. علامہ اقبال جيڪو سوال اٿاريو اهو هي هو تہ جنگجوانہ طبيعت فطري آهي ۽ ان کي ڪڏهن بہ پاڙون ختم نہ ٿو ڪري سگهجي پر ان کي خاص مقصدن لاءِ نئون رنگ ڏئي سگهجي ٿو.

جنهن وقت علامہ صاحب اهو خط لکيو اُوستائين اجان ٻئي مهاڀاري جنگ جا ڪي بہ آثار ظاهر نہ ٿيا هئا ۽ تقريباً سٺن سالن اندر اها جنگ شروع ٿي ۽ گڏوگڏ اقبال جي نظرئي جي پنيرائيءَ ۾ هڪ



Marfat.com

مضبوط دليل جي صورت ۾ ڪم آئي ۽ ثابت ٿيو ته صرف روحانيت ذريعي ئي جنگ جي رجحانات کي روڪي يا گهٽ ڪري سگهجي ٿو. ان مان صاف ظاهر آهي ته ڊڪسن جي خيالات پنيان به ساڳئي ئي مذهبي تعصب جو هٿ هو جيڪو هر موقعي تي اسلام ۽ عيسائيت درميان آشڪار رهيو آهي. ان اعتبار کان اقبال ڊڪنسن کي جيڪو جواب ڏنو آهي اهو هر لحاظ کان معقول ۽ ميچتا جو حامل آهي.

پينسلوانيا يونيورسٽيءَ جي معروف ماهرِ معاشريات رابرٽ ڪننگ، چاليهن ملڪن جي مشهور فلسفن جي لکيل ١٩٢ تحقيقي مقالات مان ١٨ منتخب فلسفيانه مضمون شايع ڪيا. اهو ڪتاب ١٩٦٩ع ۾ ڇپيو، جنهن جو نالو "The critique of war" آهي. ان ڪتاب ۾ موجود سيني مضمونن ۾ هڪ اهم ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته جنگ جي امڪانات کي ختم ڪرڻ ڪيپي ۽ تمام جهيڙن جهڳڙن کي گفتگو ۽ افهام و تفهيم ذريعي پر امن نموني حل ڪيو وڃي. ان جي برعڪس سائنسي ذهن رکندڙ مقاله نگارن ان راءِ جو اظهار ڪيو آهي ته انسان فطرتاً ويڙهو آهي ان ڪري اڪثر ذات جي تحفظ لاءِ حيواني جبلتن آڏو جهڪي ويندو آهي. متي بڌايل ڪتاب مطابق، اهڙن جبلتن جي سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي ۽ گڏوگڏ پر امن مقصدن جي حصول لاءِ پڻ اهي تمام ڳالهيون مددگار ثابت ٿينديون. اها ڳالهه سراسر اقبال جي جهاد واري نظرئي سان مشابهت رکي ٿي. يعني بقا و تحفظ ۾ئي شيون جبلي آهن پر انهن کي پاڪ و صاف ڪري سگهجي ٿو. انڪري ئي نظامِ خوديءَ ۾ تربيت ۽ ضبطِ نفس کي اهم حيثيت حاصل آهي.

بهرحال يورپ ۾ اقبال کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ابتدا ء اهڙي



Marfat.com

نموني ٿي ۽ پوءِ آهستي آهستي هن جي پسند ڪندڙن ۽ تنقيد نگارن ۾ اضافو ٿيندو ويو.

اپ کنڊ جي تقسيم کان اڳ مغرب ۾ اقبال تي تمام ٿورو لکيو ويو پر هندوستان جي غير مسلم لکندڙن ۾ ابتداء ڪندڙ سندس ذاتي دوست ها. اقبال جي وفات کان پوءِ ان جي شاعري ۽ فلسفي ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي ۽ سندس قارين ۾ ولولو ڏسڻ وٽان هو. ان جي هڪ اهم وجه علامه اقبال جو اله آباد وارو مشهور خطبو هو جنهن ۾ هن هندوستان جي سياسي صورتحال جي باري ۾ پنهنجو رايو ڏنو ۽ جنهن ڪري ئي پاڪستان وجود ۾ آيو.

اها ڳالهه خاص اهميت جوڳي آهي ته ١٩٥٥ع کانپوءِ مغربي علماء ۾ اچانڪ اقبال جي باري ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي ۽ انهن هن جي فلسفيانه شاعري جو مطالعو گهرائيءَ سان ڪيو. اهڙن لکندڙن جي فهرست تمام وڏي آهي جنهن ۾ مترجم، نقاد ۽ عام مبصر پڻ شامل آهن.

ڏارين ٻولين جا ڪجهه خاص مترجم هي آهن.

Eve Meyerovitch (پيام مشرق، فرينچ ١٩٥٦ع)

Dr. Anne-Marie Schimmel (جاويد نامه، جرمن ١٩٥٧ع)

Alessandro Bousani (جاويد نامه، اطالوي ١٩٥٢ع)

مغرب ۾ اقبال ۽ سندس شاعري جي موضوع تي وڏيڪ قلم ڪارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. Henri Broms (French 1955)



Marfat.com

2. Arthur Jeffery (Italian 1934)
3. Sir H.A.R Gibb (English: Dictonary of National Biography, 1934-1950)
4. Alfred Guillaume (1954)
5. G.E Von Grunbeaum (English, 1960)
6. Ilsa dichtenstaden (1939)
7. L.S.S.O., Mally (English, 1945)
8. Wilfred Cantwell Smith (English, 1943, 1947)
9. Richard Symonds (Ennglish, 1951)
10. Edward Thompson (English, 1940)
11. Peter Avery (English, 1961)
12. A. Fernandez (Italian, 1954)
13. M.A Harris (English, 1952)
14. J. Honben, (English, 1961)
15. William Jordan (English, 1961)
16. Edward M.c Carthy (English, 1961)
17. L. Massignon (French, 1955)
18. Northrop, (English, 1952)
19. Pierre Dondot (English, 1961)
20. Sir Denison Ross (English, 1961)
21. Robert Whittemore (English, 1961)
22. Henri Masse (French, 1954)
23. J.W. Foch (German, 1954)
24. N. Nallino (Italina, 1932)
25. Jan Marik (czech)



Marfat.com

سگهجي ٿو:

١. معروف مستشرقين جو مطالعو جنهن جي تحريڪ تعصب تي ٻڌل آهي.

٢. عام رسمي پر غير معياري تحريرون.

٣. اقبال جو سنجيده پر وسيع ۽ گهرو مطالعو.

ان مقالي ۾ ايئن مناسب ٿيندو ته مان صرف آخري قسم جي عالمن جي تحريرن جو جائزو وٺندس.

منهنجي راءِ ۾ اصل مسئلو اهو آهي ته يورپي لکڻ وارن ۾ اسلام خلاف تعصب جون پاڙون تمام گهريون آهن. پر اها اسانجي خوش قسمتي آهي ته انهن ۾ چند حقيقت پسندانه راءِ رکندڙ به موجود آهن جن تمام متعصب ليکڪن جي ڪوتاهين جي تلافي ڪئي آهي.

ء

سنجيده تحريرن ۾ انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۽ انسائيڪلوپيڊيا امريڪانا جون ويجهڙ ۾ ڇپيل ڪاپيون شامل آهن. ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر اين ميري شمل جو علامه اقبال تي لکيل مختصر پر حوصلا افزا، اهو مضمون به شامل آهي جيڪو هن انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام ۾ لکيو هو ۽ هڪ ذخيم ڪتاب Gabsiel's Wing به آهي. درحقيقت نڪلسن، آربري ۽ شمل انهن ليکڪن مان آهن، جن جي سنجيدگيءَ ۽ خلوص تي شڪ نه ٿو ڪري سگهجي. ان ڪان علاوه اقبال تي لکڻ وارا وڏا وڏا سچار به هلڪي تعصب جو اظهار ڪندا آهن مثلاً انسائڪلوپيڊيا امريڪانا ۾ اقبال تي لکڻ وارا هن ڪان انڪري خفا آهن جو هن مستشرقين جي



Marfat.com

اسلوب کي رد ڪيو آهي. ڪن لکڻ وارن اقبال کي روايت خلاف باغي پڻ چيو آهي پر ان هوندي به (Abbot) ايبٽ، بنڊر ۽ سمٿ (Binder & Smith) اقبال کي روايت پرست سڏين ٿا.

بحرحال اڪثر مغربي لکندڙ اقبال خلاف انکري آهن جو هو سندس اسلامي جدت واري ڪوڙڪي ۾ ڪونه ڦاٿو.

ڪجهه به هجي پر اسان کي اهڙا ڪيترائي لکندڙ ملن ٿا جن اقبال کي پسند ڪيو آهي.

مثلاً اي.جي براؤن (E.G.Brown)، نڪلسن (Nicholson)، گب (Gibb)، ڊيني سن راس (Deni Son Ross) نيلينو (Nallino)، ماسيگنن (Massignon)، بوساني (Bousani)، آربري (Arberrry) ۽ شمل (Schimel) ان کان علاوه ڪينٽ ويل سمٿ (W.Cant Well Smith) به پنهنجي مشهور ڪتاب هسٽري آف ماڊرن اسلام ان انڊيا (History of Modern Islam In India) ۾ اقبال جو ذڪر وري وري ڪيو آهي، پر ان سان گڏمن جا خيالات تمام باريڪي سان پڙهڻ جوڳا آهن ۽ وڏي ڌيان جي گهر ڪندڙ آهن.

اي.جي آربري (A.J. Arberry) به پنهنجو ڪم نڪلسن ۽ براؤن جيان روايت مطابق جاري رکيو. نه صرف اقبال پر قرآن پاڪ جي ترجمي کان وٺي صوفيانه لکڻين تائين. اقبال جي فلسفيانه شعري مجموعي کان وٺي ابن عربي جي "ڪتاب المواقف و المخاطبات" (Book of Congnitive Pauses and Dialogues) تائين سڀ هن مڙس جي ڪارنامن ۾ شامل آهن.



Marfat.com

شميم احمد
مترجم عبدالخالق شيخ

# اقبال جي شاعريءَ جو بنيادي محرڪ

اقبال جنهن زماني ۾ وقت ۾ اک کولي هئي، اهو دنيا جي تاريخ جو هڪ اهم موڙ هو. نه صرف ان زماني ۾ مغربي فڪر ۽ فلسفو هڪ نئون رستو اختيار ڪري چڪو هو. پر ان وقت جي مادي علمن ۽ سائنس پنهنجي عظيم الشان نتيجن سان انساني فڪر کي الائي ڪٿي پهچايو هو. انساني ذهن، جن ڪائناتي سوالن، ڪشمڪش، ردعمل ۽ مشڪل مسئلن کان واقف هو. ان انسان کي پنهنجي حدن مان ڪڍي لامحدود ڪائنات ۽ بين الاقوامي اجتماعي برادريءَ جي سامهون آڻي بيهاريو هو. اقبال ان زماني ۾ پنهنجي مقصد ماڻڻ وارو اهو واحد شاعر هو جنهن جي تربيت ۾ هڪ طرف ته سائنسي ماديت ۽ مشيني دؤر جي شعور جو لاڳيتو عمل دخل هو، ته ٻئي طرف ان کي پنهنجي وطن جي غلاميءَ جو به شديد احساس ۽ پنهنجي قوم جي زوال ۽ بربادي‍ءَ جو تمام گهڻو ڏک هو.

هو عقل جي ڪيفيت، شعور ۽ لاشعور، زمان و مڪان ۽ ماضي و حال جي حوالي سان مستقبل جا امڪان، ارادن جي خودمختياري، انساني فڪر جي ارتقا کان وٺي ان جي بقا جي جدوجهد تائين پهچي ٿو، جنهن ڪري عالم اسلام جي جديد مفڪرن ۽ قلم ڌڻين ۾ هن کي ممتاز ترين ۽ منفرد رتبو حاصل ٿي ويو آهي. هو هڪ جدوجهد ڪندڙ جي حيثيت سان اهڙن تصورن کي پيش ڪري ٿو جنهن کي



Marfat.com

"جديد مشرق" مان تمام گهڻ ۽ مسلمانن مان بہ تمام ٿوري تعداد ۾ ڪنهن مفڪر يا شاعر هٿ لاٿو آهي. جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪجهہ اهم خطبن ۽ ڪجهہ اهم مقالن سان گڏو گڏ پنهنجي شعري سفر ۾ بہ مختلف ذهني تبديلين ۽ رجحانن مان گذرندي ۽ نيٺ آخر قرآن ۽ اسلامي فڪر سان گڏوگڏ خلوص زندگيءَ ۾ حرڪت پذير هئڻ ۽ زماني جو هڪ تسلسل ۽ رشتي ۾ ماضي حال ۽ مستقبل جي صورت ۾ جڙيل رهڻ جي حوالي سان انسان کي هڪ تمام وڏي حقيقت ۾ جذب ٿي وڃڻ جو پيغام ڏني ٿو. جيڪو اسانجي ديني، روايتي ۽ روحاني فڪر ۽ تبديلين ۾ اڪثر جاين تي نہ صرف مختلف نظر ايندو آهي پر ان کان انڪار ڪندي نظر ايندو آهي، جنهن ۾ هن وقت جا بين الاقوامي تصور، فلسفا ۽ ڪجهہ انقلابي محرڪن جا تقاضا ۽ اثر شامل آهن جنهن جي مدد سان اقبال هڪ نئين نظام جي نشاندهي ڪندي اسانجي شعور جو نقشو ئي بدلائي ڇڏي ٿو.

هتي اقبال جدوجهد ڪرڻ واري هڪ نئين متڪلم، هڪ نئين مفڪر ۽ اسلام جي هڪ نئين تعبير پيش ڪرڻ واري فلسفيءَ جي حيثيت سان ابري ٿو، جنهن ۾ مغرب جي نون علمن، فڪرن ۽ سائنسي انڪشافن مان پيدا ٿيندڙ سوالن کي نئين ۽ جديد دنيا کي آگاهہ ڪرڻ بہ آهي. هتي سرسيد ۽ حالي جي مغرب کان متاثر ۽ ان جي اثر هيٺ ذهني عمل جي هڪ نئين ۽ تمام گهري معنيٰ بہ آهي تہ اڪبر ۽ عالمن جي پنهنجي اساس مضبوط ڪرڻ ۽ اصليت تي قائم رهڻ جو وڏو موقف بہ دراصل اقبال تائين ايندي ايندي اهي ٻئي هن جي شعور ۾ جذب ٿي هڪ نئين ۽ وسيع نظامِ فڪر کي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا، جنهن ۾ هو اسلامي فڪر کي نئين دور جي



Marfat.com

ڪولي رکي ٿو ۽ هڪ فريادي؛ جي حيثيت ۾ سامهون اچي ٿو تہ اها بہ خدا جي عدالت نہ پر حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عدالت آهي.

تو اے مولائے يثرب آپ ميري چاره سازي کر
مري دانش هے افرنگي ميرا ايمان هے زناري

اس راز کو اب فاش کر اے روحِ محمد
آيات الٰهي کا نگهبان کدهر جائے

سندس ذات ۾ حضور صلي الله عليه واله وسلم جن جي ذات مبارڪ سان خاص نسبت جو عمل پيدا ٿئي ٿو ۽ ان جي اندر جو اهوئي پهلو اسلامي تهذيب جو ورثو رهيو آهي. اهڙي طرح اقبال جي ڪلام ۾ اها شدت ۽ اها بي چيني پيدا ٿئي ٿي جيڪا ڪيس نسبتِ محمدي سان پنهنجو رشتو قائم ڪرائيندي اظهار ڪرائي ٿي.

وه دانائے سُبل، ختم الرسل، مولائے کلّ جس نے
غبارِ راه کو بخشا فروغِ واديء سينا

اهو عشق رسول صلي الله عليه وسلم ئي آهي جيڪو اقبال جي ڪلام جو بنيادي سرچشمو ۽ قوت آهي جنهن جي ڪري هر اهو ماڻهو جيڪو حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن سان خاص نسبت رکي ٿو. ڪلامِ اقبال جو بهترين چاهيندڙ بڻجي ٿو اهو احساس اسان کي "بانگِ درا" مان ئي ملڻ شروع ٿئي ٿو. اها اقبال جي ذات جي مخصوص پهلوء کي ظاهر ڪري ٿي ۽ سندس ڪلام جي سروعاتي تمثيلين ۾ استعارن کان وٺي آخري دوُر جي علامتن تائين توڻي اهو "مردِ مؤمن" هجي يا "مسجدِ قرطبا" سڀ ئي نعت رسول صہ جو



Marfat.com

درجو حاصل ڪري وٺن ٿا.

عشق دمِ جبرئيل عشق دلِ مصطفیٰ
عشق خدا کا رسول عشق خدا کا کلام

تجھ سے ہوا آشکار بندۂ مومن کا راز
اس کے دنوں کی تپش اس کی شبوں کا گداز
عشق کی منزل ہے وہ عشق کا حاصل ہے وہ
حلقۂ آفاق میں گرمئ محفل ہے وہ.

اقبال جڏهن به ڪنهن موضوع تي ان تعلق سببان اسرار ڪندو آهي يا زور ڀريندو آهي ته اتي ان جو غير تقليدي ذهن تقليدي رويي بدران نسبتِ محمدي صلي الله عليہ وسلم سان وڃيو ملي:

اپنی ملت پر قیاس اقوامِ مغرب سے نہ کر
خاص ہے ترکیب میں قومِ رسولِ ہاشمی



Marfat.com

محمد سعيد راشد
مترجم امتياز احمد شيخ

# اقبال سان هڪ مڪالمو

علامہ اقبال رحہ جو هڪ ذي شعور عقيدتمند سيد محمد سعيد الدين جعفري بہ هو. جيڪو جج جي عهدي تي فائز هو. اڪثر علامہ اقبال جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو يا ساڻن خط و ڪتابت ذريعي ڪجهہ اعتراضن ۽ سوالن تي بحث ڪندو هو. ١٩٢٣ع ۾ علامہ اقبال ان سيد محمد سعيدالدين جعفري نالي. تاريخي خط لکيا هئا، جن ۾ پاڻ جعفري صاحب جي ڪجهہ سوالن ۽ اختلافن جو جواب ڏنو هئائون. هتي سندن هڪ بحث مڪالمي طور پيش ڪجي ٿو:

سعيد الدين:

نيشنلزم قوم پرستيءَ جو هڪ جديد نظريو آهي ۽ اهوئي قومن جي ترقي جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو. پوءِ بہ توهان ڪي ان نظريي سان شديد اختلاف ڇو آهي؟

علامہ اقبال:

منهنجي خيال ۾ اسلام انسان کي جاگرافيائي حدن کان اتم ڪرڻ ۽ نسلي ۽ قومي هٺ ٺوڪيل (پر انسان جي ابتدائي ارتقا جي مرحلن لاءِ مفيد) اختلافن کي نيست و نابود ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هي ٻين مذهبن، منهنجو مطلب آهي، عيسائيت، ٻڌ ازم وغيره کان بالاتر رهيو آهي. هن وقت ملڪي ۽ نسلي تعصب جي لهر يورپ اڪري ايشيا جي طرف اچي رهي آهي، منهنجي خيال ۾ اها انسان



Marfat.com

ذات لاءِ هڪ وڏي ذلت آهي. ان جي ڪري انسان ذات جي مقصد کي سامهون رکندي اسلام جي اصل حقيقتن ۽ اصل مقصدن تي زور ڏيڻ تمام ضروري آهي، اهوئي سبب آهي جو مان اسلامي نقطہ نظر کي هميشہ اکين اڳيان رکندو آهيان.

سعيد:

پر پهرين تہ توهان جو نقطہ نظر اهو نہ هو؟

علامہ:

شروع ۾ مان بہ قوميت تي يقين رکندو هوس ۽ هندوستان جي متحده قوميت جو خواب بہ شايد سيني کان پهريون مون ئي ڏٺو هو. پر تجربي ۽ سوچ جي وسعت منهنجي خيالن کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي قوميت منهنجي سامهون هڪ عارضي نظام آهي.

سعيد:

تہ ڇا "پين اسلام ازم" هڪ سياسي يا قومي تحريڪ نہ آهي؟

علامہ:

نہ، بلڪل نہ! اسلام تہ هڪ قدم آهي انسانذات جي طرف هي هڪ سوشل نظام آهي، جيڪو عزت ۽ پائيپي جي بنيادن تي ٻڌل آهي، مان جيڪو ڪجهہ بہ اسلام جي باري ۾ لکندو آهيان ان ۾ منهنجو مقصد صرف انسان ذات جي خدمت هوندو آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ.

منهنجي سامهون عمل جي لحاظ کان اسلام ئي انسان دوستيءَ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ جو واحد قابل عمل ذريعو



Marfat.com

آهي.باقي ٻيا سڀ ذريعا فلسفا آهن جيڪي وٽندڙ تہ آهن پر قابل عمل بلڪل نہ آهن.

سعيد:

پر منهنجو ۽ منهنجن ڪجهہ دوستن جو خيال آهي تہ خالص اسلامي حقيقتن کي اڳيان رکڻ سان ۽ انهن کي وري نمايان ڪرڻ سان هندستان جي قومن ۾ نفاق پوندو.

علامہ:

ايستائين تہ مان توهان سان متفق آهيان تہ مسلمان کي محبت جو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حديث آهي تہ "مسلمان دنيا لاءِ شفقت جو مجسمو آهي". پر ان اخلاقي چوٽيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اسلام پنهنجي اصل شڪل ۾ پيش ڪيو وڃي. منهنجو ذاتي طريقو اهو آهي تہ مان دنيا جي سيني مذهبي تحريڪن کي احترام جي نگاهہ سان ڏسندو آهيان. پر اهو احترام مونکي ان تنقيد کان روڪي نہ ٿو سگهي جنهن جو بنياد ايمانداري تي هجي ۽ جنهن ۾ سواءِ خلوص جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي.

پوءِ اهو منهنجو عقيدو آهي ۽ اهو عقيدو ڪو خانداني تربيت ۽ ماحول جي اثرن جو نتيجو نہ، پر ويهن سالن جي غور و فڪر جو نچوڙ آهي. تہ هن وقت انسان جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اسلام آهي. جيڪو شخص مسلمان چورائي ٿو ان جو فرض آهي تہ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي انقلاب آڻي. اهو انقلاب قومي تعصب جي لاءِ نہ پر صرف الله جي خاطر هجي ۽ جيڪڏهن عقلي طاقت رکي ٿو تہ پنهنجي سگهہ مطابق اسلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري تہ



Marfat.com

جيئن انسانذات پراڻين رسمن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري.

مسلمانن لاءِ تہ سياست کان پهريائين اسلام جي تبليغ ڪرڻ ضروري آهي. پر پوءِ بہ ٻئي ڪم گڏوگڏ ڪري سگهجن ٿا.

سعيد:

آخر ۾ هڪ ٻيو سوال، تہ هن زماني ۾ اسلام جو مطالعو ڪيئن ۽ ڪنهن جي ذريعي ڪجي؟

علامہ:

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ايشيا جي قديم مذهبن وانگر اسلام ڪي بہ حال جي روشني ۾ مطالعو نہ ڪيو ويو آهي، پراڻن قرآن جي مفسرين ۽ ٻين اسلامي ليڪڪن اسلام جي وڏي خدمت ڪئي آهي پر انهن جي تحقيق ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي جديد دماغ کي مطمئن نہ ڪري سگهنديون. منهنجي خيال ۾ مجموعي طور تي اسلام جو مطالعو ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي گهرجي تہ امام ابن تيميہ ۽ شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ رحہ جو مطالعو ڪن ۽ دانشورن ۾ ابن رشد رحہ، غزالي رحہ ۽ رومي رحہ جو ۽ مفسرين ۾ معتدل خيال کـــان زمخشري رحہ ۽ اشعري خيال کان رازي رحہ ۽ زبان ۽ محاوره جي لحاظ کان بيضاوي رحہ کان فيص حاصل ڪيو وڃي، پڙهيل لکيل مسلمانن کي گهرجي تہ عربي زبان ۾ ڪمال حاصل ڪن تہ جيئن اسلام جي جديد تفسير ۽ توضيح ۾ مدد ڪري سگهن. مان پنهنجي لکڻين ۾ ڪنهن حد تائين اهوئي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.



Marfat.com

مترجم: راحيل احمد شيخ

صلي الله عليه وآله وسلم

# اقبال ۽ عشق رسول

ڊاڪٽر علامہ محمد اقبال جي زندگي جو سڀ کان وڌيڪ ممتاز، محبوب ۽ قابل تحسين جذبو، عشق رسول صلي الله عليہ وسلم آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان محبت جي عقيدي جو اظهار علامہ صاحب جي لڙڪن سان ڀريل اکين مان ٿئي ٿو ڇو تہ جڏهن بہ ڪو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو نالو وٺندو هو تہ علامہ اقبال رحہ تي جذبات جي شدت ۽ رقت طاري ٿي ويندي هئي ۽ سندس اکين مان بي اختيار لڙڪ لڙي پوندا هئا.

عشقِ رسول صلي الله عليہ وسلم علامہ اقبال رحہ جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو. اقبال رحہ هڪ وڏو فلسفي هو ۽ فلسفي جو سمورو دارو مدار عقل تي هوندو آهي. پر رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت کي عقل جي بنياد تي پرکڻ جي جراءت اقبال ڪڏهن بہ نہ ڪئي. ان معاملي ۾ هو ايمان بِالغَيبِ جو قائل هو. بس جيڪو رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو آهي ان تي اکيون ٻوٽي ايمان آڻڻ سندس عقيدو هو.

هڪ دفعي فلسفي جا ڪجهہ شاگرد گڏجي اقبال رحہ وٽ سندس ميڪلوڊ روڊ واري جاءِ تي آيا ۽ عرض ڪيائون تہ" اسان ٻڌو آهي تہ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ حضور



Marfat.com

اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن هلندا هئا تہ وڻ بہ ڪين سجدو ڪندا هئا اسان کي يقين آهي تہ اها روايت صحيح آهي پر جڏهن مسلمانن جي اها دعويٰ آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات انسانذات لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي تہ پوءِ جڏهن قدرت جا ڪرشما نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن لاءِ الڳ هجن ۽ اسان لاءِ جدا تہ پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جن سيني انسانن لاءِ نمونو تہ نہ ٿا ٿي سگهن؟

علامہ اقبال رحہ هڪدم جواب ڏنو تہ، ”توهان بلڪل سچ ٿا چئو تہ اها روايت صحيح هوندي پر ڳالهہ دراصل اها آهي تہ اها روايت پڙهي توهان جو ذهن مختلف رستن تي ڀٽڪي ويو آهي. توهان قدرت جي نظارن ۽ وڻن جي جهڪڻ کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا آهيو.

پيائرو! هي واقعو تہ صرف عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جن جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان، سندس محبت ۽ عشق ٿو ظاهر ڪري. حضرت عمر رضي الله تعليٰ عنہ جي اک اهو ڏسندي هئي تہ وڻ جهڪي رهيا آهن. جيڪڏهن توهان کي بہ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه واري اک نصيب ٿئي تہ توهان بہ ڏسندؤ تہ اهو لقاء اڄ بہ جاري آهي.

علامہ اقبال رحہ، عالم اسلام جي عزت ۽ احترام ۽ سربلنديءَ لاءِ رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات بابرڪات جي ڪامل پيرويءَ کي لازم سمجهندو هو.

علامہ اقبال رحہ جو اهو ايمان هو، تہ رسول خدا صلي الله عليہ وسلم جن جي اسوة حَسَنَه تي هلڻ سان مسلمان وري اهو مقام



Marfat.com

حاصل ڪري سگهن ٿا. جيڪو اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ صحابہ ڪرام رضہ رسول صلي الله عليہ وآله وسلمِ جن جي رهنمائي ۾ حاصل ڪيو هو.

ان عقيدي جو اظهار ڪندي اقبال رحہ چيو تہ، "منهنجو اهو عقيدو آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن زنده آهن ۽ هر دور جا ماڻهو سندن پاڪ سيرت مان انهيءَ طرح فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. جهڙي طرح صحابہ رضہ جن ڪيو هو".

ديدار رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي باري ۾ هڪ شخص ڪائنن پڇيو تہ "اسان پنهنجي پياري پيغمبر رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو ديدار ڪهڙي طريقي سان ڪري سگهون ٿا ؟" اقبال چيو تہ، "توهان رسول اڪرم صلي عليہ وسلم جن جي اسوة حَسَنه تي عمل ڪريو ۽ پوءِ پاڻ کي ڏسو. اهوئي رسول صلي الله عليہ وسلم جن جو ديدار آهي".

علامہ صاحب هر مومن کي " فوق البشر" سمجهندو هو. سندس نظر ۾ اسلام اهو بهترين نظام آهي جيڪو "فوق البشر" تيار ڪري سگهي ٿو. پر اقبال رحہ شخصيت پرستي جي خلاف هو. علامہ اقبال چوندو هو تہ "اسوه رسول صلي الله عليہ وسلم شخصيت پرستيءَ جي بت کي پاش پاش ڪري ڇڏيو آهي. صحابہ رضہ پاڻ سڳورن جي آڏو جهڪي سندن قدم چندا هئا تہ هڪ دفعي پاڻ سڳورن روئيندي فرمايو تہ:

"بزرگن جي عزت ڪريو ڪين سجدو نہ ڪريو. سجدي جي لائق صرف الله تعاليٰ جي ذات واحد آهي".



Marfat.com

جيئن تہ بيان ڪيو ويو آهي تہ علامہ اقبال رحہ هر صحيح مومن کي فوق البشر" سمجهندو هو ۽ سندس اها دلي خواهش هئي تہ هر مسلمان اسوه رسول صلي الله عليہ وسلمر جو نمونو هجي. علامہ اقبال رحہ پنهنجي سڄي زندگي اسلامر جي خاطر وقف ڪري ڇڏي پر ان جي باوجود بہ کيس اهو افسوس رهيو تہ:

"مان جڏهن پنهنجي گذريل زندگيءَ تي نظر وجهندو آهيان تہ مون کي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي تہ مان پنهنجو گهڻو وقت يورپ جا فلسفا پڙهڻ ۾ گذاري ڇڏيو. جڏهن مونکي ياد ايندو آهي تہ منهنجو والد صاحب مون کي ديني علمر پڙهائڻ چاهي پيو تہ مونکي افسوس ٿيندو آهي تہ باوجود ان جي تہ صحيح راهہ بہ معلوم هئي پر وقت جي حالتن مونکي ان راهہ تي هلڻ نہ ڏنو. بحرحال جيڪو ڪجهہ خدا تعاليٰ جي علمر ۾ هو اهو ٿيو ۽ مون کان بہ جيڪو ڪجهہ ٿي سگهيو مون ڪيو پر دل چاهيندي آهي تہ جيڪو ڪجهہ هو ان کان وڌيڪ هجڻ کپي ها ۽ زندگي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلمر جن جي ڏنل طور طريقن مطابق گذري ها".

علامہ اقبال رحہ ملت جي هر نوجوان کي جاويد جي روپ ۾ ڏسڻ چاهيندو هو "جاويد نامہ" ۾ "خطاب بہ جاويد" ان جو زنده ثبوت آهي.

علامہ اقبال "جاويد" سان مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

ديـــارِ عشق مين اپنا مقـــــــامر پيدا کر،
نيا زمـــانـہ نئي صبح و شامر پيدا کر،
ميــــرا طـــــــريق اميري نهين فقيري هے،
خـــودي نہ بيچ، غريبي مين نـــامر پيدا کر.



Marfat.com

جسٽس ڊاڪٽر جاويد اقبال علامہ اقبال رحہ جي سيرت، شخصيت ۽ ڪلام مان جيڪو اثر ورتو ان جي باري ۾ هو چوي ٿو تہ:

"مونکي اقبال رحہ جي سيرت ۽ شخصيت مان جيڪو معلوم ٿيو، اها اسلام لاءِ سندس بي پناهہ محبت هئي ۽ رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان سندس عشق جو اهو عالم هوندو هو جنهن جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي" اقبال رحہ لاءِ عشقِ مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم هڪ اهڙي بي مثال نعمت هئي جو حضور رسالت صہ ۾ نهايت خلوص ۽ عاجزيءَ سان التجا ڪندي چوي ٿو تہ:

همين يــڪ آرزو دارم ڪـہ جـــاويـــد
زعشق تـــو بگير درنـــگ و بـــونـــے

علامہ اقبال رحہ ڪي بيت الله جي حج ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي روضي جي زيارت ڪرڻ جي وڏي تمنا هئي. مديني ۾ مديني جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جو نالو ٻڌڻ سان ئي اقبال جون اکيون آليون ٿي وينديون هيون، علامہ اقبال رحہ چوي ٿو تہ:

جب مدينے کا مسافر کـــوئي پـــاجاتا هون
حسرت آتي هے يہ پهنچا ، مين رها جاتا هون

علامہ اقبال وٽ احترام رسول صلي الله عليہ وسلم جو اهو عالم هو جو آخري ڏينهن ۾ هو، اهو سوچي ڏاڍو پريشان ٿي ويندو هو تہ ڪٿي منهنجي عمر رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي عمر کان وڏي نہ وڃي.



Marfat.com

مترجم بخت علي سانگي

# علامہ اقبال ۽ مسجدِ قرطبہ

علامہ اقبال جي عظمت هميشہ کان هڪ مفڪر، مدبر ۽ فلسفي جي حيثيت سان تسليم ڪئي وئي آهي ۽ عظمت جو اهو رنگ ايتري قدر همہ گير آهي جو "شاعرِ رنگين نوا" جي گلڪاري ۽ فنڪاري ڏانهن تمام گهٽ توجہ ڏنو ويو آهي. ان جو هڪ سبب تہ شايد خود اقبال جو اصرار هو تہ هو شاعر نہ آهي ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ هن ڪڏهن بہ پنهنجي لاءِ شاعر جو لقب يا خطاب پسند نہ ڪيو ۽ انجو سبب هي هو تہ علامہ اقبال جي دور کان اڳ تائين اردو شاعريءَ جو هڪ مخصوص رنگ ۽ متعين رخ هو. انجي مضمونن ۽ مفهوم جي سيني کي چاڻ هئي. انجي تشبيهن ۽ استعارن ۾ نواڻ تقريباً ختم ٿي چڪي هئي. هاڻي رڳو بندش جي چستي ۽ شاعر جو هڪ مخصوص آهنگ (Diction) هو جنهن سان هو سجاتو ويندو هو ۽ اهڙي طرح عوام کان ڪنجي شاعري محض لفظن جي جادوگري بڻجي چڪي هئي. حقيقت ۾ اهائي اُها شاعري آهي جنهنجي ڪري پاڻ کي شاعر سڏائڻ ۾ علامہ اقبال رحہ کي هميشہ هٻڪ محسوس ٿي، نہ تہ هو پاڻ شعر جي قوت ۽ تاثير جو قائل هو ۽ فنڪار ۽ پيغامبر ٻنهي حيثيتن ۾ شاعر جي عظمت جي باري ۾ هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي اظهار خيال ڪيو آهي.

آءُ ذاتي طور تي ان ڳالهہ جو قائل آهيان، تہ علامہ اقبال رحہ



Marfat.com

جي ڏاهي واري حيثيت کان الڳ شاعر واري حيثيت جو بہ تعين ڪيو وڃي. ممڪن آهي تہ ڪو وقت اهڙو اچي جڏهن عصري تقاضائن تحت اتاريل فلسفيانہ ۽ سياسي مسئلن ۽ انهن جي باري ۾ اقبال جو نقطئہ نظر پراڻو قصو ٿي وڃي، پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو، تہ علامہ اقبال رحہ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ انڪان پوءِ بہ زنده رهندو. ان سان ڪنهن کي بہ اها غلط فهمي نہ ٿيڻ گهرجي تہ علامہ اقبال رحہ جي ڏاهي ۽ مدبر واري حيثيت کي گهٽائي رهيو آهيان. سندس ٻئي حيثيتون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي عظمت جا اُهي بلند مينار آهن جيڪي ڪنهن حاسد جي حسد يا ڪنهن ڪوتاه نظر جي گهٽ ڏسڻ سان نندا نہ ٿا ٿي سگهن. انهيءَ نقطہ ٔ نظر کان هيئين مضمون ۾ "مسجد قرطبہ" جي فڪري ۽ فني خوبين جو جائزو ورتو ويو آهي.

نظم جو موضوع جيتوڻيڪ هڪ تاريخي مسجد آهي، پر پٿرن جي نهيل هي مسجد اسانجي سامهون تمام ٿوري وقت لاءِ اچي ٿي ۽ هڪ جهلڪ کان پوءِ گم ٿي وڃي ٿي. دراصل هڪ روماني شاعر جي حيثيت سان هن کي پنهنجي ملت جي ماضيءَ سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. هو هر وقت انجي روشن مستقبل جي خوابن ۾ گم رهي ٿو. مسجد کي ڏسي هن جي تخيل جو پکي تمام تيز رفتاريءَ سان اڏامڻ لڳي ٿو، ۽ جلد ئي هو مسجد مان اڏامي عشق جي واديءَ ڏانهن نڪري وڃي ٿو، جتي هو مسجد جي اڏيندڙن سان ملي ٿو. عشق جي جذبي جو داد ڏي ٿو. جنهن کان سرشار ٿي ملت اسلاميہ هي لاثاني شاهڪار تخليق ڪيو. جيئن تہ اقبال جي شاعريءَ جو مجموعي تاثر روماني هجڻ سان گڏوگڏ اجتماعي بہ آهي تہ هن کي اهي ماڻهو، انهن جو نظام، انهن جي معاشرت ۽ انهن جا اخلاق ياد



Marfat.com

اچن ٿا.

پوءِ زمان حال مان گذرندي هو روشن مستقبل ۾ هليو ويجي ٿو. ابوالحسن علي ندوي مطابق "علامہ اقبال هن عظيم مسجد کي اسلام ۽ مسلمانن جي تهذيبي علامت، اشاري ۽ رمز (Symbol) جي حيثيت سان ڏنو".

"مسجد قرطبہ" هڪ تاريخي عمارت جو مدح ۾ لکيل قصيدو ناهي، بلڪ انهن سيني تاثرن ۽ جذبن جو عڪس آهي، جنهنجو تجربو هڪ حساس دل شاعر کي ان وقت ٿيو جڏهن هن، انکي ويران حالت ۾ ڏٺو. پر اهڙي موقعي تي شاعر مايوسي ۽ قنوطيت ۾ ونجي وڃڻ بجاءِ هڪ پر اعتماد ۽ پر اميد مسلمان وانگر رجائيت ۽ فتح جا ترانا ڳائڻ لڳي ٿو.

جڏهن شاعر هن تاريخي عمارت کي ڏسي ٿو، جنهن جو نظارو هو ڪنهن بي شعور دولتمند سياح جي ظاهري شيون ڏسندڙ اکين سان نہ بلڪ هڪ دردمند دل ۽ گهرائيءَ ۾ ڏسندڙ اکين سان ڪري ٿو، تہ هن جو تخيل چند گهڙين ۾ صدين جي ان تاريخي عمل مان گذري ٿو، جيڪا پٿرن جي نهيل هن ويران ۽ خاموش عمارت سان وابستہ آهي. اوچتو امام شافعي رحہ جو هي قول هن جي تحت الشعور ۾ ڪر ڪڻڻ لڳي ٿو تہ "اَلوَقتُ سَيفٌ قَاطِعٌ" وقت جي بي رحم تلوار هست کي نيست ڪندي هلي ويجي ٿي. وقت جو تيز رفتار وسيع سمنڊ ايترو تہ بي رحميءَ سان وڌي رهيو آهي جو هر شيءِ ۽ هر ڪوشش جو انجام فنا ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي.

اول و آخـــر فنا، ظاهر و باطـــن فنا،



Marfat.com

## نقش ڪُهن هو ڪہ نَو، منزلِ آخـــر فنا.

مايوسي ۽ قنوطيت جي انهيءَ همہ گير ماحول ۾ شاعر جي تخيل جو پکي اک ڇنڀ ۾ برق رفتاريءَ سان تاريخي سفر ڪانپوءِ چاهي ٿو، تہ تيزي سان فنا ڏانهن ويندڙ هن دنيا ۾ ڪٿي ڪا پير رکڻ جي جاءِ ملي وڃي. ڪو اهڙو نقش، جنهن کي هميشہ قائم رهڻ جو رنگ حاصل هجي. اهڙي حالت ۾ مرد خدا جو عمل ئي اها شيءِ آهي، جنهن کي دائمي بقا حاصل آهي، جيڪو عشق جي قوت سان وقوع پذير ٿئي ٿو. عشق ئي اها بي پناه طاقت آهي، جيڪا وقت جي بي رحم وهڪري کي روڪي سگهي ٿي. عشق ئي اها بي پناه طاقت آهي جيڪا وقت جي بي رحم وهڪري کي روڪي سگهي ٿي. عشق ئي اها حقيقت آهي جنهن سان ڪائنات جي بي روح جسم ۾ جان آهي، جيڪو ڪٿي جبرائيل جو دم آهي ۽ ڪٿي مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي دل انهيءَ سان گلن ۾ تازگي آهي. ۽ انهيءَ سان حياتيءَ ۾ خوشبيون آهن. جيڪڏهن ڪو فنڪار پاڻ کي انهيءَ منزل تائين آڻي سگهي، جتي هو پنهنجي تخليق ۾ واقعي پنهنجو خون جگر شامل ڪري سگهي، جتي هن جو تخليقي عمل چند مقرر بي جان اصولن تحت نہ هجي، بلڪہ ان ۾ ايتري قدي ضبط ۽ صبر هجي جو هو فرياد کي جگر جي خون ٽيڻ تائين سيني ۾ جهلي سگهي، اظهار ۽ ابلاغ کان اڳ پنهنجي روح جي گهراين ۾ لهي سگهي، تڏهن اهو مقام اچي ٿو جو جگر جو رت ڦڙو جيڪڏهن پٿر تي وڌو وڃي تہ اهو بہ دل بڻجي ڌڙڪڻ لڳي ٿو ۽ پٿرن جي ٺهيل هڪ عمارت انهيءَ سخت جانيءَ جي نتيجي ۾ پهرين عبدالرحمن الداخل جي مسجد قرطبہ بڻي ۽ جڏهن انکي لفظن جي سانچي ۾ وڌو ويو تہ جذب ۽ مستيءَ ۾



Marfat.com

ٻڌل هڪ ترانو ٻڌجي سامهون آئي ۽ انکي علامہ اقبال جي "مسجد قرطبہ" سڏيو ويو.

**قطـــــره، خون جگر سينہ کـــو بناتا هـــــے دل**
**خونِ جگر سے هي صداءِ سوز و سرور و سرود.**

پوءِ علامہ اقبال جي تخيل جو پکي ٿوري دير لاءِ مسجد جي ٿنين ۽ در و ديوار جو چڪر لڳائي ٿو. مينار جي بلنديءَ تي پهچندي ئي صدين جي خاموشيءَ جي هن جلوه گاهہ مان آذان جو آواز بلند ٿئي ٿو.

مسجد قرطبہ اهڙن شاهڪارن مان هڪ آهي جتي پهچي شاعر کي هي مسجد ناهيندڙ ماڻهو ياد اچن ٿا، ۽ اسلام جو اهو عالمگير پيغام ياد اچي ٿو. جنهن جي طفيل هو دنيا جا امام بڻيا. هن مسجد جو جيڪڏهن کو ثاني ۽ مثال تي ٿکهي ٿو تہ اها مسلمان جي دل آهي ان کانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ.

روحِ مسلـمـان ميـــں هے آج وهـــي اضطـــراب
راز خـــدائي هے يہ کهہ نهيـــں سکتي زبــــان
ديکهئيے اس بـحر کي تہ سے نکلتا هـــے کيا
گـنبذ نيلوفـــري رنگ بـــدلتـــا هـــے کيا!

علامہ اقبال فکر ۽ فن کي ايئن پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو آهي جو هڪٻئي کي جدا ڪرڻ ممڪن ناهي. سندس فڪر بہ عشق جي جذب و مستي ۾ ٻڌل آهي ۽ فن بہ هن جو فرد ۽ قوم ٻئي عشق جي سخت جان قافلي جا هم رڪاب آهن. اهوئي علامہ اقبال جو فڪر آهي ۽ اهوئي سندس فن.



Marfat.com

محمد ياسين شيخ

# ڪلام اقبال جون ادبي خوبيون

(ڪتاب "اقبال ڪامل" تان ماخوذ)

اقبال مشرق جو شاعر هو ۽ شاعريءَ کي پيغمبري سمجهندو هو. اقبال ڪڏهن به پاڻ کي فلسفي نه چيو ڇو ته اقبال پاڻ ئي چيو ته "منهنجو ڪوئي نظامِ فلسفو نه آهي پر اصل فلسفي جو مقصد نظامِ خيالات تي غور ڪرڻ آهي، جنهنجو تعلق عقل سان آهي." اسان اقبال کي شاعري جي بنياد تي فلسفي نه ٿا چئي سگهون، پر عقل جي بنياد تي فلسفي چئي سگهون ٿا. اقبال پوري ڪائنات جو تصور ڄاڻيندو هو ۽ ان کي شاعريءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو. جيڪي ماڻهو اقبال جي ڪلام ۽ زندگي کي هڪ شاعر جي حيثيت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي اقبال جا صحيح پيروڪار ٿي سگهن ٿا. پر جيڪي ماڻهو ان کي بحيثيت فلسفي ۽ سياستدن جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا انهن لاءِ اقبال جو ڪلام ۽ زندگي هڪ مشڪل جو سبب ٿينديءَ، ڇو ته اقبال اول کان وٺي آخر تائين هڪ شاعر جي حيثيت سان زندگي گذاري.

اقبال شاعريءَ جي وسيلي جيڪو به پيغام ڏنو اهو هميشه انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ هو. جيڪڏهن اسان سندس شاعري ذريعي ڏنل پيغام تي غور ڪنداسين ته اسان کي اهو معلوم ٿيندو ته اقبال جو شمار دنيا جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو.



Marfat.com

هن مضمون پڙهڻ مان ٿي اسان کي خبر پوندي تہ اقبال شاعر هو نہ کہ فلسفي. پر هن مهل تائين ماڻهن علامہ اقبال جي شاعرانہ حيثيت کي بلڪل نظر انداز ڪيو ۽ دنيا جي سامهون اقبال کي هڪ فلسفي ۽ هڪ سياستدان جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ذات متعلق جيڪي بہ مضمون لکبا رهن ٿا ان سان هڪ مستقل لٽريچر پيدا ٿيندو ٿو وڃي جيڪو "اقباليات" جي نالي سان مشهور آهي. ادبي حيثيت سان ان جي شاعراني ذات تي ٿورا مضمون لکيل آهن.

ان موقعي تي جيڪڏهن اسان تصور ڪنداسين تہ ڊاڪٽر صاحب جي ڪلام جي تنقيد ٻن طريقن سان ٿي سگهي ٿي، هڪ قديم ٻيو جديد، ٻنهي طريقن سان هڪ سني تنقيد ٿي سگهي ٿي ڇو تہ ڊاڪٽر صاحب جديد دور جو روشن خيال ماڻهو هو ۽ قديم تهذيب جو يادگار هو ۽ جديد دور کان وڌيڪ هن جو رجحان قديم دور ڏانهن آهي.

اقبال جي نظم جون جيڪي بہ صنفون قديم دور کان آهن، اڄ بہ اهي ساڳيون آهن جيڪي انساني جذبات ۽ ماحول سان گڏ آهن. اسان کي ايترو سمجهڻ گهرجي تہ شعر جا جذبا ماحول سان گڏ هجن تہ اهو شاعر جديد رنگ جو حامل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان عروض جي خلاف ورزي ڪئي تہ شاعري جو فلسفو ئي تباهہ ٿي ويندو. ان سان گڏوگڏ اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ شاعر جو ڪم تعمير هجڻ گهرجي نہ ڪو تخريب.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪلام جي تنقيد ۾ قديم ادبي طريقي



Marfat.com

سان تنقيد کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگھجي، پر جديد ادبي طرزِ تنقيد مطابق ڊاڪٽر يوسف حسين خان پروفيسر تاريخ و سياست، جامع عثمانيہ، هڪ نهايت مفصل مضمون، اردو رسالي جي "اقبال نمبر" آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ لکيو آهي ۽ ان کان پوءِ هن پنهنجي مشهور ڪتاب "روحِ اقبال" ۾ شامل ڪيو آهي.

قديم ادبي طريقي جي تنقيد کان وڌيڪ جديد ادبي طريقي واري تنقيد وڌيڪ اهميت رکي ٿي جنهن جا ٽي جزا نهايت اهم آهن. جيڪي بيان ڪجن ٿا.

**(ا) رومانيت:** رومانيت شعر و ادب جو اهو قسم آهي جنهن ۾ خيال ۽ جذبي جو تمام گھڻو زور هوندو آهي ۽ هن ۾ انهن پنهي جي ڪائي انتها نہ هوندي آهي. ان لاءِ شاعري جو هي قسم غير محدود دل ۾ جڳهہ رکندو آهي. شعر ۽ ادب، جذبي ۽ خيال کانسواءِ روح کان بلڪل خالي هوندو آهي.

هڪ دفعي سائنسدان والٽيئر هڪ مشهور اداڪار جي اداڪاري ڏسي چيو تہ هي نهايت غير جذباتي قسم جي اداڪاري آهي. هن اداڪار جڏهن شڪايت ٻڌي تہ جواب ۾ چيائين: "توهان جهڙي اداڪاريءَ جي مون مان توقع رکو ٿا. ان لاءِ ضروري آهي تہ انسان جي جسم ۾ شيطان هجي". والٽيئر جواب ڏنو تہ: "ان ۾ کهڙو شڪ آهي تہ هر آرٽ ۾ ڪمال پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ آرٽسٽ جي جسم ۾ شيطان هجي". والٽيئر جو اهو مقصد هو تہ هر تخليقي آرٽ جذبي سان وجود ۾ اچي ٿو جيڪا هڪ شيطاني قوت آهي. قديم مشرقي ادب ۾ شاعري جو هي قسم بہ ڪا نئين شيءِ نہ آهي. غزل جي مستقل



Marfat.com

صنف ان قسم جي شاعري لاءِ وقف آهي، پر ڊاڪٽر صاحب جي سامهون ان قسم جي شاعري لاءِ ڪوڙا، نقلي ۽ فرضي جذبا جيڪي غزل ۾ ظاهر ڪيا ويندا آهن، ضروري ناهن بلڪ خود شاعري اندر جذبو هجڻ گهرجي ۽ بغير جذبي جي شعر ڪنهن به فنِ لطيف ۾ اثر پيدا نه ٿو ڪري سگهي ۽ ٻڌڻ ته ڇا پڙهڻ واري ۾ به جذبو هجڻ گهرجي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي شاعري ۾ جذبات بيان ڪيا آهن اهي نقلي نه پر خود ان جي اندر ۾ جذبات ڀريل آهن. انڪري ان شاعري کي رومانيت واري شاعري جو نالو ڏنو ويو آهي.

(٣) **ڪلاسيڪيت:** ادب ۽ آرٽ جو هي اهو قسم آهي جنهن ۾ خيال ۽ جذبي جو زور نه هوندو آهي، پر فن جو طريقو ۽ ظاهري قسم جو خيال زياده موجود هوندو آهي. مغربي ادب ۽ آرٽ جي تاريخ ۾ هن شاعراڻي ذات کي ”ڪلاسيڪي“ چئبو آهي.

اها ذات واقعه نگاري ۽ تاريخي مضمونن لاءِ زياده فائيديواري هوندي آهي. ان ڪري هن ۾ ڪلاسيڪيت کي گهٽو استعمال ڪيو ويندو آهي. اقبال پنهنجي ڪتاب ”بالِ جبريل“ ۾ ڪلاسيڪيت جو ڏاڍو ذڪر ڪيو آهي. هن کي پڙهڻ سان انسان جي دل ۾ اهي تاريخي آثار گذرن ٿا. جيڪي عرب جي فاتحن جي شوق واري عمل جو آئينو آهن.

ڊاڪٽر صاحب جيڪي خودي ۽ بيخودي جون حڪايتون لکيون آهن، اهي به هن قسم ۾ شامل آهن. هن مان اهو ظاهر ٿيو آهي



Marfat.com

تہ علامہ صاحب جي ڪلام ۾ انيڪ ادبي خوبيون آهن.

(٣) **رمزيت:** رمزيت بہ هڪ شاعري جو قسم آهي جنهن جو مقصد آهي ڪا شيءِ راز ۾ لڪيل هجي ان ڪي شاعري جي انداز ۾ بيان ڪرڻ کي رمزيت چئبو آهي. اقبال بہ رمزيت ۾ گهڻا دفعا گفتگو ڪئي آهي ۽ يورپ وارن بہ رمزيت کي قديم اسلامي ادب مان اخذ ڪيو آهي.

رمزيت هميشہ صوفيائہ، فلسفيائہ ۽ ڪڏهن ڪڏهن سياسي مسئلن لاءِ بہ استعمال ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر صاحب بہ رمزيت کي ايئن ئي استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو فلسفہ خودي بہ رمزيت جو مثال آهي.

انسان بهيميت ۽ ملڪيت يا خير و شر ٻنهي جو مجموعو آهي. جيڪڏهن ان مجموعي جا ٻئي جزا الڳ الڳ ڪبا تہ ان سان مڪمل خودي نہ ٿي پيدا ٿي سگهي. شيطان خودي ۽ لذت پرستي جو مجموعو آهي. جيڪو هميشہ حق جو اعتراف ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي. انساني ڪوشش جو نالو ضبط، آئين ۽ مذهب و اخلاق آهي. هن مسئلي کي ڊاڪٽر علامہ اقبال پنهنجي مشهور نظم "ميلادِ آدم ۽ انڪارِ ابليس" جي قصي ۾ بيان ڪيو آهي.

دنيا ۾ انسان جڏهن پنهنجي خودي کي مڪمل ڪندو آهي تڏهن شيطان بہ ان جي سامهون سجدو ڪندو آهي ۽ پوءِ هو زندگيءَ جي مقصود تي پهچندو آهي.



Marfat.com

زاهد گل تنيو

# فڪرِ اقبال رح

اسلام ۾ انساني مساوات، مذهبي رواداري ۽ احترامِ آدميت تي تمام گھڻو زور ڏنو ويو آهي-احترامِ آدميت اسلام جي اهم اصولن مان هڪ آهي، قرآن ۾ آهي تہ لَقَد كَرَّمْنَا بَنِي آدَمَ (بني اسرائيل ٧٠) "اسان آدم جي اولاد کي واجب التڪريم ڪري ٻڌايو آهي" اهو اصول، ذات پات يا رنگ و نسل ۽ ملڪ تي منحصر نہ آهي، پر ان جو بنياد ذاتي فضائل، اڪتسابِ هنر، شخصي قابليت ۽ ڪردار جي معيار تي آهي-ڪنهن بہ معاشري ۾ اخلاق جي حيثيت بنيادي ليکي ويندي آهي، ۽ مڪارمِ اخلاق جو بنياد انؑ تي رکيو ويندو آهي ۽ افعال ۽ جذبن جو مطالعو ڪيو ويندو آهي ۽ ان تحت ماڻهن جي حقن ۽ فرائض، عائلي قانونن، تمدن، معاشي ۽ معاشرتي حد بندين جو تعين ڪيو ويندو آهي ۽ اخلاقي اصولن جو نفاذ تربيت جو محتاج آهي.

علامہ اقبال جي ڪلام ۾ فضائلِ انساني جو ڀرپور ذڪر آهي ۽ ان ۾ قرآن مجيد جي مخصوص اصطلاحن جي مدد سان واضع ڪيو ويو آهي، قرآن شريف جي چوٿين سورت النساء ۾ مسلمانن جي اجتمائي زندگيءَ جا قاعدا بيان ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ معاشرتي حد بنديون ۽ تعزيري قانون شامل آهن. فتح مڪہ جي موقعي تي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "مهرباني آهي انهيءَ خدا جي، جنهن توهان کان جاهليت جا عيب ۽ تڪبر دور ڪيو ۽ تمام



Marfat.com

انسان ۾ن حصن ۾ تقسيم ڪيا. هڪڙا نيڪ ۽ پرهيزگار جيڪي خدا جي نظر ۾ عزت وارا هوندا ۽ ٻيا فاجر ۽ شقي القلب جيڪي الله جي نظر ۾ ذليل آهن ورنه سڀ انسان آدم جو اولاد آهن ۽ الله تعاليٰ آدم کي مٽي مان ٺاهيو آهي".

آخري حج جي خطبي جي موقعي تي حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته "اي ماڻهئو! خبردار! توهان جو خدا هڪ آهي. ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي ۽ ڪنهن گوري کي ڪنهن ڪاري تي ڪائي فوقيت نه آهي ۽ الله جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ اهو آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ پرهيز گار آهي". الله جي نزديڪ بني نوع انسان بحيثيت انسان جي سڀ برابر آهن، فرق صرف تقويٰ جو آهي. انهيءَ لاءِ علامه اقبال پنهنجي ڪتاب "مثنوي جاويد نامه" ۾ هن حقيقت کي هن طرح سان بيان ڪيو آهي ته:

برتر از گردون مقامِ آدم است
اصلِ تهذيب احترامِ آدم است

اقبال تقويٰ جي مفهوم جي اهميت کان بي خبر نه آهي. تقويٰ جو اصل مفهوم بيان ڪندي چوي ٿو:

توهم از بارِ فرائض سرمتاب
بر خوري از عنده حسن الماب

يہ ايک سجده جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے ديتا ہے آدمي کو نجات

انهيءَ تقويٰ جي باري ۾ علامه اقبال رحه وري ٻي هنڌ چوي



Marfat.com

ٿو ته:

چون فنا اندر رضائے حق شود
بندهء مؤمن قضائے حق شود

اقبال متقي جي بجائي بندهء مومن جي اصطلاح استعمال ڪري ٿو، انهيءَ ڪان پوءِ اسلام جي رڪنن جهڙوڪ نماز، روزه، حج ۽ زڪوات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

این همه اسبابِ استحکام تست
و محکم اگر اسلام تست

شکوه ۾ علامه اقبال عدل جي باري ۾ چوي ٿو ته:

عدل هے فاطرِ هستي کا ازل سے دستور

احترامِ آدميت لاءِ علم ضروري آهي، پر اقبال رحه جي نظر ۾ اهو علم جنهن ۾:

وه علم اپنے بتون کا هے آپ براهيم
کيا هے جس کو خدا نے دل و نظر کا نديم

زمانه ايک، حيات کائنات بهي ايک
دليلِ کم نظري قصهء جديد و قديم

هن جو مقصد هي آهي ته علم دين کان جدا رهي نه ٿو سگهي.



Marfat.com

ڪيدت فدا جتوئي

# تصوف روميؒ، لطيفؒ ۽ اقبالؒ جي نظر ۾

تصوف نفس جي پاڪيزگي، دل جي پاڪيزگي، احسان، اخلاق ۽ عشق الاهي يعني حق سان لنئن لڳائڻ جو نالو آهي. اگر اسين، لفظ تصوف جي مادي تي غور ڪريون ٿا، تہ اسان ڪي مختلف محققن، عالمن ۽ دانشورن جي راءِ مطابق ڪيئي مادا نظر اچن ٿا. جيئن: صوف، صف، صفا، صفہ، صفه صوفيا، سوفوس وغيره. محقق ۽ دانشور ان ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ "تصوف" جو مادو "صوف" کي قرار ڏنو وڃي. ان ڪري جو تارڪ الدنيا عيسائي راهب اڳي اُنَ جي لباس "صوف" کي پائيندا هئا. جن کي ڏسي انهن جي پيروي ڪندي مسلمان صوفين ۽ درويشن بہ گيڙوءَ ان جو لباس "صوف" پهرڻ شروع ڪيو. انهيءَ لباس جي ڪري ماڻهو ڪين صوفي سڏڻ لڳا.

منهنجي خيال مطابق لفظ تصوف جيڪو عربي ٻولي مان ورتل آهي، ان جو بنياد "صفا" لفظ تي سگهي ٿو. جنهن جي وصف ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "جامع سنڌي لغات" ۾ ڪجهہ هن طرح بيان ڪئي آهي: تصوف (ع): صفا= صاف ٿيڻ، خلاص ٿيڻ، پوتر، شفاف، نرمل، اوجل.

اصطلاحي لحاظ کان لفظ تصوف جي معنيٰ صاف ٿيڻ، نفساني خواهشن کان پاڪائي، دل جي صفائي، دل جو آئينو صاف ڪرڻ،



Marfat.com

رياضت ڪرڻ، وغيره. مطلب تہ تصوف جي اصطلاحي معنيٰ يا مفهوم اهو آهي، تہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي سڌاري ۽ خدا جي خلقيل مخلوق سان محبت ۽ پيار ڪري ۽ ان جي اصل حقيقت کي سمجهي. تصوف بابت مسٽر هچنس پنهنجي مختصر انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيو آهي، تہ تصوف مذهبي عقيدي جو هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن جو بنياد رب تعاليٰ جي ذات خداوندي جي هجڻ بابت انسان جي ذاتي ۽ روحاني، تجربي ۽ مشاهدي تي آهي. هي عقيدو ڪنهن خيال، اصول ۽ دليل تي بہ نہ آهي".

اصل حقيقت اها آهي تہ هڪ انسان جي ناتي اُن کي خدا سان عشق ۽ ان جي عاجزي ڪرڻ لازم آهي. ڇو تہ عشق هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو داخلي ۽ خارجي شين کان ڊچندو ناهي ۽ اها بہ مڃيل حقيقت آهي، تہ عشق هڪ اهڙي سچائي آهي، جنهن کي ڪابہ طاقت فنا نہ ٿي ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي، جو صوفين عشق کي متانهون درجو ڏنو آهي. صوفين جو چوڻ آهي تہ انسان صرف مادي جانور نہ هجي، پر سندس مول مقصد الله تعاليٰ جو ذڪر و فڪر هجي ۽ الله کي ئي پنهنجو خالق مالڪ سمجهي، ايتري قدر جو ان جي ذڪر ۽ فڪر کان وار بہ واندو نہ ويهي. انهيءَ ڪري چوندا آهن، تہ جو دم غافل، سو دم ڪافر".

هڪ صوفيءَ کي صوفيانہ مقام ۽ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ روحاني منزلون طئي ڪرڻيون پونديون آهن. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جهڙين منزلن مان پاڻ کي پار ڪرڻ لاءِ صوفي، نہ صرف پنهنجي اماره نفس جي برخلاف ٿئي ٿو، پر هو، هر انهيءَ خواهش کي ڌڪاري ٿو ڇڏي جيڪا هن جي راهہ ۾ رنڊڪ جو باعث



Marfat.com

ٿي ٻڌجي.

لطيف سرڪار پڻ انهن ڇئن منزلن جو راز ڄاڻائيندي فرمائي ٿو تہ:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ
منيو حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻ ڪان پالهو رهين.

نظرياتي لحاظ کان صوفي ٻن خاص نظرين جا حامي آهن.

١. **وجوديہ.**

٢. **شهوديہ.**

١. **وجوديہ**:- هي اهي صوفي آهن، جيڪي وحدت الوجود کي مڃين ٿا. هن نظريي کي مڃڻ وارن صوفين جو اهو عقيدو آهي تہ " ڪائنات ۾ سواءِ خدا جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، خالق ۽ مخلوق جو جوهر هڪ آهي".

هي نظريو حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ فلسفيانہ رنگ ڏئي پيش ڪيو. جنهن جو مطلب اهو آهي، تہ هر نظر ايندڙ شئي خدا آهي. ان ڪري ان جا پيروڪار "همہ اوست" (سڀ ڪجهہ اهو آهي) جا پڪا مڃيندڙ آهن. سندن نعرو "هوالڪل" آهي. مطلب تہ انسان سان خدا جي نسبت ايئن ئي آهي، جيئن سمنڊ جي پاڻيءَ جي قطرن سان يعني سمنڊ وحدت آهي ۽ پاڻيءَ جا قطرا ڪثرت. جيئن، سج وحدت آ ۽ ڪرڻا ڪثرت، تيئن خدا وحدت آ ۽ خلق ڪثرت. مرزا غالب ان ڳالهہ کي صاف ۽ واضع لفظن ۾ بيان ڪندي چئي ٿو تہ:



Marfat.com

عشرت قطره هے ، دريا مين فنا هوجانا

٢. **شهوديہ**:- هن نظريي کي ميڄيندڙ صوفي "وحدت الشهود" جا پيروڪار آهن. هن نظريي جي ميڄيندڙن جو اهو خيال آهي، تہ هيءَ ڪائنات پاڻ تي خدا نہ آهي مگر ان جو سايو يا پاڇو آهي".

ان مان اهو واضع آهي تہ ڪائنات پنهنجو وجود نہ ٿي رکي، يعني وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ٻنهي ۾ تقريباً برابري آهي. هي نظريو يارهين صدي هجريءَ ۾ حضرت مجدد الف ثاني رحہ پيش ڪيو. دراصل هن نظريي جو اصل مطلب اهو آهي، تہ هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، هڪ آئيني مثل آهي، جنهن ۾ الاهي صفات جو عڪس نظر اچي ٿو.

اگر آءٌ انهن ٻنهي نظرئين کي وڏيڪ تفصيل سان بيان ڪندس، تہ اهي ڪنهن مقالي جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿا. تنهن ڪري هتي مون ٻنهي نظرين جو صرف تت پيش ڪيو آهي ۽ وڌيڪ مطمئن ڪرڻ لاءِ هيٺ واضع خاڪو ڏجي ٿو.

| **وحدالوجود (هوالکل)** | **وحدت الشهود (هوالهادي)** |
|---|---|
| نظريو: همہ اوست | نظريو: همہ از اوست |
| تصوف جو لاڙو سڪون جي طرف | تصوف جو لاڙو جوش جي طرف |
| مائل (مان ۽ هو جدا نہ آهيون) | مائل (مان هن سان گڏ هو مونسان گڏ آهي) |
| وصل | عشق |
| اعتقاد مان ڪير؟ اناالحق | اعتقاد مان ڪير؟ انا عبده (عشق) |

ٻي صدي هجريءَ جي شروعات ۾ عباسين جي حڪومت جي



Marfat.com

لازوال وقت اسلامي دنيا ۾ ڪجهه اهڙا مسئلا پيد اٿي چڪا هئا جو ماڻهن ۾ گمراهي ڦهلجي رهي هئي. مسلمانن جي ذاتي ۽ مذهبي زندگيءَ تي خراب اثرات پئجي رها هئا ۽ هو دين اسلام کان پري ٿيندا پئي ويا.

ان وقت جي نهايت پيچيده نازڪ حالتن جي نتيجي ۾ پرهيزگار ۽ متقي ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ٿيو، جنهن هن دنيا جي طبقاتي ۽ بري ماحول کان قطع نظر ٿي، صرف ۽ صرف خدا جي عبادت ۽ ان جي بندگي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀلو سمجهيو. يعني انهن هن زماني جو رنگ ڏسي هڪ الڳ زندگي اختيار ڪئي. ڪجهه وقت گذرڻ بعد انهن الهه لوڪ ماڻهن جي گروهه کي "صوفي لقب سان ياد ڪيو ويو."

اسلام جي تاريخ ۾ سڀ کان اول جيڪي شخص "صوفي" لقب سان مشهور ٿيا، انهن مان پهريون شخص "ابوالهاشم" هو. ان کان سواءِ اسان کي ان دور جي ٻن وڏن صوفين "جابر بن حيان" ۽ ذوالنون مصري" جا نالا به مليا آهن. هن ٻنهي صوفين جو ذڪر ابن نديم پنهنجي ڪتاب "الفهرست" ۾ ڪيو آهي. مطلب ته تصوف جي باقاعده شروعات ٻي صدي هجريءَ کان ٿئي ٿي. اهڙي طرح تصوف جو اهو سلسلو وقت جي رفتار سان مقابلو ڪندي، اڄ ڪالهه دنيا جي تقريباً هر مذهب ۾ پنهنجو وجود پختو ڪري چڪو آهي.

تصوف جي وسيع تاريخ ۾ بيبي رابعه بصري، حضرت حسن بصري، معروف ڪرخي، جنيد بغداد، منصور بن حلاج، امام غزالي، شيخ عبدالقادر جيلاني رحه شيخ فريدالدين عطار، مولانا جلال الدين



Marfat.com

رومي، حضرت خواجہ نظامر الدين وليا، خواجہ باقي بالله ۽ حضرت مجدد الف ثاني سرهندي جهڙيون خاص شخصيتون قابل ذڪر آهن. جيڪڏهن تاريخ تي گهري نظر وڌي وڃي تہ مولانا رومي رحہ ستين صدي هجريءَ جي صوفين ۾ هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. مولانا رومي رحہ جي مثنوي کي جڏهن چڱي طرح پرکي ڏسون ٿا تہ اسان کي سندس شاعريءَ مان صوفيت، وحدانيت ۽ يڪانگت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. حضرت رومي رح پنهنجي مثنوي ۾ عشق الاهي کي گهڻي اهميت ڏني آهي، سندس اهو عقيدو هو تہ "عشق ئي انسان جي عبادت ۽ نيڪين جو سرچشمو آهي".

علتِ عاشق زعلت ساجد است،
عشقِ اصطرلاب اسرار خداست.

يعني عشق ڪائنات جي اها قوّت آهي، جنهن جي ڪري ئي ڪائنات ۾ خدا جي هر خلقيل شيءَ پنهنجي وجود حقيقي طرف مائل آهي. هڪ ٻئي هنڌ رومي رحہ ان ڳالهہ کي وڏيڪ اهميت ڏيندي فرمائي ٿو تہ:-

لا ابالي عشق باشد نے خردِ عقل جويد کران سودے برد
نے خدارا امتحانے مي کندنے در سود و زبانے مي زند

رومي رحہ عشق الاهي ءَ جي ڀرپور ڀنيرائي ڪندي چوي ٿو تہ هيءَ هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو دليل کان بلڪل الڳ حيثيت رکي ٿو، ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ بهترين طريقو ۽ تجربو ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ عشق هڪ اهڙي روحاني ڪيفيت آهي جنهن جي حاوي ٿيڻ بعد انسان پنهنجي عقلي ۽ فڪري سوچ وڃائي ويهندو آهي.



Marfat.com

مطلب تہ سندس شاعريءَ ۾ روحانيت، آفاقيت ۽ وحدانيت جو هڪ نمايان سبق سمايل آهي.

مولانا رومي رحہ جي مثنويءَ مان، اها ڳالهہ واضع آهي تہ سندس ذڪر ۽ فڪر جو بُڻ بنياد قرآن ڪريم آهي. سندس مثنويءَ جي باري ۾ هي شعر پوري عڪاسي ٿو ڪري:

"مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن، در زبان پهلوي"

اهڙيءَ طرح جڏهن لطيف رحہ جي شاعريءَ تي نظر وجهون ٿا، تہ اسان کي روايت جي پابنديءَ سان گڏوگڏ، جدت ۽ انفراديت پڻ محسوس ٿئي ٿي. شاہ جي شعر جو تاجي پيٽو تصوف آهي، جنهن ۾ شاھہ انسانيت ۽ عشق الاهيءَ جو پيغام ڏنو آهي. شاھہ صاحب رحہ جي شاعريءَ جي پيڙھہ قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاھہ ڪريم بلڙيءَ واري جي رسالي تي ٻڌل آهي. شاھہ صاحب هڪ مسلمان هجڻ جي ناتي، قرآن شريف کي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو بنياد بڻايو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين،
نئو مـــن لائين پريان سندي پار ڏي.

ان مان اهو واضع آهي، تہ نہ صرف رومي رحہ ئي قرآن ڪريم کي پنهنجو رهنما بڻايو آهي، پر لطيف رحہ بہ ساڳي راھہ اختيار ڪئي آهي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ حضرت روميءَ ونگر شاہ لطيف رحہ تي بہ تصوف جي انهن ٽنهي حالتن (١.خوفِ خدا، ٢. عشق الاهي، ٣. فنا و وصال) جو گهرو اثر نظر اچي ٿي.

شاہ صاحب جي نظر ۾ حقيقت وجود فقط هڪ آهي ۽ هر



Marfat.com

پيدا ڪيل شيءِ سندس مظهر آهي. يعني وجودي تصوف موجب ڪائنات ۾ ڪنهن به شئي ڪي حقيقت وجود ڪونهي ۽ هر ڪنهن شئي جو وجود انهيءَ هڪ ئي حقيقت وجود مان ورتل آهي. شاهه سائين به ساڳي ڳالهه آسان ڪري پيش ڪئي آهي:

پڙاڏو سوئي سڏ، ورُ وائي، جو جي لهين
هئـــــا اڳهين گـــڏ، بـــڏڻ ۾ به تـــيا.

شاهه رحه جو مطلب آهي ته هي سارو جهان پيدا ڪرڻ مان الله تعاليٰ جو مول مقصد اهو آهي، ته انسان پنهنجو پاڻ ڪي سڃاڻي! ان مان اها ڳالهه واضع آهي ته انهيءَ مقصد جي پورائي لاءِ هڪ سڃاڻيندڙ ضروري آهي.

حضرت روميءَ ڪان ڇهه صديون بعد ۾ اقبال سندس سوچ ۽ فڪر کي ڊال سمجهي اپنايو. اينريڪگر جو اقبال روميءَ کي پنهنجو مرشد مڃي ورتو. اقبال ان ڳالهه جو اقرار ڪندي چوي ٿو ته:

مرشد رومي حڪيم پاڪ زاد،
سر مرگ و زندگي برما ڪشاد.

اقبال هن شعر ۾ اهو ٻڌائڻ ٿو چاهي، ته اهو رومي ئي آهي، جنهن جي رهنمائيءَ ۾ مان پنهنجي ذات کي چڱيءَ طرح ڄاتو ۽ سڃاتو آهي، ۽ هو اڳ ئي منهنجي مرڻ ۽ جيئڻ جو راز بيان ڪري چڪو آهي.

منهنجي خيال مطابق اقبال، روميءَ کي پنهنجو رهبر ڪجهه قاعدن، اصولن ۽ اهم ڳالهين جي ڪري ئي مڃيو آهي:

۱. روميءَ جو خدا سان عشق ۽ محبت، سوچ ۽ فڪر ۽



Marfat.com

مقدس قرآن ڏانهن پرپور لاڙو هئڻ.

٢. هن جي مقدس شخصي هڪ عالم هئڻ

٣. هن جي انفراديت هڪ وجودي شاعر جيان هئڻ.

شاعر مشرق علامہ اقبال تصوف جي موضوع کي قرآني نقطہ ء نگاه ۽ پنهنجي روحاني مرشد جي مثنوي جي رهنمائي ۾ شاندار نموني سان بيان ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ "مثنوي" پڙهڻ سان جيڪڏهن "گرميء شوق" پيدا ٿي وڃي، تہ باقي ڇا کپي؟ شوق پاڻ مرشد آهي، مان ڪجهہ وقت کان ڪتابن جو مطالعو ختم ڪري چڪو آهيان. جيڪڏهن پڙهندو آهيان تہ صرف قرآن يا مثنويء روم".

مٿئين قول ۾ اقبال "گرميء شوق" جي حاوي ٿيڻ جو اقرار ڪري ٿو. جنهن مان اهو واضع آهي تہ هن کي حقيقي ذات سان جذبہء عشق و محبت جو ناتو هئڻ جي شديد خواهش آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

خـــودي كـــو كر بلنـــد اتنا كہ هر تقدير سے پهلے
خدا بندے سے خود پوچھے، بتا تيري رضا كيا هے.

اقبال جي هن شعر مان صاف ظاهر آهي، تہ سندس شاعريءَ ۾ وحدانيجت، هيڪڙائپ ۽ پاڻ سڃاڻن جو درس ڏنل آهي. اقبال وجوديہ نظريي کي مجيندي بيان ڪيو آهي تہ:

"حسنِ ازل كي پــيدا، هر چيز مين جهلک هے،
انسان مين و دمک هے، غنچے مين وه چٹک هے"

مطلب تہ تصوف رومي رحہ، لطيف رحہ ۽ اقبال رحہ جي نظر ۾ هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن وسيلي انسان پنهنجي خدا سان پاڪ ۽ پوتر روحاني ناتو جوڙي ٿو.



Marfat.com

8295

Marfat.com